# روشني

## شاهه لطيف جي ڪلام جي لغت

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# روشني

(شاهہ جي ڪلام جي لغت)

تحقيق ۽ ترتيب:
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2017ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر (301)

هن ڇاپي جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# روشني (شاهه جي ڪلام جي لغت)

| | |
|---|---|
| تحقيق ۽ ترتيب: | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| ڇاپو: | پهريون 2000ع، ٻيو جنوري، 2017ع |
| ڪمپوزنگ: | حسين احمد ميمڻ، محمد رمضان ترڪ |
| ٽائيٽل: | اسدالله ڀٽو |
| تعداد: | 500 |
| قيمت: | 900/= روپيا |
| ناشر: | سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنڌ، پاڪستان |

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سو سالا سالگرهه جي مناسبت سان سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي خاص اشاعت

**Catalogue Reference**
Baloch N.A. Dr
Roshni (Dictionary)
Shah latif
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-625-139-2

RSHNI (Dictionary of Shah Jo Risalo)

| | |
|---|---|
| By: | Dr. Nabi Bakhsh Khan Baloch |
| Edition: | 1st: 2000, 2nd: 2017 |
| Quantity: | 500 |
| Price: | 900/= |
| Composed by: | Hussain Ahmed Memon & M. Ramzan Turk |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | contact@sindhila.edu.pk, sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | M/S Pakeeza Printers Hyderabad. |

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# منسوب

شاهہ عبداللطيف جي ڪلام ۽

فڪر جي وڏي ۾ وڏي شارح

**علامہ امداد علي امام علي قاضيءَ**

جي نالي

جنھن پنھنجي فڪر انگيز خطابن ۽ تحريرن ۾

شاهہ جي بين الاقوامي عظمت کي روشن ڪيو

نبي بخش بلوچ

# ناشر پاران

زير نظر لغت جو پهريون ڇاپو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان ان وقت (2000ع) ڇپرايو ويو هو، جڏهن اڃا ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ حال حيات هئا. هن لغت جو اهو پهريون ڇاپو سال ٻن ۾ ختم ٿي ويو ۽ بلوچ صاحب به دارالبقا ڏانهن اسريا. تن ڇهن سالن کان اڪثر محققن، استادن توڙي شاگردن کان اها گهر ٿيندي رهي آهي ته شاهه جي لغت "روشني" کي اٿارٽيءَ طرفان ٻيهر ڇپرايو وڃي. ڪاپي رائيٽس جي مسئلن سبب اهو ممڪن ٿي نه سگهيو. تازو جناب عنايت بلوچ صاحب جيڪو ڊاڪٽر اين اي بلوچ فائونڊيشن جو سيڪريٽري آهي، اٿارٽيءَ جي چيئرمين سان ملاقات ڪئي ۽ فائونڊيشن طرفان لکيل هڪ خط به حوالي ڪيو جنهن ۾ گذارش ڪيل هئي ته ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي سو سالا سالگرهه، جيڪا ڊسمبر 2017ع ۾ ملهائي پئي وڃي، جي موقعي تي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا اٿارٽيءَ طرفان ڇپرايل اهي ڪتاب ۽ لغتون ٻيهر ڇپرايون وڃن، جيڪي هن وقت اٿارٽيءَ جي اسٽاڪ مان ختم ٿي ويون آهن. اٿارٽي طرفان هائوڪار ڪندي فيصلو ڪيو ويو ته ڊاڪٽر بلوچ جي وسيع علمي ۽ ادبي خدمتن جي مڃتا طور سندس سو سالا سالگرهه جي موقعي تي ختم ٿي ويل ڇاپا ٻيهر ڇپرايا ويندا.

"روشني" لغت جي هن ٻئي ڇاپي جي اشاعت ان سلسلي جي ڪڙي آهي. هن کان اڳ هڪ جلدي سنڌي – سنڌي لغت به موجوده انتظاميا ٻيهر ڇپرائي پڌري ڪئي آهي، جيڪا 2006ع ۾ آخري دفعو ڇپي هئي ۽ ڪافي عرصي کان ختم ٿيل هئي.

هن لغت "روشني" ۾ شاهه جي سموري ڪلام جي اصطلاحي ٻوليءَ کي آندو ويو آهي، جنهن سان نئين نسل کي شاهه جي ٻولي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي، هن لغت جي علمي اهميت کان انڪار ڪري ئي نٿو سگهجي. سنڌي ٻوليءَ جي لفظي خزاني توڙي علمي تحقيق جي ميدان ۾ هي هڪ وڏو اضافو ڳڻيو ويندو. جيستائين شاهه آهي ته سنڌي ٻوليءَ به آهي. اسان جي ايندڙ نسلن جيڪڏهن شاهه کي ڇڏي ڏنو، يعني هن جي ڪلام کان اڻ ڄاڻ رهيا ته ڄڻ سنڌي ٻوليءَ کان اڻ ڄاڻ ۽ پري رهجي ويندا. هي لغت مستقبل جي معمارن کي شاهه جي ڪلام کي پرکڻ ۾ وڏي مدد ڏيندي رهندي، جيڪي شاهه کي سمجهڻ چاهيندا. اسان کي اميد آهي ته هي لغت اڳي جيئان هڪ وٿ ثابت ٿيندي ۽ محققن لاءِ "روشني" ٿيندي.

| | |
|---|---|
| 20 سيپٽمبر 2017ع | پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ |
| حيدرآباد، سنڌ | چيئرمين |

# مهاڳ

هيءَ لغت شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۽ ٻوليءَ جي لغت آهي، يعني شاهه جي بيتن ۽ واين ۾ آيل حرفن، لفظن، فقرن ۽ سٽن ۾ سمايل معنيٰ جي لغت آهي. مجموعي طور سان هيءَ شاهه جي اصطلاحي ٻوليءَ جي لغت آهي.

تاريخي لحاظ سان شاهه جي اصطلاحي ٻولي، آساسي (ڪلاسيڪي) نوعيت واري آهي، جيڪا معياري صورت ۾ پهريون پيرو قاضي قادن جي ڪلام ۾ چمڪي ۽ آخر ۾ شاهه جي ڪلام ۾ روز روشن ٿي. وچ واري دور ۾، هڪ طرف ميين شاهه ڪريم، شاهه لطف الله قادري ۽ ميين شاهه عنات رضويءَ جي معياري بيتن ۾، ته ٻئي طرف مخدوم ابوالحسن، مخدوم محمد هاشم ۽ ٻين عالمن جي ديني منظومين ۾ اساسي اصطلاحي سنڌيءَ جو سرمايو وڌيو. ان جي ڀيٽ ۾ شاهه جي ڪلام ۾ سمايل اساسي اصطلاحي ٻوليءَ جو سرمايو وڌيڪ معنوي ۽ مثالي آهي، انهيءَ لحاظ سان، شاهه جي ڪلام جي هيءَ لغت "ڪلاسيڪي اصطلاحي سنڌيءَ" جي پهرين معياري لغت آهي.

شاهه جي رسالي بابت تحقيقي رٿا، ٽيهن سالن کان وڌيڪ وڏي عرصي ۾ ڏهن جلدن ۾ پوري ٿي، جن مان پهرين نون جلدن ۾ شاهه جي پنهنجي ڪلام جي بيتن ۽ واين جي لفظي توڙي اصطلاحي معنيٰ تفصيل سان سمجهائي وئي. ان بعد اهو سلسلو شروع ڪيو ويو ته نون ئي جلدن ۾ سمجهايل معنائون هڪ جداگانه جلد ۾ آڻجن ته جيئن اهو تحقيقي مطالعي لاءِ وڌيڪ مفيد ثابت ٿئي. ان مقصد خاطر، اڳين جلدن واري سڄي مواد تي نئين سر غور ڪري، ضروري ترميمن ۽ اضافن سان اهو به هن لغت ۾ آندو ويو آهي.

هن کان اڳ شاهه جي رسالي مان چونڊيل بيتن يا ڪن سُرن کي سمجهڻ لاءِ ڏکين لفظن جون معنائون لکيون ويون هيون. ميرزا قليچ بيگ، پهريون پيرو سنه 1914ع ۾ سڄي رسالي لاءِ "لغات لطيفي" تصنيف ڪئي، جنهن ۾ دستور موجب سُر- وار ڏکين لفظن جون معنائون لکيائين.* پر جڏهن ڪو صاحب خاص طرح ڏکين لفظن جي معنيٰ لکندو ته هو ضرور انهن لفظن جي معنيٰ لکندو، جيڪو سندس پنهنجي ڄاڻ موجب "ڏکيا" هوندا . انهيءَ ڪري اهڙي لغات ۾ اهي سيئي لفظ اچي نه سگهندا، جيڪي سيني پڙهندڙن لاءِ ڏکيا هجن. هن لغت ۾ رڳو ڏکين لفظن جي معنيٰ نه لکي وئي آهي، پر ڏکين توڙي سولن سيني لفظن جي معنيٰ ڏني وئي آهي، ڇاڪاڻ جو بيتن ۽ واين ۾ سمايل شاهه جي اصطلاحي ٻوليءَ کي سمجهڻو آهي.

هن لغت ۾ لفظن ۽ اصطلاحن سان گڏ حرفن، فقرن ۽ ڪن بيتن جي سٽن جي به وضاحت ڪئي وئي آهي ته جيئن شاهه جي ٻوليءَ ۾ انهن جي استعمال جي صحيح صورت سمجهه ۾ اچي. انهيءَ لحاظ سان، سنڌي لغت نويسيءَ جي دائري ۾ هيءَ لغت هڪ اهم اضافو آهي. شاهه جي بيتن ۽ واين ۾ ڪافي "معنوي حرف" استعمال ٿيل آهن، جن جي نوعيت کي سمجهڻ لاءِ وضاحت ضروري آهي. انهن مان ڪي جيتوڻيڪ ڇوٽا مفرد حرف (مثلاً ته، نه، ڪ) آهن، پر جملن جي معنيٰ تي اثرانداز ٿين ٿا.

---

* "ڪتاب لغات لطيفي، يعني شاهه جي رسالي جي مشڪل لفظن جي معنيٰ سوار. لکيل مرزا قليچ بيگ". ڇاپايل ٻوکرداس تاجر ڪتب، شڪارپور، دفعو پهريون، 1914ع.

انهن جي پيٽ ۾، ڪي لفظ به چوٽا آهن جيئن ته جمَ (متان)، ڪُهَ (ڇو ڇا)، مَل (ورُ) وغيره. پر جملي ۾ انهن جو مطلب لفظي معنيٰ تائين محدود آهي. هن لغت ۾ هيٺين سڀني حرفن کي "معنيٰ طلب" تسليم ڪري، بيتن ۽ واين جي حوالن سان انهن جي معنيٰ لکي وئي آهي:

ته، تب (ته به)، تَپ (ته پڻ)، ته ڪِ(ته ڪي)، توءِ (ته به)
تي (تڏهن)، جي (جڏهن)، جُه (جئن، جو)، جيڪي (=يا ته)
ڪِ، ڪَ، ڪَر، نه، نه ته، ناته، ناتي، يا، مَر، ورَر.

اٿين معلوم ٿئي ٿو ته شايد حرف 'به' جيڪو تصديق، تائيد يا اضافي مفهوم وارو حرف آهي، سو شاهه جي ٻوليءَ ۾ مرغوب نه ٿيو. ان جو هڪ سبب هي ٿي سگهي ٿو ته معنوي لحاظ سان، حرف 'به' شڪ ۽ نقص جي نَفِي وارو آهي ۽ جيئن ته شاهه جو فڪر شڪ ۽ نقص کان بلاتر هو انهيءَ ڪري سندس بيان ۾ حرف 'به' وارن جملن جي استعمال جي گنجائش باقي نه رهي.

شاهه جي بيتن ۽ واين واري ٻولي درسي يا ڪتابي ڪانهي. اها شاهه جي دور واري عام فهم اصطلاحي ٻولي آهي، انهيءَ ڪري هن لغت ۾ لفظن، اصطلاحن، فقرن يا سٽن جي معنيٰ اشتقاقي مفهوم بدران بيتن ۽ واين ۾ سمايل انهن جي اصطلاحي مفهوم مطابق ڏني وئي آهي ۽ پڻ جيئري جاڳندي سنڌي ٻوليءَ جا مثال ڏنا ويا آهن ته جيئن معنيٰ پوري تصديق سان معلوم ٿي وڃي، جيئن ته اها معنيٰ وڏي ويچار سان پر اختصار سان ڏني وئي آهي، انهيءَ ڪري ان جو مطلب پوري طرح تڏهن سمجهه ۾ ايندو، جڏهن ڏنل معنيٰ کي بيت يا وائيءَ جي متن سان ملائي پڙهيو ويندو.

هن لغت کي لغت نويسيءَ جي علمي معيارن مطابق مرتب ڪيو ويو آهي ۽ ان سلسلي ۾ هيٺيان اصول سامهون رکيا ويا آهن:

- شامل حرفن، لفظن، اصطلاحن، فقرن ۽ سٽن کي 'جامع سنڌي لغات" واري ساڳي الف-ب جي پٽيءَ مطابق ترتيب ڏيئي رکيو ويو آهي. فقرن ۽ سٽن جي ترتيب هر نئين لفظ جي لحاظ سان قائم ڪئي وئي آهي ۽ ان ترتيب ۾ مصدرن کي اڳ ۾ رکيو ويو آهي ته جيئن انهن سان نسبت وارن انوکن لفظن جي معنيٰ سولائيءَ سان سمجهائي ۽ سمجهي سگهجي.

- لغت نويسيءَ ۾ معنيٰ بلڪل صحيح صورت ۾، پر اختصار سان ڏيڻي آهي؛ پر هن لغت ۾ جتي وڌيڪ وضاحت جي ضرورت محسوس ڪئي وئي آهي اتي آڏو (ڏنگين ۾) وڌيڪ وضاحت ڪئي وئي آهي. معنيٰ جي اڃان وڌيڪ تفصيل لاءِ رسالي بابت شايع ڪيل تحقيقي جلدن کي ڏسڻ گهرجي.

- جن حرفن، لفظن، فقرن يا سٽن جي معنيٰ لکي وئي آهي، تن لاءِ شاهه جي ڪلام مان مثال ڏنا ويا آهن ۽ آڏو (ڏنگين ۾) بيتن ۽ واين جا حوالا ڏنا ويا آهن ته اهي رسالي جي ڪهڙي سُر ۽ ڪهڙي داستان مان آهن: دستان جو نمبر مٿان ۽ بيت يا وائيءَ جو نمبر هيٺان ڏنو ويو آهي. اهي حوالا رسالي جي تحقيق ڪيل مستند متن (جلد 8-9) جا آهن.

- هر حرف ۽ هر لفظ جي استعمال بابت شاهه جي بيتن ۽ واين مان حوالا ڏيڻ لازمي سمجهيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ جيڪڏهن ساڳئي حوالي ۾ به 'معنيٰ طلب' لفظ موجود آهن ته ٻنهي لفظن جي معنائن هيٺ ساڳيو حوالو شاهدي طور آندو ويو آهي. مثلاً:

- "جان عاشق مٺڻ ماس" (ڪلياڻ 8/4) وارو حوالو 'مٺڻ' توڙي 'ماس' جي معنيٰ هيٺ آندو ويو آهي.

- "مضمضه واتا" (بلاول 6/14) وارو حوالو 'مضمضه' توڙي 'واتا' جي معنيٰ لاءِ ڏنو ويو آهي.

- "مُنا مَنجيءَ اُڪرِنا" (ڪاپائتي 7/1) وارو حوالو 'مُنا' توڙي 'منجي' جي معنيٰ لاءِ ڏنو ويو آهي.

جيئن ته هي شاهه جي ڪلام ۽ ٻوليءَ جي لغت آهي، انهيءَ ڪري ان ۾ ڏکين توڙي سَوَلن لفظن جي معنيٰ کي زيرِ غور آندو ويو آهي: نه فقط لفظن ۽ اصطلاحن توڙي شاهه جي ٻوليءَ جي 'معنوي حرفن' جي معنيٰ واضح ڪئي وئي آهي. ان سان گڏ رسالي جي بيتن ۽ واين ۾ انهن لفظن، اصطلاحن ۽ حرفن جي استعمال وارن فقرن ۽ سٽن جي معنيٰ پڻ لکي وئي آهي. اهڙي طرح هن لغت ۾ شاهه جي بيتن ۽ واين مان گهٽ ۾ گهٽ لفظن، حرفن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ شامل آهي. جملي جن حرفن، لفظن، اصطلاحن، فقرن يا سٽن جون معنائون لکيون ويون آهن، تن جو تعداد ساڍن سترهن هزارن جي لڳ ڀڳ آهي.

ابتدائي رٿا تي هن لغت جي تصنيف جو ڪم آسان ٿي لڳو، پر جڏهن ڪم شروع ڪيو ويو ته تحقيقي تقاضائن کي پورو ڪندي، ڪافي محنت طلب ۽ مشڪل نظر آيو. هيءَ ڪشالو شايد راقم جي زندگيءَ جي آخري علمي خدمت ۽ محنت جو نشان بڻجي، جنهن لاءِ ماشاءَ الله ايتري مهلت ملي، جو سڄو ڪم خير خوبيءَ سان پورو ٿيو.

شاهه سائينءَ جو قوم تي قرض رهيل هو، جنهن جي ادائگيءَ جي مون ڪوشش ڪئي. شاهه جي رسالي تي تحقيق ڪيل ڏهن جلدن ۽ لطيفي ڪلام ۽ ٻوليءَ جي هن تفصيلي لغت جي اشاعت سان اهو قرض ادا ٿيو.

هن ڪم جي تياريءَ ۽ تڪميل لاءِ شروع کان وٺي آخر تائين پنهنجي هڙان وڙان پورائي ڪرڻي پئي. ضروري امداد فقط علامه آءِ آءِ قاضي رح جي پنهنجي فنڊ جي بئنڪ بچت مان يادگار ڪاميٽيءَ طرفان ملي. علامه صاحب شاهه جي ڪلام جو وڏي ۾ وڏو ڄاڻو ۽ شاهه جي فڪر جو وڏي ۾ وڏو شارح هو. هن ٻهريون ٻيرو پنهنجي فڪر انگيز خطابن ۽ تحريرن ۾ شاهه جي بين الاقوامي عظمت کي روشن ڪيو. سندس ان احسان جي شڪر گذاري طور آءٌ هن لغت کي سندس نالي سان منسوب ڪريان ٿو.

آءٌ انهن سڀني سڄڻن جو شڪر گذار آهيان، جن مون کي هن ڪم کي هٿ ۾ کڻڻ لاءِ همٿايو. خاص طرح محترم ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جو جنهن هن لغت جي تياريءَ جي صلاح ڏني ۽ ان جي تڪميل لاءِ وقت بوقت ترغيب ڏني. ٻن ڪارڪنن اياز مرزا ۽ مختيار احمد بلوچ، ڏنل هدايتن موجب رسالي بابت اڳ شايع ٿيل تحقيقي جلدن مان لفظن ۽ معنائن کي اتاريو ۽ پوءِ ان ذخيري کي ترتيب ڏيڻ ۽ ڪمپوزنگ هلندي، پروفن پڙهڻ ۾ مدد ڪئي. ٽئين ساٿيءَ حسين احمد ميمڻ مرتب ڪيل سڄي مواد کي شروع کان آخر تائين ڪمپيوٽر تي هوشياريءَ ۽ هنرمنديءَ سان ڪمپوز ڪيو. اهو ڪم ايترو جلد پورو نه ٿئي ها، جيڪڏهن حسين احمد ان کي وڏيءَ محنت ۽ محبت سان نه اُڪلائي ها.

خادم العلم
نبي بخش

حيدرآباد، سنڌ
24- ڊسمبر 2001ع

● آبُ= پاڻي
ـ آبَ اُڇَلَ (مارئي ٨/٢٧)= گهڻي پاڻيءَ جي وَهْڪَ (وڏي ريلَ سببان اکين مان)
ـ آبُ آگُوندَرو (سارنگ ٣/١١)= صاف سٺو پاڻي جنهن ۾ ڪو ميل نہ هجي.
آتَشِي اوڙاهہ (سري راڳ ٢/ ٢٧) = آتشي هوس وارو اوڙاهہ.
● آتَڻَ (بروو ٢/١٢)= ڪتڻ واري جاءِ جتي سڀ زالون گڏجي ويهي ڪتين.
ـ آتڻِ آءِ (ڪاپائتي ١/١٠)= آتڻ ۾ اچ.
ـ آتڻُ اُجارِئو (ڪاموڏ ٤/١٣)= ڪتڻ واري جاءِ کي سهڻو صاف ڪيو.
ـ آتڻُ اُجهاڻو (راڻو ٤/١٧)= آتڻ وسامي ويو، اجڙي ويو.
ـ آتڻُ اورانگهي وِئا (حسيني ٨/١)= منهنجو آتڻ اورانگهي (ٽپي) هليا وِئا، مونکي منهنجي گهر (آتڻ) ۾ ڇڏي هليا ويا.
ـ آتڻِ رَتُ رُنوءِ (حسيني ٢/٨)= آتڻ ۾ تو رَتُ رُنو
ـ آتڻِ ڪتُم (راڻو ٧/٨)= آتڻ ۾ ويهي چرخو ڪتيم.
ـ آتڻِ هُئي نہ اُن جي (آسا ٧/٢١)= 'اسين' ۽ 'آءٌ' انهن جي ڪتڻ واري جاءِ (آتڻ) ۾ هئي ڪانہ.
● آتَ (ڪاهوڙي ٣/١، آبري ١٠/٤، ديسي ٣/١٣) = اوات= اجائي وات، ڏکي وات.
آتَنِ (ديسي ٦/٥) = اِيذائِجَن، ڪَامَن.
● آتِڻَ = ڳرڻ، جدا جدا ٽڪرن جو پگهرجي ڳري ملي هڪ ٿيڻ. هڪ ٻئي سان گسي پيسي سوڙها ٿي، هڪ ٻئي سان لڳي هڪ ٿيڻ.
ـ آتِي، آتِجي (يمن ٦/٢، آبري ٧/١٧، آسا ٦/١٢) = ڳري ملي هڪ ٿي.
ـ آتِي ٿِيءُ آڳار (يمن ٦/٢٤)=سڙي ٻري ڪوئلو ٿيءُ.
ـ آتِيا (يمن ٦/٢٩)= ڳرِڙهہ ٿيا، سوڙها ٿيا ۽ پگهرئا.
● آپَ - سَرتِيُون (آبري ٤/١٢)= پاڻ جيڏيون.
● آجَا اوڏَ ٿئَا (ڏهر ٣/٥)= اوڏ تڪليف کان آجا ٿئا، ڏن کان آجا ٿئا.
ـ آجائِي ٿِئي (مارئي ١/١٩)= آزادي ٿئي.
● آجڙي= پهنواري، مال واري
ـ آجڙِين (مارئي ١/١٩)=آجڙين کي، پهنوارن کي.
● آجِڪو (ڪاهوڙي ١/٢٠، ديسي ٢/٧، رپ ٣/١٢، رامڪلي ٣/١٥)=(ع. اُذوقَہ) قوت، ثمر، ٻرجهلو، مدار.
ـ آجڪونِ= سندن قوت.
● آجو= ڇُٽل (ٻڌل نہ)، آزاد.
ـ آجو ٿِيو سَڀُ اَنگُ (سهڻي ١/١٣)= هر عضوو (انگ) ان بار کان آجو ٿيو.
● آڇارَ= نمونا، پار، لڇڻ.
ـ اَنڌيءِ اِيءُ آڇارَ (سري راڳ وائي ٣/١)= انڌيءَ (دنيا) جا اهي آڇار آهن، اهي پارَ آهن.
● آڇارُ (ليلان ٢/٥)= معاملو، فيصلو.
● آڇَامُ (فارسي لفظ 'آماچ' يا 'آماج' ۾ اُڇار جي تبديل)= نشان جنهن کي تير هڻجن
ـ "مَحَبتَ جي مَيدانَ ۾ عاشِقَ ٿِيءُ آڇامُ" (ڪليات ٤/١١)= اي عاشق، محبت جي آزمايش ۾ تون نشان ٿي بيهہ.
● آڇاڙا (سري راڳ ٢/١٦، سامونڊري ١/١٣) = پاڻيءَ جا پُورَ، آڏيون وڏيون چوليون ۽ لهريون، وڏا اوسانبَ، وڏيون ويرون.

ـ أَسارِي (سامونڊري ٢/٢٢، کوهياري ١٦/١، سهڻي ٩/٦)= ويسري، بي خبر.
● أَسَان اولاڻو (آبري ١٢/١١)= اسان لاءِ ڏکيو سڏ، اوراڻو، روڄ راڙو، رنج، پٽ پاراتو.
ـ اسان پَنڌُ پرين ڏي (سنهڻي ١٦/٤)= اسان جو پنڌ پنهنجن پرين ڏي.
ـ اَسان سَري نہ اَنَ ري (ڪلياڻ ٢١/٤)= اسان عاشقن جي محبوب کان سواءِ ڪا ڪار سرلي ڪانہ ٿي (نٿي ٿئي)، گهڙي بہ سندس محتاجي کان سواءِ نہ گذري (۽ نٿي گذري).
● أسانهين (سنهڻي ٤/٢، مارئي ١٩/٢)= اسان جي ئي.
● اَسبابُ (ڪلياڻ ٢/٤)= (اصل عربي لغت موجب 'سَبَبُ' جو جمع اسبابُ) سبب، ڪارڻ. (سنڌي اصطلاح ۾ 'اسباب' ،اسم جنس) گهڻيون گڏ انوکيون شيون، گهڻو سامان، سڄو نظارو، عجب رنگ، عجب پسارو ۽ لقاءُ.
● أستخوان (بروو وائي ١/٢)= هڏو (غالباً مولانا رومي ڏانهن منسوب بيت وارو خيال تہ:
مَن زِقران مغز را برداشتيم -استخَوان پيش سگان اندا ختيم
(اسان قرآن جو مغز کنيو، باقي هڏا ڪتن آڏو اڇلايا).
أسرڻ= اپرڻ، مٿي ٿيڻ، وڌڻ.
ـ أسِري (سري راڳ وائي ١/٤، سنهڻي ١٠/١٠)= جذبي سان مٿي چڙهي، اڀٽي وڃي، مٿان پَرَ ڏيئي.
● أسڙڻ= اس ۾ پڪڻ، ڪاڙهو سهڻ.
ـ أسڙان (گهاتو ٧/١)= اُس جو ڪاڙهو سهان.
● اَسُک= ڏک، ايذاءُ.
ـ اَسُک جَن (رامڪلي ١٧/٥)= جن لاءِ اسک (ڏک) آهي.

● اِسلامُ (ڪلياڻ ١٢/٢)= الله جي آڏو سر سجدي ۾ ڪرڻ.
● اِسم (رامڪلي ٧/وائي-٢)= الله جو اسم ذات.
● أسن ۾ آئي (آبري ٦/٨)= ڪاڙهي گداز ڪئي، ڳاري.
● اَسُور (ڪنيات ٢٢/٢، ڪنيات ٢/٣، رامڪلي ٢/٤) = اسر جو، پرڀات کان اڳ.
● أسونہ (ديسي ٢٠/٧)= اڻ سونهين.
● آسُونهِين= اڻ ڄاڻن، ناواقفن، جيڪي سونهيون نہ هيون.
ـ أسُونهِين جِي (آبري ٧/٦، ٢/٨)= بي خبرين جي، اڻ ڄاڻن جي.
● أسُئي (ڪوهياري ١٢/٦)= اڻ- سُئي، اَڻ سُئل، جيڪا سُئل پَٽَل نہ هُجي، گهٽ ڄاتل سڃاتل.
● اسِي اَکِين هَوءِ (آسا ٥/٧)= اسي اکيون هُجَن.
● اَسِي ڪوهَ (ڪنيات ١٣/٥)= اسي ڪوہ (اڱڻ اسي ڪوہ= گهر جو اڱڻ بہ ان لاءِ اسي ڪوہ آهي).
● اشارَتَ (ڪلياڻ ٢٢/١)= 'اشاري' ۾ سمايل معني، معنوي مام، ڳجهارت.
ـ اِشارَتُون (آبري ١/١١، رامڪلي ٣٤/٢)= اشارن ۾ ڏنل اهڃاڻ، اشارن ۾ رازن رمزن جون ڳالهيون.
ـ اِشارَو (يمن ٥/وائي-١)= نظر جو، اکين جو، آگر جو (اهڃاڻ).
ـ اشارو آگُرَ جو (سورٺ ١١/٢)= آگر جو اشارو.
● اَصغرَ (بلاول ١٣/٣)= ننڍو (گناهہ).
● اَصُلِ (ڪلياڻ ٣٩/٤، ٤/٥، ڪنيات ١١/٣)= اصل کان وٺي (جڏهن کان 'عشق' ۽ عاشقن جو سلسلو شروع ٿيو).

● ألا (يمن ۴/١٢، رامڪلي ٢/٣٢)= ٻاڦ جا الان، ٻاڦ جون ڇپيون.
● آلاپُون (ديسي ٦/١٦)= سڏ جون تواريون، ڪوڪارون.
● الارا= چوٽون.
ـ ڏنم الارا (ديسي ٦/١۴)= چوٽون ڏنيم، همت سان چڙهيس.
● الا اللهُ (ڪلياڻ ١/١٠)= سواءِ الله جي، بس هڪ الله.
● اَلله (ڪلياڻ ١/٢٨)= الله پاڪ جيڪو حياتي ڏيندڙ آهي، ۽ جيڪو موت، قضا ۽ تقدير جو مالڪ آهي.
ـ اَللهَ اوتازي، مُنڌَ ماروءَ جي ميڙيين! (مارئي ٩/٦)= يا الله، هيءَ منڌ ماروءَ جي ماڳ تي (ماروءَ سان) ملائين.
ـ الله توهار (سنهڙي ١/١٨، ٣/وائي-١)= يا الله تنهنجي مدد آهر ۽ آسري تي (هيءَ ڪم ڪريان ٿو).
ـ اَللهُ جِنَن نالو، (ڏهر ١/٧)= جنن جو تنهنجو نالو ئي 'اَلله' آهي. ('اَلله' ذاتي نالو آهي خالق جو. لغت جي لحاظ سان اصل لفظ جي معنيٰ 'پيار').
ـ الله لڳ (ڪنيات ٣/٢)= الله واسطي.
ـ اَلله لَڳِ اُهيڃاڻ (ڪوهياري ٣/وائي-٢)= الله ڪارڻ ڏسِ.
● اَلاِنسانُ سِرِيَ وَآنَا سِرِہٗ (ڪلياڻ ١/٢۴، سورٺ ۴/١۴) = (صوفين سالڪن جو مقولو ته) 'انسان منهنجو ڳُجهه آهي، ۽ آءٌ انسان جو راز آهيان.'
"الاهِي توهارَ" (سنهڙي ١/١٨)= "الاهي توهار" ڪري ڳُڻڻي= يا الاهي! تو آهار آهيان، تنهنجي مدد جي آسري آهيان. (ساڳي معنيٰ ۾ ڪم شروع ڪندي چوندا 'اللهَ توهار= يا الله تنهنجي مدد جي آسري سان (هي ڪم ڪريان ٿو).

● اَلبيليون اُٿينِ (مارئي ۴/١٩)= البيليون ٿيو اٿن، ڏک ۽ ستر ڪان بي فڪريون ٿيو، پنهنجي مرضيءَ سان ننڊ مان جڏهن وڻين تڏهن اٿن.
● اَلتائِبُ (سري راڳ ١/١۵)= (اَلتائِبُ مِنَ الذنبِ كَمَنْ لا ذَنبَ لَهُ)= گناه کان توبه ڪندڙ، گناه نه ڪندڙ جهڙو آهي.
● اَلتَحياتُ لِلهِ وَالصلواتُ وَالطيبَاتُ (سورٺ ٣/٢)= سڀ ساراهون هڪ الله کي ۽ صلواتون ۽ مرحبائون (نبي سونهاري کي).
● اَلتِيَم (آسا ۵/٨)= چيم، سڄڻ کي جيڪا ڳالهه چيم.
● اَلَنا (راڻو ٨/١٢)= لهي ويا (رهائيون ڪندي).
● اُلِتي (يمن ١/٩، آسا ۴/٦)= اُبتي، ظاهر ۾ اُبتي.
ـ اُلِتي ڳالهه (آسا ٦/١)= اُبتي ڳالهه، مخفي معنيٰ واري ڳالهه.
● اَلَذِينَ آمَنُوا وكانُوا يَتقُونَ (آسا ٦/١٧)= جن ايمان آندو ۽ جن تقويٰ (پرهيزگاري) ڪئي (پاڻ کي هر گناه کان بچايو).
● اَلستُ بِرَبِكُمْ (يمن ١/٦، مارئي ١/١٠، سنهڙي ٨/٢، ٨/٨)= (قرآن شريف جي سوره نمبر (٧) 'اعراف' جي آيت نمبر - ١٧٢)= جڏهن ورتو تنهنجي رب بني آدم کان، سندس پُٺين مان انهن جي اولاد کان، ۽ اقرار ورتائين انهن کان انهن جي جانين تي: "ته ڇا نه آهيان مان توهان جو رب، چيائون هائو، اسان اقرار ڪيو! (پوءِ) متان چئو قيامت جي ڏينهن ته اسان ان کان بي خبر هئاسون".
● اَلسلامُ عَليكَ اَيهَاالنَبِي (سورٺ ٣/٣)= اي نبي توتي سلام.

ـ أونچي (يمن ٦/٢٢)=اونچي جي، اُچي جي، اعليٰ قسم واري شراب جي، وڏي قيمت واري شراب جي.

ـ أونچيون (مارئي ٦/٥)= پليون .

● أونڏاه= اونڏاهي، ناڪامي.

ـ أجهاڻِ أونڏاهِ (يمن ٤/٢١)= جيڪي وسامي ويا آهن تن ۾ ڪو سوجهرو ڪونهي.

ـ أونڏاهيءَ جو شِرڪ سَهائي (ڪلياڻ ٢/٩، آسا ١/٢٢) = اونڏاهي جو شرڪ سهائي آهي، سهائي کي تڏهن سمجهبو جڏهن اونڏاهي جو تصور رهندو.

● أونهَارو (رپ ٢/١٨)= آرهڙ کان پوءِ گهٽ ۽ بند هوا وارو عرصو.

ـ أونهاري (سارنگ ٢/٢)= اونهاري ۾ ، آرهڙ ۾، سانوڻ جي مينهن کان اڳ.

● أونهون اچَو (ڪارايل ٢/١٥)= اونهون آب، پاڻي.

ـ اونهون تـَرُ (يمن ٥/وائي ١)=جَجهي پاڻيءَ وارو ڪوهه، صاف سٺي پاڻي وارو ڪوهه .

ـ أونهين جا آڳاهَ (سري راڳ ٢/٢١)= عميق سمنڊ جا واقف.

ـ أونهين سِين (ڪارايل وائي ١/١)= اونهين پاڻيءَ سان.

ـ أونهين وِٹا (سامونڊي ١/٣١، گهاتو ١/٤)= وڏي اونهين سمنڊ ۾ ويا، اونهين پاڻيءَ ۾ ويا .

ـ أونءِ (حسيني ٢/١١)= ائين، انهيءَ طرح.

● أوٹا (مارئي ٨/١٦)= گهٽ پـريـل، مُنا پـريل، اڌورا پيريل.

ـ أوٹي (آسا ٣/١٢)= اڌوري، پوريءَ کان گهٽ.

● اَوٹِتِ جـو اَچـارُ (ليلان ٢/٥)= اڻ- وَٹت جـو، ناراضگي جو معاملو، رنج جو معاملو.

● أوهان جِيءَ دانـهَ (سنهڻي ٥/١٢)= اوهان جي دانه جي سماري.

● اوهرڻ= پيڙي يا پيڙو هاڪاري روانو ٿيڻ.

ـ اوهَرِٹا (سامونڊي ١/٤، ١/٣١، ٣٠، ٥/٣)= پيڙا هاڪاري هليا.

ـ اوهَري= وِٹا اوهري (گهاتو ١/٤) (پنهنجيون پيڙيون) هاڪاري وِٹا.

ـ وَجِنِ اوهَري (سامونڊي ٢/٢٣)= (پنهنجيون پيڙيون) هاڪاري پيا وڃن.

ـ أونهين ۾ اوهَرِي (سنهڻي ١٠/٨)= اونهين ۾ گهڙي.

● اوهيرَ (سنهڻي ٧/٩)= أنَ وير، أن مهل.

ـ اوهيرَ أڏامَنِ (ڪارايل ١/١٢)= ان وقت اڏامن.

● اوهيرا (سارنگ ٢/٩)= وقـفي وقـفي بعـد مـينهن جا وسڪارا.

ـ اوهيرِن (سارنگ ٢/١٥)=مينهن جي لاڳيتن وسڪارن.

● أوءِ = اُهي.

ـ أوءِ فـائِقَ ۾ فـرمـان (ڪلياڻ ١/٧)= اهي پـلارا فرمان محبوب کي لازمي سمجهن ٿا.

ـ أوءِ (يمن ٥/٦)= اهي (اڏ- پڙهيا).

ـ أوءِ ٿا ڪَرِين (مارئي ٦/٥) =اُهي ٿا أنَ ڪترين.

ـ أوءِ ڪِين پِئو پُڇَنِ (يمن ٦/٦) = اهي (ميخوار) اڃان ڪنهن پئي جي طلب ۾ آهن.

● أويرَ (آبري ٤/١٠، رامڪلي ٥/١٧)= ديرائتي، دير سان.

● أويسارَ (ڪلياڻ ٢/٢)= نه وسرڻ جهڙي، هميشه ياد.

● أويسي طريقو (ڪاهوڙي ٣/١)= غائبانه محبت ۽

- بولِي پيلي جِي (پرياتي ٢/٢٠)= لس پيلي جي بولي.
- بولِيو (سورٺ وائي ١/٢)= ڏيکڙو ڪيو، هائو ڪئي.
● بولِيو (سورٺ ١١/١)= ڳايو.
● بُوهُ (مارئي وائي ١/٢)= هڪ ٻوٽو، ٻوڙي جو قسم.
● ٻَهه ڪولِ (برور ١٩/٢)= ويجهو ويهه، اچي ويجهو ويهه.
● ٻَهِرِ (ڏهر ١٣/٢، سارنگ ١٦/١، ١٠/٢)= ٻاهر.
- ٻَهِرِ ڪرجها ڪاپڙي (رامڪلي ١٦/٤)= اهي فقير ٻاهران ميرا ۽ لانجها (پر اندر ۾ اُجرا).
- ٻَهَرِ وٺو (راڻو ٣/٧)= (هنيـون جسم کان) ٻاهر نڪري ويو.
- ٻَهران (ڪلياڻ ١٥/٣)= ٻاهران، ظاهر ۾.
● ٻَهُون (يمن ٥/٥، آبري ١٢/١)= گهڻا، سڀ جا سڀ.
- ٻاجهائيج ٻَهُون (برور ٢٤/٢)= ٻاجهه گهُري گهڻو ٻاڏائيج، گهڻيون منٿون ڪجانءِ جئن پرين ڪي ٻاجهه پوي، پرين ٻاجهارا ٿين.
- ٻَهُون نهاري ٻنگَ (سنهڻي ١٤/١)= گهڻو جانچي نهاري گهيڙ (ٻنگ ور).
● ٻنا= ٻيا.
- ٻنا مِڙيئي جامَ (بلاول ١٤/٢)= ٻنا مڙيئي نالي جا ڄامَ، نالي جا سردار.
- ٻنا مِڙيئي مِيرَ (بلاول ١٥/٢)= ٻنا مڙيئي نالي جا مير، نالي جا سردار.
- ٻنا واڄِتَ (سورٺ وائي ١/٤)= ٻيون وڄتون.
● ٻِئَن= ٻين.
- ٻِئَن ڪي (ڪلياڻ ٥/١)= هڪ الله کان سواءِ ٻين ڪي، غيرالله ڪي.
- ٻئَن ڳَر (حسيني ١٦/١٢)= ٻئن وٽ.
- ٻِئَن گهر (حسيني ١٦/١٢)= ٻئن جي گهر.
- ٻِئَنِئُون= (ٻئن+ ئون) (يمن ٢/١)= ٻين کنئُون، ٻين وٽان، ٻين هٿان.
● ٻئو (يمن ٥/٣، ٧/٣)= ٻيو تير.
- ٻئـو (آبري ١٦/٧)= پنهـونءَ کان سـواءِ ٻئـو ڪو (مون سميت).
- ٻئو سَيڪَو (ڪلياڻ ٥/وائي)= سچن عاشقن کان سواءِ ٻيو هرڪو.
- ٻئو ڪِين نه (يمن ٣٤/٦)= ٻئو ڪجهه به نه آهي، ٻي ڪا ڳالهه ئي ڪانهي.
- ٻئي دَرِ (بلاول ٩/٢)= ٻئي ڪنهن در تي.
● ٻَئي اَڪِرِ هيڪَڙي (سارنگ ٥/١)= ٻئي برابر آهن (منـد ڪانهي؛ ٻئي جـڏهن اچن ته اچي وڃن "جـڏهن وسي تڏهن وس، مـند مڙيئي مينهه جي"؛ نينهن به جڏهن لڳي ته لڳي وڃي!).
- ٻَئي پَارَ (سنهڻي ١٢/٧)= ٻئي طرف.
- ٻَئي مُنا (ڏهر ٣١/٣)= لکي گـهوڙي بـه مـئي ۽ لاکو به مئو.
● ٻِي ٻُولي ٻُجَهڻِ ڪانَ ڪا (سارنگ ١٧/٣)= ٻي ڪا ٻولي ماڻهو ڄاڻن ئي ڪانه ڪا (اهائي هڪ 'هئي هئي' واري ٻولي هجين ها).
● ٻِيائي (ڪلياڻ ٣/١، ٣/٣، ٩/٣)= هڪ بدران به ڪري سمجهڻ، دوئي، شرڪ، ٻن وجودن جو خيال، 'آءٌ' ۽ 'هُو' وارو خيال، 'هڪ' ۽ 'گهڻا' وارو خيال.
- ٻِيائي لَهي (آبري ٣/١١)= دُوئي دُور ٿئي، شِرڪُ لهي.

● ٻيءَ روءِ (حسيني ١٢/٨)= ٻيءَ خاص طرح سان (ٻ دل سان ۽ محبت سان)، ٻيءَ خاص نظر سان، ٻيءَ صورت ۾ (جيڪا دل جي محبت سان نظر اچي).

– ٻيءَ ٻيائي (ڪلياڻ ١/٢٣)= هڪ ٻئي کان جدا ٻن صورتن ۾.

– ٻيءَ پٽ ٻاروچن ۾ (ڪوهياري ٦/٢)= ٻروچن وٽ ڪنهن ٻئي نموني ۾ آهي.

– ٻيءَ وٺا (ڪارايل ٢/٥)= ٻيءَ پيٽيءَ ويا، ٻيءَ جاءِ ويا.

– ٻيءَ پَرِ ڪَنھ (ڪلياڻ ٤/٧)= ٻي ڪنهن ٻه ريت سان، ٻئي ڪنهن ٻه حيلي سان.

● ٻيِ پَريِن (رامڪلي ٦/٩)= ٻي طرحين، ٻين طرحن سان، ٻين نمونن سان.

– ٻيِ ڪارِ (سري راڳ ١/٦)= ٻي حاج، ٻي ڪرت، ٻيو ڌنڌو.

– ٻيِ ڏانهن (رامڪلي ٢/٢٧)= ٻي پيٽي ڏانهن، ٻي ڪنهن جاءِ ڏانهن.

– ٻيِ رَهيائي ڪانه (راڻو ١٠/١١)= ٻي ڪا ڳالھ يا پچار باقي نه رهي.

● ٻيسجَلَ توسِين ٻولَ (سورٺ ٣/٤)= اي ٻيسجل! توسان پڪا واعدا ۽ اقرار آهن.

● ٻيجِي (سورٺ وائي ٣/١، ٣/٦)= ٻي، ٻئي.

● ٻيرين (مارئي وائي ٣/١)=(ٻولي آهي، يعني) ٻيرين.

● ٻيَڙَ (آبري ٩/وائي-١)= پرڻيل زال.

● ٻيڙا (سري راڳ ١/١٤، سنهڻي ١/١٨)= رنگدار ٽُڪما، رنگين ڪپڙي ٽُڪرن ۽ رنگين سڳن سان ٺاهيل گل، ڪراين ۾ ٻڌل ٻيڙا، ٻيڙن ٻڌن وارا ڳانا.

– ٻيڙو ٻَڌِڻ (ڪلموڏ ٣/٧)= رنگين ڌورو يا ڳانو جنهن ۾ سرهاڻ جي مُوڙي ٻڌل، جيڪو شاديءَ جي رسم طور ڪنوار ۽ گھوٽ کي ٻڌن.

● ٻيڙِي پُرالِي (سري راڳ ٣/٩)= تنهنجي ٻيڙي پراڻي آهي.

– ٻيڙِيُون (سري راڳ ١/١٤)= هت مراد وڏيون ٻيڙيون، يعني وڏا ٻيڙا جيڪي سمنڊ ۾ هلن.

● ٻيڙِياتا (سامونڊي ١/٣٠)= اي ٻيڙيءَ جا ناکئا!

● ٻيڙِيُون (مارئي ٧/١٨)= پيرن تنگن جون ڪَڙيون (قيد بند واريون).

● ٻيٽ نَہ اُچَهي (سنهڻي ١٠/٥)= ٻيٽ هٿ نه اچي.

● ٻيلاڙِي = ننڍڙو ٻيٽ: وڏي پاڻي جي وچ ۾ وڻن وارو ننڍڙو ٻيٽ (جتي ٻيڙي بيهي ۽ لن جو بچاءُ ٿئي).

– ٻيلاڙِي پانِيان (سري راڳ وائي ١/١)= ننڍڙو ٻيٽ ڪري پانيان.

● ٻيلاڙِي (سنهڻي ٤/١٨)= درياء جي پيٽ ۾ مٿاهين اُوچي ايراضي جنهن تي پاڻي نه چڙهي ۽ جنهن جا وڻ سڪي ويا هجن.

● ٻيلانگَ (ٻروو ٢/٢١)= ٻن انگهن واري ڪتل ڪاٺي، ٻه سانگي ڪتل ٽوڻي.

● ٻيلاڻيُون (حسيني ٩/١٠)= رفيق، مددگار (زالون).

● ٻيلَ ٻَڌِڻ (ڪارايل ٢/٢، ٢/١١)= گڏوگڏ هجڻ، ياري رکڻ، سنگت ٻڌڻ، گڏ هلڻ، دوست ٿي گڏ هلڻ.

● ٻيلَپ= ٻن ڄڻن جو گڏجي هلڻ، ٻن ڄڻن جي رفاقت، سنگت، شراڪت.

– وڏي تان ان واٽ ۾ ٻيلپ ٻيائي (ڪلياڻ ٣/٩)= ان

ساڻ ۾ سندس پيارو پنهون آهي تنهن کي جبلن جي لکن مان لنگهندي شال سوڻ سجايو ٿئي ۽ کبي طرفان تتر نه پولي.

● تَتَو (يمن ٤/٥)= سخت تپش، گهڻو گرم ٿيو.

● تِتي (يمن ١/١٦، ٣/٢٢)= تِت، تنهن محل، تنهن جاءِ، تنهن ماگ.

ـ تِت لائي (آسا ١/١٢)= اُت لڳائي.

● تَبِ= ته به، تَپڻ.

ـ تَپ هرتَ نه ڪِجن هڏيون= ته به اي دوست! ايڏيون ڏاڍايون نه ڪجن.

ـ تَپِ ساڳِي سِلِنِ ڪِينَڪِين (يمن ٦/٥، آسا ٦/٦)= ته به اصل ڳالهه (ساڳي) جي سچي نه ڪن. اصل چوراڻل شيءِ (ساڳي) نه ڏسين. چوراڻي ڏنڏي جا ٻه خاص اصطلاح: 'ساڳي' (اصل) ۽ 'ويڳي' (ٻي عيوض ۾).

تَپڻ (يمن ٢/٢، ٤/٦)= ته وري به، ته وري پيهر.

تَپَڻ= سخت گرم ٿيڻ.

ـ تَپي (آبري ٤/١٩)= گرم ٿي.

● تچڻ= چلي چلي وڃڻ.

ـ تچي چڏڻ= تِکي کهاڙي سان وڻ جي ٽاري کي لهواري ڏک سان ترچو ڪاٽي ڇڏڻ، ترچي ڏک سان وڍي ڇڏڻ.

ـ تِچي (يمن ١/١٢)= وڍي.

● تَحقِيقَ (آسا ٤/٥)= تصوف ۾ "تحقيق" واري منزل، صوفين وٽ سلوڪ جو هڪ درجو.

ـ طالِبَ جي تَحقِيقَ (آسا ٦/١٢)= جيڪي 'تحقيق' واري منزل جا طالب آهن.

ـ تحقيق جي تڪبير چئي جِسمَان ٽئا جواب (رامڪلي ٣/٤)= تحقيق واري منزل ۾ تڪبير چئي (پاڻ کي ڪهي ڇڏيائون ۽) هن ظاهري جسم (جي تقاضائن ۽ خواهشن) کان پنهنجي ذاتي حقيقت کي الڳ ڪيائون.

ـ تَحقِيقُ= بلاشڪ، يقيني طور، 'تحقيق' ۽ 'تسليم' تصوف جا ٻه اصطلاح.

ـ ٿِيءُ تَحقِيقُ (آسا ٧/١)= 'تحقيق' جي منزل وارو ٿيءُ.

● تَڏَهانڪُون (يمن ١/٦)= تڏهانڪر، تڏهن کان وٺي.

ـ تڏهن جاءِ (حسيني ٦/٩)= تڏهن وچ.

● تَرَ (جمع) تَرِيون= ڪاٺ ۽ ڪکن جون ٺهيل ويهڪون جن تي پاڻي ۾ پيڙي وانگر چڙهجي ۽ هلجي.

ـ تَرِيُون پَسان نه تارِ ۾ (گهاتو ١/٨)= درياهه جي تار پاڻي ۾، وڏي سير ۾، تريون نٿي ڏسان.

● تَران (رپ ٣/٨)= بچان (ٻڏان نه).

● تِرُ (ڪنيات ١/٢٠)= جسم تي چمڙي جي کان هڪ ڪارڙو نشان.

ـ تِرُ تَفَاوَتُ نه ڪري (يمن ٢/٤)= تِرَ جيترو فرقُ نه ڪري، ذري جيترو فرق نه ڪري.

ـ تِرتَوارِ (پرور ٢/٣)= 'وصال' بابت ڪا ذري جيتري ڳالهه.

ـ تُرَندا تِرَ (سري راڳ ٤/٦)= تِرَ ترندا، ذرڙا به ترندا، ذرڙن جو به وزن ٿيندو.

● تُرابَ (سنهڻي وائي ١٢/١)= مِٽي.

● تَرازُونُ (سامونڊي وائي ٢/١)= (عربي طراز) بيڙيون.

● تَرايُون (سارنگ ٣/١٢)= تانگهيون ڪڏون، ويڪرا تانگها تلاءَ.

● تَرِتجڻَ= پيرن جا تَرا زخمي ٿيڻ.

ـ مَ تَرِتجَن (ديسي ٢/٨)= اُنهن جا پير (هيٺان) نه زخمي ٿين.

ـ تو گهرَندي مَسُ (پرياتي ١/۴)= گِهرَڻ= گهيرو ڪري اچڻ، گهيرو ڪري لهڻ (نوجوان جي منهن تي سونهاريءَ جو). تنهنجي مُنهن تي توکي نئين ريهه ڏاڙهي (مس) لهندي، مُنهن تي گهيرو ڪندي.

● تَوارڻ = سُر سان آواز ڪڍڻ، آلاپڻ، سُرائڻ. امر توار.

ـ تَوارَ = ڳالهه، وائي، سُريلو آواز، آلاپ، جهونگار.

ـ تَوارِ (توارڻ مان امر)

ـ تَنَ ۾ تَندُ تَوارِ (ڪلياڻ ١/١۴)= اندر جي تند کي تون توار سُراءِ، اندر ۾ آلاپ.

ـ منجهي تَنَ تَوار (مارئي ۵/٧)= منهنجي تن من تي سدائين پنهنجن سرتين سائين جي توار آهي.

ـ ڪندا وٺا تَوارَ (ڪلياڻ ١/٢۴)= اهڙي ڳالهه ڪندا وٺا.

ـ طبيبن تَوارَ (يمن ٢/٣)= طبيبن وٽ اها ڳالهه آهي.

ـ تِني جي تَوارَ (سامونڊي ۴/١٧)= انهن جي اهائي وائي آهي.

ـ طَمَعَ جي تَوارَ (پرياتي ١/١۴)= طمع جي ڳالهه، لالچ جي وائي.

ـ تَوارُون = 'توار' جو جمع. ذڪر جا آلاپ، سرائتا آواز، جهونگارون.

ـ تُنهنجيون تَوارُون (يمن ١/٢)= تنهنجي ذڪر جا سنا آواز، ذڪر جون جهونگارون، تنهنجي ذڪر جون تَوارون.

ـ تکيون تَوارُون (سنهڻي ٣/١٠)= تکا آواز، لاتون، رڙيون، تکي پاڻيءَ جا آواز، پاڻيءَ جا تکا ڪڙڪا.

ـ تَوارُون پُون (ديسي ٦/٩)= اُن جون رڙيون پيون پون (جو سوڙهو ڏکيو لڪ ٽا لنگهن).

ـ تڙ ٽا تَوارِين (سامونڊي ۴/٢۴)= تڙ ٽا آواز ڪن، تڙن تي آوازن جا غلغلا پيا پون.

ـ تَوارِين (رامڪلي ٧/٨)= هڪ ٻئي کي سڏ ڪن ۽ پاڻ ۾ ڳالهائن.

● تَوانو (يمن ٢/٢٣)= بالڪل تندرست.

● تَواضعو (ڪلياڻ ٣/١٨)= ٻه معنائون (الف) (عربي. تَوَضعُ= وضو ڪرڻ) وُضو ڪيو ٻاهران جسم کي ڌوتو، صاف ڪيو (ب) تواضعڻ، تواضع ڪرائڻ، نهنائي ۽ نئڙت ۾ آڻڻ.

● تَوائي= گمراه، واٽڙو، ڀليل، منزل کان پري، هلڪڙو.

ـ توائي ڪرڻ= واٽڙو ڪري اماڻڻ.

ـ ڪَري توائِي تَنِ کي (سامونڊي ١/٦)= تن کي واٽڙو ڪري، موڳو ڪري منجهائي.

ـ تَڙ تَوائِي (سري راڳ ١/٢٢)= تڙ کان ڀليل، بندر کان پري ٿي ويل.

ـ تِنهِ رِءَ تَوائِي (ديسي ٢/٦)= ان (رهبر، مرشد) کان سواءِ گمراه.

ـ تَوائِي ڪَري (سري راڳ ٢/٧)= رُلائي، بي حال ڪري.

● تَوبَه (پورب وائي ٢/٢، مارئي ١٠/١٠)= قرآن شريف جي سُوره نمبر٩. توبَه = پڇتاءِ، گناهن کان توبهه ۽ وري توبهه، هميشه لاءِ گناهه کان بس.

ـ ڪَيَم تَوبَه تَنِ کان (راڻو ۴/١٠)= تن گناهن کان توبه ڪيم (جيڪي مون طلسمي ڪاڪ محل ۾ ڪيا ۽ بي گناهه ماڻهو مارايا).

ـ تَوبَهه تاڙَ (رامڪلي ۴/١٧)= توبهه جو تاڙ، توبهه جو سخت ڪڙو.

● توُتُ= ميوي جو قسم.

ـ تُوتَ پَڃَنِ (مارئي ٦/٨)=تُوتَ پڃي تيار ٿين.

● تُوڻ (حسيني ٥/١٠)= قوت، ڪاڙو.

● توڻي = توڙي.

ـ توڻي ڏِي نہ ڏِي (اليلان ٤/١٥)= جيستوڻيڪ هو ڏئي نہ ڏئي (يعني مون کي وارو ڏئي نہ ڏئي، ياڳ ۽ سهاڳ جو وارو).

ـ توڻي لَڪَنِ لَڪَ (معذور ٤/١٠)= (ان جبل ۾) توڙي ڪٺي لک اوچا لڪ هجن تہ بہ سَيني سِڪ سان لنگهي پار پونديس.

● توهہ (سري راڳ ٢/١٧، بروو ١/٣، راڻو ٨/١٤)= راضپو (الله جو)، فضل، لطف، ڪرم، رحم ڪرم.

ـ توهہ ڪَرِي (سري راڳ وائي ٢/١)= احسان ڪري.

● توءِ = تہ ڪر، تہ پلا، تہ بہ، تہ هوند، تنهن هوندي بہ، تڏهن بہ، تہ پڻ، تان بہ ضرور.

ـ جاٿين توءِ مَرِ جاڻُ (پرياتي ١/١٩)= جي تون جاٿين ٿو تہ بہ اٿين پاڻہ تہ نٿو جاٿين.

ـ چِنَنِ توءِ مَ چِنُ (ڪوهياري ٦/١٢)=هو توڙين تہ بہ تون نہ توڙ.

ـ ساٿِي توءِ هَلَنِ (حسيني ٤/٧)= ساٿي تہ بہ هلن.

ـ ساجَنِ توءِ سَرِي (ڪلياڻ ٤/٢١)= پياري سڄڻ جي تہ بہ سَري.

ـ مانَ وِرِمَنِ توءِ (ڪلياڻ ٥/١٩)= تہ ڪر، تہ پل (توءِ) آهستي ٿين ۽ وڻن.

ـ توءِ تَنِي جي تاتِ (ديسي ٥/٣)= تنهن هوندي، تڏهن بہ تو کي انهن جي تات آهي.

ـ توءِ تشنگي تار (آبري ١/٥)= تہ بہ گهٽي اُڃ.

ـ تَوءِ تَلاَشُون ڪَن (آسا ٢/٢٣)= تہ بہ پيون نهارن، جهاتيون پائن.

ـ توءِ پاڙِج ڪورمَ پرينہ سِين (معذور ٥/٢)= تہ بہ پرينِ سان هرگز ڪو بہ مَٽ نہ ڪجانءِ.

ـ توءِ پرِيان جي ڏيہَ (حسيني ٩/١٢)= تہ بہ محبوبن جي ديس.

ـ توءِ پانڊِي پُورِي نہ ٿَني (ڪاپاٽي ٢/٨)= تہ بہ ڪَتيندي، ڪپڙي جو (رهيل) پاند پورو نہ ٿني. ٢. گهڻو ڪتيندي پورهيو ڪندي، تہ بہ ڪمائي پوري نہ ٿني، گهرج پوري نہ ٿني.

ـ توءِ چيلَهہ بَڌيو چوٽيين چڙهي (آبري ٧/١٨)= تہ بہ سندرو بڌيو جبلن جي چوٽين تي چڙهي.

ـ توءِ گهڙَنديسِ اَڄُ (سنهڻي ٤/٢٠)= تہ بہ ضرور آءٌ اڄ ئي گهڙنديس.

ـ توءِ لِڪيي ڪي ڪونہَ لَهي (آسا ٦/٥)= تہ بہ لڪي ويندڙ کي ڪو بہ نہ ڳولي سگهي.

ـ توءِ مَ لَگُ (سنهڻي ٨/١٣)= تہ بہ ويجهو نہ وڃ، سائس نہ لڳ.

ـ توءِ مُلُ مَهانگو اُنِ جو (ڪاپاٽي ١/٢٢)= تنهن هوندي بہ ان جي قيمت ڳري آهي.

ـ توءِ موتَنَ جِي ڪانہ ڪَرِي (آبري ٤/١٧)= تہ بہ پرٺتي ورڻ جي وائي ڪانہ پئي ڪري.

ـ توءِ وَجبو تَنِ ڏِي (آسا ٢/وائي ٢٠)= تہ بہ تن ڏي وڃبو.

● تَہُ (مارئي ٦/١٣)= رليءَ جي هيٺين تَہ واري پڙ جي مٿان پهريائين لهہُ (سنهيون پرائيون اڳٺيون) تهہ طور وجهبو، لهہُ جو تہُ ڏبو.

ـ تَہِ وِڌائُون (مارئي ٦/١٣)= تَہَ ۾ وڌائون، تَہَ طور وجهايائون.

● تِهَان = تنهن کان، ان کان.

- پَاڻونڊرَ مَالِڪَ (رپ ٢/٢٢)= سچا سڀئا مالڪ موتي.

● پاڪَ (واحد، پاڪ)= ڳاڻ وارا، ڪِيرت وارا.

- پاڪَ پَري (بلاول ٢/٢)= پاڻن کي پيري ٿو ڇڏي، منگتن کي مالامال ڪري ٿو ڇڏي.

- پاڪَ پَهرِئَا (پرڀاتي ٩/١)= ڳائيندڙ (جيڪي ڳائيندي صدائن ۾ ساراهون ڪن). جيڪي سهڙ ڪي ڳائين.

- پاڪَ نہ نِينَمَر پاڻ سين (پرڀاتي ٢/١٢)=وڏا ڄاڻو راڳيندڙ مونکي پاڻ سان وٺي نہ وڃن.

- پَسِي پاڪُ پُرِ تِنُو (سورٺ ٣/١٦)= راڳيندڙ کي ڏسي خوشيءَ ۾ پرچي ويو.

- پائن پَري (بلاول ١/٢)= پاڪ کي پيري ٿو ڇڏي.

● پاڇاهِي (مارئي ٦/٢١)= بادشاهي.

● پَاڇِي = باقي، باقي بچيل.

- پَاڇِي ڪَڻ نہ پاڻ کي (رامڪلي ٧/وائي)= باقي رکن نہ پاڻ لاءِ.

پَارَ = (پارُجو جمع) پار پتا، نمونا، وصفون، اهڃاڻَ، آثارَ.

- پريَمِ تُنهنجا پَارَ (ڪلياڻ ١/٢٩)= اي منهنجا پرين تنهنجا نمونا، تنهنجيون وصفون.

- پرينِ پَسِين پارَ (ڪلياڻ ٥/٨)= تہ هوند پرين جو پار پسين، پرينِ کي ڏسين.

● پارُ= پريون طرف (درياه جو) پَرين پِرِ، درياه جو ٻيو پار، پاسو، طرف.

- پَارِ لنَگهنَو (يمن ٣/١٨)= آرپار هليو ويو.

- اُن پارِ (ڪلياڻ ٣/٣)= اُن طرف، حق ۽ حقيقت واري ان طرف.

- پارِ جَنِي جو پيءُ (سنهڻي ٤/١٥)= درياه جي ٻئي پاسي جن جو پرين.

- پَري ڪَنڍِي پَارَجي (سنهڻي ٧/١)= درياه جو پريون ڪنارو پري آهي.

- جيڏانهن پرينءَ پارُ (ڪاپائتي ٢/٩)= جيڏانهن پرينءَ جو پاسو.

- پرين تُنهنجو پَارِ (سنهڻي وائي ٦/١)= تنهنجو پرين درياه جي پار آهي، ٻئي پار آهي، ٻيءَ پِرِ آهي.

- پارُمَٽي (سنهڻي وائي ٣/١)= پريون پار نظر ۾ رکي.

- پُورِينديسِ پَارُمَٽي (سنهڻي ١٠/١٣)= پارُمَٽي پوريينديس، پارُنظر ۾ رکي هلنديس، پار پهچڻ جو قصد ڪري رواني ٿينديس.

● 'پارڻ' (آبري ٢/١٤)= پورو ڪرڻ (ڪيل وعدو)

- پَرِ جوڳِينِ جي پَارِ (رامڪلي ٢/٤)= جوڳين جي ريت رسم پوري ڪر.

● پارَ ڪڍڻ=ڪنهن کي ياد ڪري روئڻ.

- ڪَڍِي پارُ پُنهونءَ جا (ڪوهياري ٢/٩)= روئڻ ۾ پُنهونءَ جون سڀئيون وصفون ٻئي بيان ڪري.

- پَارَ نہ ڄاڻان پَنڌُ (ڪوهياري ٦/٣)= مون کي پارَ ڪڍڻ جي خبر ئي ڪانهي؛ پارَ ڪڍڻ واري ريت رسم جي مونکي پروڙ ئي ڪانهي، پارَ ڪڍڻ جي پِرَ نہ ڄاڻان، طريقو نہ ڄاڻان، نمونو نہ ڄاڻان.

● پَارايو = پيغام، نياپو (جمع. پارايا).

- پارايا کي پانڌِيين (معذور ١٢/٢، حسيني وائي ٢/١٠) = پانڌين کي پيغام.

- پانڌِيا پارايو (راڻو ١٣/٨، رپ وائي ١/٣)= اي پانڌيو! اوهين هي پيغام (پهچائجو).

- ڏيج پارايا پرينءَ کي (ڏهر وائي ١/٢)= منهنجي

- پاٺا رِيڌو راءِ (پرياتي ١/٢٣)= سخي سردار ويتر وڌيڪ راضي ٿيو.
- پاٺان ڏِيئي ڏِڍ (ڏهر ٢/٦)= ويتر وڌو دلاسو ڏيئي، وڌو آسرو ڏيئي.
- پاٺان آءِ مٿي (کوهياري ٢/٨)= ويتر آءٌ پاڻ مٿي.
- پاٺان چڙهي پُور (حسيني ١١/٦)= ويتر پورو پکو پَهُ کيائين.
- پاٺان ڦٽُ فَراق جو (ليلان ٢/١٦)= هيڪاري وڇوڙي جو زخم.
- وِيا سُون پَاٺان (آسا ٦/١۴)= اسين پنهنجو پاڻ کان ويا سون، اسين پاڻپڻي کان الڳ ٿيلسون.
- پاٺان پلسي ٿيءُ (رامڪلي ٢/١١)= پنهنجو پاڻ کان پري ٿيءُ.
- پاٺان نِيهُ نِکارِئو (آسا ٥/١٢)= ويتر عشق کي اُجاريو، ظاهر ڪيو.
- پاٺان پيرَ ڏکويا پکَنين (ڏهر ٥/۴)= تنهن زمين ويتر ويچارن پکين جا پير ڏکويا.
- پاٺان لَگِس گهَاءُ (راڻو ٣/١١)= پنهنجو پاڻ کي گهاءُ لڳس، ويتر گهاءُ لڳس.
- پاٺان وِٺا پَني (راڻو ٢/١١)= هو پنهنجو پاڻ مان پني وٺا، هنن پنهنجو پاڻ کي سڃاتو، پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ مان، حقيقت کي سڃاتو.

● پالو (آبري ٢/٧)= منزل.
- پاٺا ڏِيڻ (راڻو ٧/١)= پالو ڏيڻ، منزل ڪرڻ.

● پاڻِهين = پاڻ هِي، پنهنجو پاڻ، خود پاڻ، خود پنهنجي رضا سان، خود بخود، اهي پيارا محبوب جن گهايو آهي سي پاڻ، پنهنجو پاڻ هي، بين جي مدد کان سواءِ، پاڻ ئي.
- پاڻِهين پيرُ مُرِيدُ ٿِئي (ڪلياڻ ١/١٨)= پاڻ ئي پير ۽ پاڻ ئي پنهنجو مريد (هڪ ئي آهي).
- پاڻِهين جَل جلالُهُ (ڪلياڻ ١/١٨)= رب تعاليٰ پاڻ ئي پنهنجي جلال وارو.
- اَچي پُهچندَئِي پَاڻهين (ڪلياڻ ۴/٢٢)= خود پنهنجي رضا سان پنهنجو پاڻ توکان اچي پهچندا.
- پيارِيندءِ پاڻِهين (ڪلياڻ ۴/٢٦)= خود بخود پنهنجو پاڻ، توکي پيارِيندا.
- پاڻِهين بَڌَنِ پٽيُون (يمن ١/١۴، ٣/١٣) پنهنجو پاڻ هي، بين جي مدد کان سواءِ، زخمن کي پٽيون بڌن.
- پاڻِهين هالو، پاڻِهين واهَرُو، پاڻِهين چورَنِ گڏِ (آسا ٦/٧)= پاڻ ئي ڦُريندڙ پاڻ ئي واهر ڪندڙ، ورائيندڙ ۽ پاڻ ئي چورن سان گڏ.
- پَاڻهين جي (آسا ٦/١۴)= پاڻپڻي جي، خُوديءَ جي.
- پاڻهين حُسنُ ڪَمالُ (ڪلياڻ ١/١٨)= پاڻ ئي 'حُسن' آهي ۽ پاڻ ئي ان حُسن جو ڪمال آهي.

● پَالي اُڃسو اُنِ کي (آبري ١/٩)= پالي بہ انهن لاءِ اُجايل آهي.
- پاليءَ پَسَڻُ (سنهڻي ١٢/٣)= پاليءَ جو پسڻ، پالي جو ڏيک ويک.
- پَالي ڏِيَڻ (يمن ۴/١٧) (الف) ڪاتي، خنجر يا ترار کي پالي ڏيڻ تہ نهايت تيز ٿئي. (ب) خاص پاڻيٺ ۾ وجهي ورِي ورِي سراڻ تي چاڙهڻ.
- پِيَاري پالي (يمن ۴/١٧)= (ترار وغيره اوزار کي) پالي ڏيئي، تيزي وارو پالي ڏيئي.
- پالي سَهي نہ پيرُ (سنهڻي ١٢/٢)= پالي پير ڪوڙڻ

ڏسي سگهجي، جيڪو سجاڻي سگهجي.

– اُتِ پاڀوهي پَڌَرو (بلاول ٣/٣)= اُت خوش ٿي سَرهائي سان سامهون اچي.

● پَڌَرِي ڪرڻ= ظاهر ڪرڻ، کولڻ ۽ ٻين کي ڏيکارڻ.

– جِنَنِ ڪا ڪَري پَڌَرِي (ڪلياڻ ١/٢)= جنن جو هوڪا ڳالهه کولي پڌري ڪري.

– پاڻِي هارمَ پڌرو (حسيني ١٠/٢)= (راز) ظاهر نه ڪر.

– پَڌَرِ وِڌائين پاڻُ (معذور ٢/٦) = پاڻ کي ظاهر ڪري وڌائين (تہ اصل ۾ ٻانيڻ جي ڏيءَ هُئي ۽ پوءِ ڪتيءَ ڪيس نپائي وڏو ڪيو).

– پَڌَرِهَڏِ مَ پاءِ (يمن ٥/٤)= ظاهر هرگز نه ڪري وجهه.

– پَڌَرِپَٽُ مَ اُنِ سين (پرڀاتي ١٢/١)= انهن سان سامهون بحث مباحثو نه ڪر.

– پَڌَرِ پيئِي (آسا ٨/٥)= پڌري ٿي پيئي.

– پَڌَرِ پَئِي (ڪاموڏي ١٩/١، رامڪلي ٢٥/٥)= ظاهر ٿي، کُلي.

– پَڌَرِ پيئي پِرين ري (آسا ٨/٥)= پرين کان سواءِ ٻين ۾ پڌري ٿي پيئي (پرين پڌري ڪانه ڪئي، پر ٻين پڌري ڪئي).

– پَڌَرِ پرين نه نِين (ڪارايل وائي ٢/٣)= ظاهر ظهور پرين مونکي پاڻ سان وٺي نه وڃن.

– پَڌَرِ پوندَيسِ (سامونڊي ١٣/٤)= ظاهر ٿي ٻَيهنديس (پرين بنا بيحال ٿي جيڪي چوڻو هوندو سو چٽو چٽي ڏينديس.

– پَڌَرِ پونِ مَ پرينءَ ري (حسيني ١٥/٥)= محبوبن کان سواءِ (ٻين جي آڏو) پڌرا نه ٿين، ظاهر نه ٿين.

– پَڌَرِ پَوَڻُ (پرڀاتي ١٢/١)= ظاهر ٿيڻ، نکري نروار ٿيڻ. ڪنهن سان سامهون ٿي کُلي ڳالهائڻ ۽ بحث ڪرڻ، بي حجاب ٿي کُلي مخالفت ڪرڻ.

– پَڌَرِ پوءِ (راڻو ١٢/٥)= پڌر پوي، پڌري ٿئي.

– پَڌَرِ پوءِ پيياسِ (سنهڻي ١٤/٧)= پوءِ آ؛ پڌري ٿياس (جڏهن سڪ منهنجو ستر وڃائيں).

– پَڌَرِ نہ وِجَهن (رامڪلي ٢٢/٥)= پاڻ کي ظاهر ڪن.

– پَڌَرِ ناهِسِ پيرُ (ڪلياڻ ٥/٢)= ظاهر ۾ پير جو نشان ٿي ڪونہ اٿس.

– پَڌَرِ وِجهه مَ پرينءَ ري (رپ ٣/٢)= محبوب کان سواءِ ظاهر نه ڪر.

– پَڌَرِ وجهه مَ پِرت کي (رپ ٥/٢)= پِرت کي پڌرو نه ڪر، سڪ کي ظاهر نه ڪري وجهه.

● پَدامَ (سارنگ ١٢/٢)= هڪ ماڳ مڪان جو نالو.

● پَرُ= پرسال، اڳيون سال، گذريل سال.

– وِيٺو پُڇِين پَرُ (رامڪلي ١٢/٢)= تون پروڪو سال، اڳيون سال ويٺو پڇين (پر هيئنر ئي هل).

– پَرُ پيتَوئي جَن سِين (يمن ٢٤/٦)= پرسال جن سان تو گڏجي پيتو.

– ويٺو پُڇي پَرِ (بلاول ١٤/١)= ريت بابت ويٺو پڇي، خبر پيو پڇي.

● پَرَ (حرف جملو)= مگر، البت.

– پَرَ روئِڻَ ڪِي رَوشَن (آسا ٩/٥)= مگر منهنجي روئڻ ان کي پڌرو ڪيو.

● پَرتِي= حوالي ٿي، ڪنهن جي رحم ڪرم وَهيٺي ٿي.

– چامَ پَرَتِي (ڪاموڏ ٧/٢)= چام کي پرتي، چام جي حوالي ٿي.

● پَرچڻ= راضي ٿيڻ، مهربان ٿيڻ.

- پرِيَنَشُون پَانهِين (آسا ۲/وائي-۱)= پرين کان پرٿتي (محبت جي ناتي ۾ محبوب جي پيار کان پرٿتي نہ پئجي وڃان، پرٿتي نہ رهجي وڃان).

● پَرين= پرتي واري، پري واري.

- پَرينءَ پَرِ پرِيت (سنهڙي ۱/۱۲)= درياء جي ٻئي پار محبت آهي.

● پَرِيندهِين =منڍ کان ئي، ڄائي ڄم کان.

- پَرِيندَهين پيِياسِ (بلاول ۱/۵)= منڍ کان ئي پيَس، ڄائي ڄم کان ئي پيَسِ.

- پَرِيندَهِين پيرِ ٿِئا (رامڪلي ۶/۲۱)= شروع کان ئي قدم کڻي هليا، هلڻ لاءِ اٿنديئي اوڏاهن روانا ٿيا.

- پيرَ پرِيندَهِين ٺِرِئا (بلاول ۱/۷)= پير (اتي ويندي ساڻ) ٺهرِياٿين ٺري پيا (راحت اچي وئي).

● پَرِيُون= جيڪي آڏو آهي تنهن کان اڳتي.

- پَرِيون پارُ (سنهڙي ۵/۱۰)= درياه جو پَريون طرف.

- پَرِيين ٿَرِ ٿِئا (مارئي ۹/۱۹)= (ڪاٺڙ کان ڏکڻ) پريين پارڪر واري ٿر ۾ وڃي پهتا.

● پِڙُ = وڏو ميدان.

- سَي پِڙ پَسِڻو پٽَ (گهاتو ۱/۶)= اهي (مياڻين وارا) وارا ماڳ ۽ پٽ ڏسي.

- پِڙَ تي سيِنِي پُون (ڪنيات وائي ۳/۲)= (اڏيءَ تي ڪُسڻ ۽ پتنگن وانگر جلڻ واريا) پڙ تي اهي ئي اچن.

- پِڙَ ۾ اُپو پائِ (بلاول ۳/۹)= ميدان ۾ پاڻ بيٺل.

● پَڙا = پڙلاءُ (آواز جو).

- پِيَمِ ڪَنِ پَڙَا (سنهڙي ۵/۲)= ڪن تي پَڙلاءُ پيم.

● پَڙاڏو = ڪنهن آواز ڳالهاءِ يا سڏ جي (اڳيان ڪنهن خاص آڏ يا اوٽ سببان) ساڳي صورت ۾ گونجدار موٽ، ساڳئي آواز جي گونجدار صورت ۾ پرٿتي وراڻ، اصلوڪي آواز جي پرٿتي ورندڙ گونج.

- ڪَرِ پَڙاڏو پَٽُ (ڪلياڻ ۴/۱۵)= پَٽ کي پڙاڏو ڪر، ميدان کي وڄاءِ.

- پَڙاڏو سو سَڏَ (ڪلياڻ ۱/۳۰) = سوئي پڙاڏو سوئي سڏ (آهي، ٻئي ساڳي ڳالهه آهن ڇاڪاڻ تہ 'پڙاڏو' انهيءَ ساڳي سڏ جي ورندڙ گونج آهي).

● پَڙِلاوَ= پڙلاءُ، محبوب جي حسن جو جلوو.

- پيِهي وِيو پِڙلاوَ ۾ (ڪنيات ۱/۲۲)= ڍڪجي ويو حسن جي زوردار تجلي ۾.

● پَڙڻ= برابر ٿيڻ، مٽ ٿيڻ، پورو.

- پَڳِيءَ تان نہ پَڙِي (آبري ۷/۱۰)= (پيرن جي) خاڪ سان برابر نہ ٿئي، مَٽ نہ ٿئي.

- پِڪَ پريان جيءَ نہ پَڙِي (ڪلياڻ ۴/۳۹)= جيڪا هڪ ڦُڙي محبت واري شراب جي پرين هٿان ملي، برابر نہ ٿئي، مٽ نہ ٿئي.

- هَڏِ نہ پَڙان هَيڪڙي (مارئي ۸/۱۸)=هرگز برابر نہ ٿيان.

- نہ پِڙِي (سورٺ ۲/۱۵)= تور ۾ پورو نہ بيهي، برابر نہ ٿئي.

● پَڙهڻ= علم پرائڻ، لکيل عبارت کي زباني بيان ڪرڻ.

- پَڙهنو پَڙهيجاءُ (يمن ۵/۱۴)= جيڪي تو پڙهيو سو وري پڙهجان، پڙهيو پيو پڙهجانءِ.

- پَڙهنَو ٿا پَڙهن (يمن ۵/۲)= وري وري پيا پڙهن.

- پڙهيا پير (راڻو وائي ۱/۱)= علم وارا ۽ پير.

● پَزيري (بلوچڪي) = پوءِ، بالآخر، آخرڪار.

- پَزيري اِيندَامِ (ديسي ۷/۸)= آخرڪار مون وٽ ايندا.

● پِسُ (مارئي وائي ۱/۱)= ٺٺين وِيائل مينهن، ڍڳي يا

- پَسو مَنجِهه پِريتِ (آسا ٥/١٢)= ڏسو جو محبت ۾.
- پَسو پَرائن، سُورَن آڏي سَنْئِي (آبري ١١/١٣) = سنئي (ڪي پنهنجا سور جدا، پر هو) پرائن سورن ڪي به سامهون ٿي، انهن جو مقابلو ڪري ٿي.
- پَسو پَکِيئَڙَنِ (ڏهر ٥/١)= پکين ڪي ڏسو.
- آچِي پَسو (حسيني ١١/١١)= الخ= اُٿو ۽ اچي پير ڏسو، مون سان گڏ پير ڪٽايو.
- پَسِئو بازاريون (ڪاپائتي ٢/١٢)= (خالي يا ٿوري ڪپهه ۾ ٿوري ڪپڙي واريون) بازاريون ڏسيو.
- پَسِئو تنه پهاڙ ڪي (ڪاهوڙي ٢/١٠)=ان جبل ڪي ڏسندي.
- پَسِئو ٿِي پَچَان (رپ ٢/٤)= ڪين ڏسئو ٿي (ديدار جي گرمي ۾) ڪلمان پچان.
- پَسِئو ٿِي پُڇانِ (ڪنڀات ١/١٠)= ڏسيو ٿي ڪلڻ پڇان.
- پَسِئو سرپَسِبو (بلاول وائي ٢/٢)= ڏٺو ۽ اجان وڌيڪ ڏسبو، (روشن ٿيو ۽ اجان وڌيڪ روشنائي نظر ايندي).
- پَسِئو هَنڌَ پَچِي هِنيُون (راڻو ٦/٢)= اهي ماگ ڏسي هنيو ٿو ڪلمي.
- وِهِ پَسِئو وِهَسَنِ گهٽو (يمن ٦/٥)= زهر ڪي ڏسي پاڻان وڌيڪ خوش ٿين.

● پَسِي (ڪلياڻ ١/١٠)= ڏسي ۽ سمجهي.
- پَسِي آئِيُون (آسا ٢/٧)= ڏسي آئِيون.
- پَسي پاڻ لَجائِيُون (ڪامود ٤/٥)= (پيو سيِ اهي) ڏسي پاڻ لڄي ٿيون.
- پَسي پاڻ ڪي (ڪلياڻ ١/١٩، ليلان ٣/٨)= پنهنجو ديدار ڪري.
- پَسي پاڻيءِ پاڻَ (ڏهر ٢/١٠)= پاڻي جو نمونو ڏسي (ته لاٽ ۾ آهي، گهٽ آهي).
- پَسِي لَڪ لُڏَنِ (آبري ٦/١١)= جبل ڏسي هبڪن (لرزن، ڏڄن).
- پَسي نه (ليلان ٣/٤)= ڏسي نه، اهميت وارو نه ڪري ڏسي.
- پَسِي هارُهِرِڪِين (ليلان ١/٤)= هَار ڪي ڏسي سڏائتي ٿي پئين، تون ان لاءِ سِڪين.
- پَسِين جي پِنَاسِ (سنهڻي ٤/١٢)= جي تون سندس پيءَ ڪي ڏسين.

● پِڪَ = پنگ، پاڻيٺ جو ذرو، ڪنهن ٿانءَ ۾ بچيل ٿورڙو ذرو (پيڻ واري شيءِ جو)، پڇاڙي واري ڦڙي، آخري قطرو، پيالي ۾ پيل ڦڙو (شراب جو).
- پِڪَ پِيءِ تون (يمن ٦/١٠)= پڇاڙي واري تري ۾ پيل ڦڙي پيءِ تون.
- پاڻيءِ پِڪَ (سري راڳ ٣/٥)= پاڻيءَ جي ذري.
- پِڪَ پِريان جِي نه پِڙي (ڪلياڻ ٤/٢٩)= پرين جي پِڪ جو مٽ نه ٿين.
- پِڪَ بَرابَر (يمن ٦/١٧)= پِڪَ جو مَٽُ.
- پَنجين لَکين پِڪَ (ڪنڀات ٤/٨)= هڪ پِڪَ پنجن لکن ۾، پِڪَ جو مُلهه پنج لک.
- جِني پِيتِي پِڪَ (آبري ١/٤)= جن آخري ڦڙي پيتي.
- وَرُ پِريان سِينِ پِڪَ (مارئي ١١/١٣)= محبوبن سان گڏ پيڻ ۾ پِڪ ٿي پلي.
- پِڪُون (يمن ٦/٩)= (واحد. پِڪَ = ڦڙي، ذرڙو) = پيالي ۾ باقي بچيل ڦڙا، تمام لذيذ بچيل ڦڙيون. (پيڻ واري هر لذيذ شيءِ جا آخر ۾ بچيل قطرا).
- پِڪُون ڪري (مارئي وائي ١٠/١)= پڇاڙيءَ وارا، ڦڙا ڦڙا ڪري.

ـ پَگِهيو (سنهٽي ١٢/٩)= ور ورَاڪا ڏيئي، ٻڌي سوگهو ڪيو.
ـ پَگِهيو هِنيُون (سامونڊي ٢٨/٣)= دل کي ٻڌي قابو ڪيو.
● پَگهرَ سَائِي پرَکِي (ڪوهياري ٦/٤)= پگهر مون کي پسائي اهو ساڳيو حال ڪيو (جنن مينهن وسي ڪندو آهي).
● پَلْ (سارنگ ٢٠/٤)= گهڻو پاڻي.
● پلاڻُ، پَلاڻِي= اٺ جي پٺيءَ تي بار وجهڻ لاءِ ڪَکن جي مورڻ مان ٺهيل ڍانچو.
ـ پلاڻان = پَلاڻ ڪان.
● پلاڻڻ= گهوڙي يا اٺ کي سواري ۽ بار کڻڻ لاءِ تيار ڪرڻ.
ـ پَلاڻِيائُون (راڻو ١٢/١٠)= وهٽن تي سنج وڌائون، هلڻ جي تياري ڪيائون.
ـ پَلاڻِيو (سورٺ ١١/٣)= تيار ٿيو.
ـ پَلاڻِيندي (ديسي ١٠/١)= پلاڻڻ وقت.
ـ پلاڻان پٺو اولاڻو نه اُٺيي (ڪنيات ٢/٥)= پلاڻ جو بار ته نه کڻي پر ٺلهي پٺي به اٿي نه سگهي.
● پَلاڻِي = پَلڻُ، پلاڻُ.
ـ پَلاڻِي پائينس (ڪنيات ١٤/٤)= پلاڻي وجهينس ۽ چڙهينس.
● پَلِتو پاريون ڪري (سنهٽي ١٤/١١)= پَرچِي، اُٺلي واهيون ڪري وڙهو.
● پَلَرَ = مينهن جو پاڻي، تازي وسيل مينهن جو پاڻي.
ـ پَلَرَ جِي پالوٽَ سين (سارنگ ١/١) = تازي وسيل مينهن جي پاڻيءَ جي پلٽ سان.
ـ پَلَرْ پَلتيائِين (سارنگ ١/٣)= تازو مينهن نايائين، تازي مينهن جو پاڻي وهايائين.
ـ پَلَرْ پِيَاري (سارنگ ٣/٤)= تازي وسيل مينهن جو پاڻي پياري.
ـ پُسايائُون پَلَرَسِين (سارنگ ١٢/٤)= مينهن جي پاڻيءَ سان آلا ڪيائون.
● پَلَڪَ (معذور ١٩/٢)= گهڙيءَ جو هڪ حصو.
● پلڻ= جهلڻ، روڪڻ.
ـ پَلِ (ڪلياڻ ٥/٣)= پلڻ مان امر، جَهلِ، روڪِ.
● پَلَڻَ جا (ڪنيات ٦/٥)= روڪڻ جا، جهلڻ جا.
● پَلَئُ = پوتي جو پاند، ڪپڙي جو پلئه، ميڙ مُنت لاءِ، معافي وٺڻ لاءِ جيڪو پاند ڪنهن جي آڏو جهلجي، يا زمين تي وجهجي.
ـ چَندرَ پَلَئِ پَڌَ (ڪنيات ٦/٢)= اي چنڊر! تون پنهنجي پلئه ۾ ٻڌ.
● پَلَئِ پوڻ= پَلَئه ۾ پوڻ، ملڻ.
ـ پَلَئِ پيئي (ڪوهياري ٦/٣)= پَناري پَئي، سائس منهنجو واسطو ٿيو.
ـ سو مون پلئه پاءِ (سري راڳ ١٩/٢)= (وڻجاري ٿي دعا گهري ته اي منهنجا ڌڻي!) اهو سودو مون کي پلئه پوي، ان جو نفعو مون کي حاصل ٿئي.
● پَلَئِ لَڳڻ (ڏهر ٥/٣)= دامن لڳڻ، پناهه ۾ اچڻ.
● پَلِنو نه رَهي (سامونڊي وائي ١/٣)= جهليو نه رهي.
● پَلِي (سنهٽي ١١/٤)= جَهلي، روڪِي.
ـ پَلِي پاڻُ (ڪارايل ٩/٢)= پاڻ کي پلي (غير خيالن کان).
ـ پَلِيين (سامونڊي ٢٤/٣)= جهلين.
ـ پَلِيَان پَلِيو نَه رَهي (رپ ٢٤/١)= جهليان جهليو

شال تون جهجهي پاڻي سان نه وهين، پرجي نه وهين.

● جارُ= سور، جَلُ، آزار، جنجال.

ـ جُسي جارُ پرائيو (سامونڊري ٢/١٨)= جسم آزار ۾ پيو، بت سور ۾ پرجي ويو.

ـ جَـتَنِ وِڌيَسِ جـارِ (ديسي ١/١٧)=جتن مـونکي جنجال ۾ وڌو، وڏي تڪليف واري ڪشالي ۾ وڌو.

ـ جوڳي لاٿو جارُ (پورب ٢/١۴)= جوڳي ڏک لاٿو.

● جارَ= جفا.

ـ جارَ ڪارڻَ (آبري ٣/٧)= جفا ڪارڻ.

ـ جارا (سري راڳ ٣/١٥)= جار مان، جفا سان، وڏي همت سان.

جاران (سري راڳ وائي ۴/١)= ڪَست مان، زور مان.

جارانو= يارانو.

● جَـارَ= ڏاڍائي، ســختــي، وڏائي واري تُندي، وَڏ ماڻهپي واري غفلت.

ـ جيـڏيون ڇڏي جارَ (معذور ٢/٢٢)= اي جيـڏيون! وڏائي واري تُندي ڇڏي.

ـ جارَ مون ضعيف سين (بروو ١/١١)= زوراوري مون هيڻيءَ سين.

ـ جارَ جيـان ٿي (مارئي ١/٨، ٥/١٣، رپ ١/٢۴)= پاڻ کي ڏکيـو ڪري جيان ٿي، اجايو جيـان ٿي، وڏي تڪليف ۾ جيان پئي، لاچار جيان پئي.

ـ جارَ ڪياءِ (راڻو ٧/٦)=تو جٺ ڪئي.

ـ جـارُون ڪيـمِ جَـالَ (راڻو ٩/١)= زوراوريـون، ڏاڍايون، مدايون.

ـ جبل تو جَارُون ڪَري (ڪوهياري ٢/٥)= ڏونگر تو ڏاڍايون ڪري.

ـ وَڏي جارَ ڪيـاءِ (ڪوهياري ١/١١)= وڏي زوراوري ڪياءِ، تو وڏي ڏاڍائي ڪئي.

● جاڙيجا= ذات، قوم.

ـ جـاڙيـجَن سـان (ڏهر ٣/٢٧)= لوڙيـون هـئنديڙ جاڙيجن سان، لاکي ۽ سندس سائين سان.

ـ تَنِ جـاڙيجَنِ جـاڙَ ڪِي (ڏهر ٣/١٨)= انهن جاڙيجن اُولي ڪئي، اجائي ڪئي، ڏاڍائي ڪئي.

● جاڪ= سونارن (۽ پڻ ناناري) جو ڏنڌي جو لفظ 'اُجارڻ' جي معنيٰ ۾.

ـ لَٿي جاڪ گهرا (آبري ٧/وائي ٢)=جاڪ لٿي.

● جاڳائڻ= ننڊ مان سجاڳ ڪرڻ، هوشيار ڪرڻ.

ـ مون جاڳاءِ (راڻو ٧/٦)= مون کي جاڳائين ها.

ـ جاڳائي جتن (ديسي ٢/٨)= جي جتن جاڳايو.

ـ وِئو جاڳـائي جيـڏيون (آبري ٦/٩)=اي جيـڏيون (پنهون) مون ۾ درد فراق جاڳائي ويو.

● جاڳرَ= رات جو جاڳڻ، رات جاڳندي.

ـ جاڳـرُ جوڳين جو (رامڪلي ٧/٧)= جوڳين جو ڳالهاءِ ۽ غوغاءِ.

● جاڳڻ= ننڊ مان سجاڳ ٿيڻ.

ـ سا جَاڳندي نه ٿـئي (آسا ١/٢٣)= سا جـاڳڻ واري حالت ۾ نه ٿئي.

ـ جاڳڻَ منجهان (ڏهر ١/٢٠)= بيدار رهڻ مان، الله جي عبادت ۾ سڄي رات سجاڳ رهڻ منجهه.

ـ جَـاڳڻ جَشَـنُ جَن کي (آسا ٦/٦)= جن لاءِ اوجاڳو خوشي آهي.

ـ جـاڳـو جاڙيجـا (ڏهر ٣/١٩)= اي جاڙيجا! اوهين سجاڳ ٿيو.

واري ملڪَ جو حڪمران (پٽيهل درياءَ جي وهڪري وارو ڀورو بدين کان اولهندي طرف آهي).

ـ جَسودَڻُ جيها يَار (ڏهر ٢/١٠)= جسو ڏڻ جهڙا سچا ساٿي.

ـ هٿو جَسودَڻَ سِين (ڏهر ٢/٩)= جسودڻ وٽ هٿو، يعني تڏهن جسودڻ جي هلندي ۾ ماڪ هئي.

● 'جَفَ القلمُ - الخ (مارئي ١/١٨)= قران شريف جي آيت: قلم سڪي ويو ۽ ان جيڪي لکيو سو لکيو (جيڪو لکيائين سو لکيائين ۽ پوءِ سڪي ويو).

● جَفا = تڪليف.

ـ جَفا ڏيئي جانِ کي (سري راڳ وائي ٢/١)= پنهنجي جند کي تڪليف ڏيئي.

ـ جَفا وارِين جَسُ (حسيني ٤/١١)= جيڪي محنت ٿيون ڪن ۽ تڪليفون ٿيون سهن تن کي شاباس هجي!

ـ جَفَا ڏيين نہ جان (آسا ٦/١٥)= پنهنجي جان کي جَفَا نَٿو ڏين، تڪليف نٿو ڏين، سختي نٿو ڏين!

ـ جَفَائُون ڪَرِين (آبري ٣/٩)= ڏاڪڙا ڪرين.

● جِڪَسِ (مارئي ٨/١٦)= ڀانءِ تہ، شايد.

ـ جِڪَسِ لڌيو لوئِڙِيارِيين (مارئي ٨/١٦)= شايد لوئي واريون ماروئڙيون لڌي ويون!

ـ جِڪَسِ ڪاڏَيِي ڪيڻَ (مارئي ٩/٥)= شايد ڪي ڪاڏا (وڏا طعام) ڪاڏئي.

جَڪَنِ ٿا (سنهٽي وائي ٣/١)= ڏڪن ٿا (خوف مان).

جَڪَ= يخي، ڏاڍائي.

ـ جبل ماري جَڪَ (معذور ٤/١٠، ديسي ٥/٧)= جبل پَلِ پيو جڪ ماري، يَخي ماري ۽ پنهنجي ڏاڍائي ڏيکاري.

● جَڪرو = ماضيءَ جي هڪ وڏي سخي مرد جو نالو.

ـ جَڪَرو جوڙي (بلاول ٢/١)= جڪرو پيدا ڪري.

ـ جَڪَري جِهو جُوانُ (بلاول ٢/١١)= جڪري جهڙو جوان.

● جِڪِي (سنهٽي ١/٢٢)= جڪيل، آزاريل.

● جُڳُ (جمع) جُڳَ= وقت جو هڪ تمام وڏو عرصو، هزارن سالن جو يا وڌيڪ عرصو.

ـ جُڳَ جُڳَ سي جِيَنِ (ڪلياڻ ٢/١٥)= اهي جُڳن جا جُڳ جئرا رهن.

ـ تہ جُڳان جُڳ ڏِنوءِ (سورٺ ٣/١٣)= تہ هميشہ لاءِ تو ڏنو (تڪو سخين کي).

ـ جُڳِن جا جُڳَ ٿيا (سامونڊري ٢/١٥)= (اڱڻ کان ٻاهر) ڪيئي زمانا گذري ويا.

ـ جُڳَ ٿيَا (رامڪلي ٤/٨)= ڪي جُڳ گذريا.

● جَڳُ= جهان، دنيا.

ـ جَڳَ جو وَالِي (آسا ٣/١)= سڄي جهان جو مالڪ.

ـ جَڳَ چَڏي (پورب ١/١١)= هي جڳ ڇڏي، هي ماڳ مڪان ڇڏي، هي ملڪ ڇڏي.

ـ جَڳَ گَهَٽا (رامڪلي ٧/وائي)= جڳ ۾ گهٽا.

ـ جَڳُ نَہ ڏِٺو جوڳِيين (رامڪلي ٦/١١)= سچا جوڳي سدائين سٽ جڳ ۾ ئي آهن: هنن هيءُ جڳ جيڪو ڪلجڳ آهي تنهن ڏي نهاريو ئي ڪونهي.

● جُڳاءِ = مناسب آهي، جڳائي ٿي، ٺهي ٿي، راس اچي ٿي.

ـ مون کي مون جڳاءِ (ڪلياڻ ٣/٧)= 'مون' واري ظاهري وجود کي، اها وجودي 'مُون' جڳائي ٿي، راس اچي ٿي.

● جُڳت (رامڪلي ٧/١٧)= جوڳ واري رهڻي ڪهڻي ۾ رهاڻ.

مارو مون کي سونهن (جمال) ڏين، سهڻو ڪن، سهڻو (بي عيب) ڪري سمجهن.

ـ پاڻهين جَلَ جَلاله پاڻهين جانِ جَمالُ (ڪلياڻ ١/١٨) = جَل جَلاله پاڻ ئي جند آهي ۽ پاڻ ئي پنهنجي (جند جي) سونهن آهي.

ـ جُملوئي جَمالُ (ڪلياڻ ٣/٦)= سندس ئي (حقيقي محبوب الله جو ئي) جلوو ۽ جمال آهي.

● جِنِ، جَنِ = اهي جيڪي.

ـ چالِي پُجهِي جَنِ (ڪلياڻ ٥/١٣)= جن سوچي سمجهي.

ـ جَنِ ساڃاءِ سِراڻِ سِين (يمن ۴/١٩)= جن کي سِراڻ جي چاڻ آهي.

ـ جَنِ اَڏَ- سَنيُوڙي آئيو (ڏهر ٣/٩)=جن اَڏ- سنيُريلن مٿان آيو، جن بي خبرن غافلن مٿان آيو.

ـ جَنِ ساڄُهرِ سيـڻَ سانيـيـتا (آسا ٢/٥)= جن سوير ئي پنهنجا سڄڻ پاڻ سان گڏ ڪيا.

ـ جَنِ اُجهتَو (رامڪلي ٣/١٣)= جيـڪي تڪليـفون ڪري هيڏانهن هوڏانهن هليا.

ـ جَنِ پرُوڙِئو (ڪاهوڙي ٢/٨)= جن سمجهيو.

ـ جَنِ جُـهـوناڳـڙه جَلائيـو (ڪارايـل ٣/٢)= روايـت مـوجب، جهوناڳڙهه جا وڏا جوڳي جن جهوناڳڙهه کي باهه ڏني (۽ اتي نانگن کي ماريو).

ـ جَنِ ڪُلَهنِ (سنهڻي ١٠/۴)= جن جي ڪلهن تي.

ـ جِن گودِڙين ۾ گُلَ (رامڪلي ۴/١٦)= (الف) جن جي گـودڙين تي پـرت جـا گل لڳل آهـن (ب) جن جي گودڙين اندر گل (سهڻيون قيمتي شيون) آهن.

ـ جَنِ لڳو (حسيني ٦/٢٠)= جن کي اهو درد لڳو.

ـ لڳي جَنِ لوڙي (آبري ٥/١۴)= جن کي لنون لڳي.

ـ جَنِ نہ پـانيـو پاڻُ (پـرڀـاتي ١/١٩)= جن پاڻ کي ڪجهه ڪري نہ پانيو.

ـ جَنِ وماسِتا ويڻَ (ڪنيات ١/٥)= جن جا ڳُفتا ۽ ٻول مون کي سيبائا، جن جي ڳالهاءِ (ٻڌڻ جي) اڻ تڻ آهي.

ـ جَنِ اَندَرِ پَري باهِ (ڪليـاڻ ۴/٣٥)= جن جي اندر جان ۾ (محبت جي) مچ پيو ٻري.

ـ جَن سَرِئُو (آسا ٦/١٩)= جن کي پلئه پيو، جن کي سامائو، جن کي ٿيو.

● جَنَبُ= سڄي حياتي.

ـ جَنَبُ گُذاريمِ جَنِ سين (مارئي ٨/٢۴)= جن سان مون پنهنجي سڄي حياتي گذاري.

● جُناب= پليتي.

● جُنبِئو= ناپاڪ، پليت.

ـ جُنبِئو مَنجهہ جُنابَ (سنهڻي وائي ١٢/١)= (تون) پليتي ۾ پيـل (ٻہ) بارگـاهہ عـالي ۾ دل جي حضـور سـان هوند گهرڻين تہ پاڪ ٿي پوين.

● جُنَبڻ = ڏوڪڻ، جوش جذبي سـان گـهڙڻ، ڪنهن سان لڳي وڃڻ.

ـ جُنبَنِ جَجهي جَرِ (ڪامـوڏ ٢/١٧)= وڏي پاڻيءَ ۾ ڪاهي پون.

ـ جُنبَش ڪانهي جـا (آبري ۴/٢)=مـقـابـلي جي جـاءِ ڪانهي، جنبڻ جي جاءِ ڪانهي، پنڌ ۾ وڏي شوق سـان محو ٿي هلڻ جي جاءِ ڪانهي.

ـ جـهـجـهي جورَ جُنبَنِ (سامـونڊري ١/١٠)= وڏي زور سان (وڏي پاڻي ۾) ڏوڪي هلن.

ـ جُنبِـنا ڏونہ جـاباڻَ (ڪاهوڙي ١/١٧)= جـاباڻ جي گـهـٽي ڏٺ واري جوءِ ڏانهن ڏوڪي هليـا، (ڪـاهوڙي)

جَوڙ (رامڪلي ٦/٩)= گڏ ويهڻ واري سِٽاءُ، پِٽ.

جوڙَ= پيدايش، تخليق، بناوت.

- جوڙي جوڙ جهان جي (ڪلياڻ ١/١)= (الله تعاليٰ) ساري جهان کي سهڻي سِٽاءَ سان بنائي.

- جوڳي اِهڙيءَ جوڙ (رامڪلي ٦/٢٢)= جوڳي انهيءَ سٽاءَ سان.

- سَندِي جوڳِينِ جوڙَ (رامڪلي ٧/٩)= جوڳين واري سٽاءُ، جوڳين وارو نمونو.

- جوڙ ٿي (پورب ٢/١۴)= گڏجالي ٿي.

- جوڙ وَهي (آسا ٥/١٣)= موافقت ۽ محبت سان هلي، مخلوق پنهنجي سڄي ساٿ سان پٺي هلي (پکي ۽ پيا جيت جانور سڀ گڏ ساٿ ۾ پيا هلن).

- جوڙِ تَندُون ڪَرِ جاءِ (پرياتي ٢/١٠)= دنبوري جون تندون جوڙي ملاءِ، گڏي سُر ۾ آڻ.

● جوڙَڻون= جوڙي مانِ، نرماد جي جوڙي مان.

- ڪري پاڻ ڪريم جوڙَڻون جوڙ جهان جي (ڪلياڻ ١/١) = مولا مهربان نرماد جي جوڙي مان سڄي جهان جي مخلوق کي ٿو جوڙي.

● جوڙي (سري راڳ ٢/٢۴)= ٺاهي، جوڙي.

- جن رکيون جوڙي (سهڻي ٧/۴)= جن پنهنجون اکيون ميهار ڏانهن بيهاريون.

جَوش (يمن ۴/١)= عشق جو غلبو، سڪ ۽ محبت جو غلبو ۽ جذبو.

- جوشِ ڏِنائَون (ڪاهوڙي ١/١٠)= سيڪ ڏنائون، پچايائون.

جوشان= جذبي مان.

- جوشان جُوَانا! (سري راڳ وائي ٢/١)= اي جوانو! جوش جذبي مان.

- جاڳَنو جوشان جيڏيون (سري راڳ وائي ۴/١)= اي جيڏيون، جيڪي جوش جذبي مان جاڳي، سجاڳ ٿي.

● جُوعِ (مارئي ٧/٩)= بُک.

● جوکو (سري راڳ ٣/١١)= نقصان.

● جوڳُ (رامڪلي ٢/٣٠)= جوڳ جو مَتو، جوڳ جي متي واري فقيري،جوڳ وارن جو ٽولو. (هت اصطلاح طور) جوڳ واري رهڻي ڪهڻي.

- جَوڳُ نَہ جُهارِين (پورب ٢/٢)=جوڳ واري متي جي ميجتا ۽ پڪتي ڪين ٿا ڪن.

- اِيءُ زَنَانو جَوڳ (رامڪلي ٢/٢۴)= (رسم طور ڪَن ڪپائڻ، والا پائڻ وغيره) اهو زنانو جوڳ آهي، گهٽتائي واري جوڳ جو متو آهي.

- جوڳَ مَ پاءِ ( رامڪلي ٢/١٩)=جوڳ اختيار نہ ڪر.

● جوڳو= برابر، لائق، ان جهڙو.

- جوڳ نہ جوڳو تُون (رامڪلي ٢/١٠)= تون جوڳ جي لائق نہ آهين.

● جوڳِي (رائو ١٠/١)= جوڳ جي متي وارو (معنوي طور) مُوحَد، عارف.

- جوڳيءَ جاڳائي (رائو ١/١۴)= جوڳي (هنن شڪار ڪندڙن کي) هوشيار ڪري.

- جوڳي هُونِ نہ جِيَراً (رامڪلي ٢/١١)= جيڪي صحيح سچا جوڳي آهن، سي عام ماڻهن وانگر ڪاڻ پيٽ واري حياتي گذاريندڙ ناهن.

- جوڳِي جُڳَائِي (رامڪلي ١/٢۴)= (الف) وڏي جُڳ جا جوڳي، وڏي جوڳ وارا جوڳي.

- جوڳي جاڳ نہ نين (رامڪلي ١/١٣)= (آءُ معذور

آهيان ۾ مونکي) جوڳي جا ٽرا تي پاڻ سان نٿا نين، نٿا وٺي وڃن.

● جوهَرُ= هيرو.

ـ جهڪر ٿيو جوهَر (ڪنيات ١/٢٣)= هيرو بہ پنهنجي چمڪ ۾ گهٽ ٿيو.

● جوهَرِي (سري راڳ ۴/٢)= جواهرن جو پَرڪيندڙ ۽ چاڻو، جواهرن جو واپاري.

ـ جوهَرِينِ (سري راڳ ۴/۴)= قيمتي ذاتن جي پارکن.

● جُوءِ= پيڙهي، ملڪ، ماڳ مڪان.

ـ جُوءِ ڪُشادي (مارئي ٦/١١)= وڏي پيڙهي، وڏو مُلڪ.

ـ جَنِي ڏِٺِي جُوءِ (ڪلياڻ ٢/١٦)= جن (حق ۽ حقيقت واري) پيڙهي ڏٺي، عارفانہ منزل ڏٺي.

ـ جُوءِ جيڏاهين جوڳِيين (پورب ١/٨)= جنهن طرف جوڳين جو ماڳ مڪان آهي.

ـ جُوءِ جِيارِي جَڏُرِيين (ڏهر ۴/٨)= (سخا ڪندڙ، سنگهارن جي) پيڙهي، ضعيفن کي تازو توانو ڪري ٿي.

ـ جُوءِ جَتَن جِي جَاءِ (ديسي ٢/١١)= جتن جي جُوءِ واري جاءِ، اها جُوءِ جتان جت ساٿ سان لنگهيا.

ـ مُون وَرُ وڏي جُوءِ (رپ ٣/۴)= (اصطلاحي معنيٰ) منهنجو پيار وڏي ڪانڌ وارو، وڏي صبر ۽ برداشت وارو.

ـ آهِ آڙانگِي جُوءِ (سامونڊي ٢/٦)= اها پيڙهي ڏکي آهي، جو اتي پهچي سگهجي.

● جوءِ (ڪوهياري ۵/٩)= منڊ، زال (سسئي).

ـ منجهان جوئن جوءِ ٿي (آبري ٩/وائي-٢)= وڏن همت وارين جوئن مان تون بہ هڪ همت واري جوءِ ٿيءُ.

● جُهِ= جنن جو، جُونهين، جڏهن جو، اجهي.

ـ جُهِ سي اگَهِ آئِيا (يمن ٦/٣٣)= اجهي اهي اگهَ تي آيا.

ـ جُهِ ڪاتَ ڪَلاڙَنِ ڪَڍِيا (يمن ٦/٩)= جنن جو ڪَلاڙن ڪات ڪڍيا.

ـ جُهُ ڏوٿِي ڏَٿَ گَڏُ ٿِيا (ڪاهوڙي ١/۴)= جڏهن جو ڏوٿي ۽ ڏٿ پاڻ ۾ گڏيا.

ـ جُهُ وِڌا پيچَ پِرينِ (بروو ۴/١٠)= جنن جو محبوبن (محبت جا) پيچ پاتا.

ـ جُهُ سي سَنيرَجَنِ (رپ ١/٢٧)= جنن جو اُهي ياد پون.

ـ جُهِ آيا اُلوهِيتَ ۾ (رامڪلي ٣/١٠)= جڏهن جو اهي الاهي محبت واري منزل ۾ آيا.

ـ جُهُ لالَ رَتائُون لوئِيُون (مارئي ٧/٧)= جڏهن جو لويون لال رڱيائون.

ـ جُهُ صَرافَنِ لَڏِئو (سري راڳ ۴/٩)= جڏهن سونَ جي سچن پارکُن قدردانن ملڪ ڇڏيو.

ـ جُهِ ڦوڙايو سڄڻين (رپ ١/٦)= جنن جو سڄڻن وڇوڙيو، جنن جو جاني (جُدا ٿي) کين وڇوڙي جو فراق ڏنو.

● جِهَا= جيها، جهڙا.

ـ جِهَا اُجِا چَنڊَ (ڪنيات ٢/٨)= جهڙا اڇا چمڪندڙ چنڊ.

ـ جِهَا تَان نَہ تِهَا (آسا ۴/١۴)= جيها تيها ناهن.

ـ جِهاجي تِها (مارئي ٩/٧)= جيها جي تيها، جهڙا تهڙا.

● جهاجُ= جهاز

ـ جُنگَ جَهَاجَ (سامونڊي ١/١۵)= وڏا شاهي جهاز، 'جنگ' جهاز.

● جُهَارُ=ساراهہ وارو جَسُ ۽ سلامُ، محبت وارا پيغام.

● جهار ڏيڻ= ساراهہ ڪندي جس ڏيڻ، واڌائي ڏيڻ.

ـ جاچِڪَ تو جُهَارُ (سورٺ ٢/٧)= اي جاچڪ (ڳائڻا) توکي جس هجي.

- جهوڪُون نہ جُهٽڪَنِ (ڏهر ۴/١٦)= جهوڪن ۾ جُهٽڪ کانهي، جهوڪ وارن ماڳن تي ڪو پُڇڪر ڪرنهي، ڪو ڳالهائڻ ڪرنهي.

- جهوڪين سُونهَنِ پَهَيڙا (ڏهر ۴/٨)= مسافر جهوڪن تي آرام لاءِ اچي ترسيا آهن، تن جي سٿاءُ سهڻي پئي لڳي.

● جهوڪڻ = اندر ڍڪڻ، اندر باهہ ۾ وجهڻ.

- آن نِي جهوڪيان آڳِ ۾ (راڻو ٨/١١)= آءُ بلڪل باهہ ۾ اندر وجهان.

● جهولَ (سنهڻي ۴/١١)= وڏي پاڻيءَ ۾ تمندي (وڏي چاڙهہ واري وهڪري ۾ بعضي ڪڏهن وچ تي عارضي طور پاڻيءَ جي سطح هيٺ ٿي ويندي) ٢- وڏي اونهي پاڻيءَ جي مٿان مانار (پاڻيندڙ درياءَ ڪڏهن اونهي ڪاڌ ڪري ويندو تہ اتي لاٽ ڪان پوءِ بہ پاڻي ٺري بيهندو ۽ اهو ٺريل بيٺل اونهو پاڻي هوندو).

- نَہ ڪَنہ جهولَ جَهلِي (سنهڻي ۴/١١)= ڪنهن جهول هن کي نہ رنڊايو.

● جهولَ = واهڙ، ڍنڍ، ڍوري جي هڪ 'مٿار' يعني تانگهي پاڻي وارو پاسو، ٻي 'جهول' يعني اونهين پاڻي وارو پاسو. سامونڊي ڪناري طرف وير جڏهن چڙهي وري لهندي تڏهن هيٺاهين ۾ پاڻي ڇڏي ويندي، اهو جي تانگهو تہ 'جهول' ۽ جي اونهون تہ 'ڪُن'.

- جُهڳا پايين جهولَ ۾ (گهاتو ١/١۴)=نَنڍڙو چار تانگهي پاڻي ۾ اچلين.

- جهولَ ڏِنسِ جَهڙَڪا (سنهڻي ۵/۴)= پاڻيءَ جي جهول هن کي وڏا لوڏا ڏنا.

● جهولو= سخت گرم هوا، لُوهَہ.

- جهولو مُنڌَ جُهڙُ ٿئو (حسيني ۵/١٨)= هن مُنڌَ (سسئي) لاءِ سخت گرم لُوهہ بہ جُهڙ ٿي پئي.

- جهولي جهٽڪَ (ديسي ٢/١٢)= جهولي جي جُهٽڪ، جهولي جي سُوسَٽ.

● جهولي= چادر، جنهن ۾ زخمي کي کڻي وڃجي.

- جهوليءَ وِجهان پَاڻَ (يمن ٣/٢)= پاڻ کي (سخت زخمي حالت ۾) جهوليءَ ۾ وجهي کڻايان.

● جهُونا پَسجَن جُهوپڙا (آسا ٦/وائي)= اهي جهوپڙا جيڪي جهونا پُراڻا ٿا نظر اچن.

● جهُونڙي هَڏِ = عمر ۾ جهوني جسم (هڏ) ۾.

- هِيءَ جُهونڙي هَڏِ جهوري (معذور ٧/وائي -٢)= هيءَ جهوري (ڳاراڻي) جيڪا وڏپڻ واري پوڙهي جسم ۾ آهي.

● جهيڙڻ= جهيڙو ڪرڻ.

- آچي تہ جهيڙيان (سامونڊي ۴/١٢)= اچي جهيڙي واري ڳالهہ ڪريان، ميار ڏيئي چوانس (تہ مون کي تہ ٿورڙا بڌائيي پر تو تہ گهٽا ڏينهن وجي لاتا!).

- جهيڙي ۽ جهڙي (آبري ٧/١٠)= جبلن جي (لڪن تي) هلائُون ڪري، همت سان چڙهي.

- جهيڙِينِ (ڪارايل ٣/١٠)= جهيڙو ڪن، وڙهن.

● جِهيڪي اُٺَ جُهڪايو (آبري ٧/وائي-١٠)= مُهار کي هيٺ تي ڇڪ ڏيئي اٺ کي وهاريو.

● جِهيڻو = آهستي، هلڪو، ٿورو.

- جِهيڻو ڳالهائيج (ڪنيات ٢/٧)= آهستي آهستي ڳالهائجان.

- جِهيڻو ٻرو (رپ ١/١٩)= سَنهُون تپ (جو اندرئي اندر ۾ جان کي ڳاري).

ـ حَالُ پِرَائيو (پورب ١/٨)= حال حاصل ڪيو. حال واري ڪيفيت ماڻي. (١) سڪ ۽ سور وارو حال پرائيو.

ـ هَلِي منجهان حالَ (رامڪلي ١٢/٦)= پنهنجي 'حال' منزل ۾ هلي (انهن جا تڪيا پسون).

حَالِ= حالَ ۾. حال سان. انهيءَ طرح. ساڳيءَ طرح.

ـ ايهي حالِ حَبِيبَ (يمن ٢٩/١)= اهڙي حال يا حالت ۾ محبوب (ساهه ڪان به ويجها آهن).

ـ حالِ پَهُتي هوت ڪي (معذور ٢٠/٢)= حال واري منزل ۾ 'حال' واري ڪيفيت ۾ (پنهنجي هوت ڪي) وڃي ملي.

ـ اُڪنڊيو حالُ هَماري حَقَ (مارئي ٤/٥)= (هيءَ منهنجو) 'حال' مارواڙن، جي حق ۾ اُڪنڊ وارو ٿيو، (حال ۾ پنهنجن مارواڙن جي سڪ ۽ اڪير ۾ آهيان).

ـ حالَ وِڃائِيم حَقَ (رائو ١٣/٧)= پنهنجا حال ۽ حق وڃايم. حق (بيشڪ) پنهنجا حال وڃايم.

ـ حالَ نه پائِي هوتَ (حسيني ١٣/٧)= هوتَ حالَ پائي (همدرد) نه ٿيا.

ـ پَسِي حَالُ سَندوءِ (بروو ٢٧/٢)= (تنهنجو ضعيف ۽ هيڻو) حال ڏسي.

حال= هلندڙ وقت.

ـ مٿي حالَ هوشيارُ ٿِي (آسا ١٨/١)= پنهنجي هلندڙ وقت ڪي سڄاڻيءَ سان سنڀال (جو "حال" ئي هلندڙ زندگي جي حقيقت آهي).

حَالِ= هاڻي ئي، هن حال ۾ ئي، هن وقت ئي، هينئر ئي.

ـ هَلُ هوتَنِ ڪارڻِ حالِ (معذور ٢/وائي) (اي سسئي!) پنهنجن هوتن (کي ڳولڻ ۽ ملڻ) خاطر هينئر ئي رواني ٿي.

● حامِي (حسيني ١/وائي:٢)= حمايتي، مددگار.

● حَبِ= حَب ندي (اهو نالو آڳاٽو عرب اسلامي دور ۾ پيو: حَبحَبة= ٿورو وهندڙ پاڻي).

ـ جي حَبَ نه هَلَنُ سِڪيُون (ڪوهياري ٥/٥)= جيڪي حب ندي (جيتري ويجهي پنڌ) تائين هلڻ نه سکيون آهن.

● حُبُ= سچي محبت.

ـ حُبُ جنهين ڪي هوءِ (سارنگ ١٦/١)= جنهن کي سچي محبت هوندي.

● حُبابَ = بوڙيا، جَرَ ڦوٽا.

ـ سي تان سَبَ حُبابَ (سنهڻي وائي ١/١٢)= اهي سڀ خالي بوڙيا آهن.

ـ حُبابَ ئِي هُئا (ڪلياڻ ١٣/٢)= (وادي جي سدا وهندڙ قيمتي پاڻي توڙي وادي جي زرخيز زمين مان ڪو فائدو حاصل ڪرڻ ڪيائون ۽ نه ڪجهه پوکيائون نه لڻيائون) فقط وادي ۾ وهندڙ پاڻي مٿان عارضي بوڙيا بڻجي پل ۾ پورا ٿي ويا.

● حبيب= محبوب، پيارو دوست، سپاجهو سڄڻ.

ـ ڪُٺي هَٺُ حَبِيبَ جو (يمن ٧/١)= منهنجي پياري پرينءَ جو هٺ (جنهن سان هو ڏک ٿو هڻي ۽ وار ٿو ڪري سو مون ڪي وڻي ٿو ۽ اهو) ڪُٺي آهي.

ـ هَڻُ حَبِيبَ هَٺُ ڪُٺِي (يمن ١/٣)= اي پيارا پرين! پنهنجو هٺ اُپو ڪري (پاڻهن الاري) مون کي ڏک هڻ.

ـ حَبِيبُ تُون، طِبِيبُ تُون (يمن ١/١)= تون ئي منهنجو حبيب ۽ تون ئي منهنجو طبيب آهين.

ـ حَبِيبَانِي هيج (سنهڻي ٧/٢) = حبيبن جي هيج ۾، محبوبن سان ملڻ جي چاهه ۽ خوشيءَ ۾.

ـ حَبِيبَنِ هَنيوسِ (يمن ١٤/٣)= محبوبن کيس هنيو.

ـ حَرَفُ حَقَانِي (ڪليات ٢/١٠)= حَقِي ميان حق تعاليٰ سان ڪيل اقرار (قالو بليٰ واري ميار)

حَرفُ = اکر (اصطلاحاً) اصولي ڳالهه، بنيادي تعليم، اصل حقيقت.

ـ حَرفُ مڙوئي هيڪُ (يمن ٥/١٦)= جملي سڀ حرف حقيقت ۾ هڪ آهن، ساڳي هڪ ئي معنيٰ ۽ هڪ ئي تعليم وارا آهن.

ـ حَرَفُ نَہ سُجي هيڪڙو (رامڪلي ٣/١١)= هڪ حرف به نہ نڪري (جو هو محويتَ واري ماٺ ۾ آهي).

حَرفُ= مَيارَ بدنامي جو ٽِڪو.

ـ حَرفُ لَٽي هيڪَڙي (مارئي ٢/١٠، وائي ٣/٢)= (آجي ٿين سان) ڪوٺ ۾ هئڻ واري ميار لٿي (اها ميار تہ آءُ ڪاهت خوش ٿي ويٺي آهيان. يا مون ست سيل نہ رکيو آهي: عمر بادشاه مون کي ست سيل جي تصديق سان آجو ڪندو تہ اها ميار لهندي).

حِرفَتَ = اٽڪل، رِٿَ، سازش، حيلو.

ـ حِرفَتَ سان (ڪلوڙ ١/٨)= اٽڪل سان، حيلي سان.

حَرِيفُ (جمع) حريفَ = رَقِيبُ، حرفتي مخالف.

ـ حِرفت حَريفن جي (پرياتي وائي ٢/٢)= رقيبن مخالفن جي رِٿَ، سازش.

● حُزنَ = غَمُ، ڏک، گِريو، دائمي، غم.

ـ حُزنَ ڏِينهَ حَشرَ جو (ڪاهوڙي ١/٢٠) = محشر جي ڏينهن (عمل جي حساب ڪتاب) وارو غم.

ـ حُزنَ ۾ (پرياتي وائي ٢/٢)= غم ۾، اندوه ۾.

ـ حُزنَ هوتَ پُنهُونءَ (معذور ١/وائي)= هوت پنهونءَ جي (فراق کان، ۽ سندس وڇوڙي وارو) غم.

حِسُ= احساسُ، شُعورُ، محسوسات.

ـ هيءَ ڇڏيائون حِسُ (رامڪلي ٦/٢٥)= هن دنيا (۾ هئڻ) وارو احساس، هن دُنيا وارو شعور وڃايائون.

● حسابَ جو (ڪلوڙ ٢/١١)= ليکي جو، محصول جو.

● حُسن= خوبي، سهڻائي.

ـ حُسْنُ جو حَقَ جو (ڪليات ٢/١٢)= ازلي حقيقت جو حسن، ذات حق (الله پاڪ) جو حُسن.

ـ حُسن سندو حق (آسا ١/٤)= اهو حق جو حُسن آهي (جنهن کي)، جو حق جو حُسن (تنهن کي).

● حَشَرُ= محشر وارو حساب ڪتاب.

ـ حَشَرَ ڏِينهہ (رائو ٤/١)=محشر واري حساب ڪتاب جو ڏينهن.

● حُضورُ= حق جي موجودگيءَ واري پاڪ جاءِ، حق جي موجودگيءَ وارو جلوو.

ـ جِتي پرينءَ حُضُورُ (ڪليات - ٢٧)= جتي محبوب (ذات حق، الله تعاليٰ) جي موجودگي آهي.

ـ هَردَمَ آن حُضُورِ (سورٺ ١/٨)= هر گهڙي اوهان جي حضور ۾، اوهان جي آڏو.

ـ پرينءَ حُضُورِ (ڪنيات ٢/وائي-١)= پياري پرين جي حضور ۾، سندن آڏو، سندن موجودگي ۾.

ـ هَلِي وانءَ حُضُورِ (ڪنيات ٣/٢)= تون حضور ۾ هلي وڃي حاضر ٿيءُ.

● حُضُورا = حُضوران، حضور مان، روبرو حاضري مان، دربار مان.

ـ حاصلُ حُضُورا (بلاول ١/٨)= حضور مان، دربار مان، روبرو حاضريءَ مان حاصل

● حُضورِي = حُضور ۾ ويندڙ، وڏي درجي وارا.

ـ آءُ تون حُضُورِي (ليلان ١/١)=اي حضور ۾ ويندڙ

وڏي درجي وارا تون اچ.
ـ حُضُورِي هيرَ (آسا ٦/١٠)= حُضوري دربار ۾ وڃڻ جي هيرَ، شاهي دربار ۾ حاضري جي عادت.
ـ حُضُورِي ڪِنَا (يمن ١/٢٣)= حقيقي محبوب جي حاضري ۾ آندا، حضور وارا ڪيا.
ـ حُضُورِي حج ڪئو (آسا ٢/٥)= حضورَ ۾ وڃي حج ڪئو، حرم ۽ مقدس مقامات تي حاضر ٿي حج پڙهيو.
ـ ٿِئو حُضُورِي هاڻِ (ڪارايل ١/٥)= هاڻي هو وڏي مان مرتبي وارو ٿيو.
حَقُ = حق واري حقيقت، 'ذات حق' (الله) وارو خيال، سَچُ، سچي حقيقت.
ـ هُئي جَنهِ ۾ حَقُ (ڪلياڻ ٣/١١)= جنهن ۾ سچ هجي، سچي حقيقت هجي.
ـ حَقُ حَقِيقِي هيڪڙو (ڪلياڻ ١/١٧)= اصل حقيقت ۾ ذات حق هڪ الله آهي.
ـ سو سيوِئي حَقُ (ڪلين ٣/٢٢)= اهو سڀ هيڪڙائي حق آهي.
ـ حَقُ چَوِين (ڪلياڻ ٣/٨)= ساڳي هڪ حقيقت چوين، حق الله چوين.
ـ حَقُ چَئِين (آسا ٦/٩)= حق سمجهي حق چوين.
ـ سَندو مارُوءَ حقُ (مارئي ٧/٩)= پنهنجي وَرَ ماروءَ جو جيڪو مون تي حق آهي.
حقاني = حق ۽ حقيقت وارو، حق تعاليٰ اڳيان ڪيل (وعدو)، حقيقي حرف. (ڏسو 'حرف حقاني')
● حَقالُو = حق وارو، حق، مڙس، پتار، ڪانڌ.
ـ حَقالُو مون هَتِ ٿِئو (مارئي ٥/٩)= منهنجو حقي پتار هَت ٿيو، منهنجو حقي وارث هَت ٿيو.

● حَقِيقَتَ = اسلام جي پاهرين توڙي اندروني حقيقت ڪي سڃاڻڻ واري بصيرت، وحدانيت جي سچائي تي مڪمل يقين. 'حقيقت' واري منزل (تصوف جو اصطلاح)، 'حق' واري منزل، حق وارو خيال.
ـ هِنيو حَقِيقَتَ هيرِ تُونِ (ڪلياڻ ٢/٢٢)= پنهنجي هانءِ (دل) کي حقيقت سان لڳاءِ، حقيقت واري منزل ۾ آڻ.
ـ هِنيُون حَقِيقتَ گڏئو (ڪلياڻ ١/١٢) پنهنجي من کي 'حيقيقت' واري منزل سان ملائي هڪ ڪري.
ـ حَقِيقتَ جو حَقُ (سنهڻي ٤/١٠)= 'حقيقت' جي منزل وارو حق.
ـ حَقِيقتَ هُٿي (آسا ١/٩)= 'حق حقيقت' واري جلوي مون کي ماريو (هٿي منهنجي جان جدائي ڪئي).
● حَقِيقِي = اصل حقيقت ۾.
ـ حَقُ حَقِيقِي هيڪڙو (ڪلياڻ ١/١٧)= ذات حق، حقيقت ۾ هڪ ئي آهي.
● حَڪِيمُ = سدائين حڪمت ۽ دانائي وارو.
ـ چَئِي حَمدَ حَڪِيمُ (ڪلياڻ ١/١)= حڪيم (الله) جي حمد چئي، سندس ساراهه ڪري.
● حل ٿِيڻ = ڳري ڳـڏجي هڪ ٿي وڃڻ، ڳلي ملي هڪ ٿيڻ (جٿن ٻيائي نه رهي).
ـ جي ٿِيَا حَلُ حَبِيبَ سِين (آسا ٦/١٨)= جيڪي ڀَاءَ "فَنَا" ٿي، محبوب ۾ ملي هڪ ٿيا، جيڪي محبوب سان ملي ٻن وارو فرق ختم ڪري هڪ ٿيا.
● حلاَلِ = پاڪ صاف.
ـ ٿِيين هُوندَ حَلالُ (معذور ٤/١)= تون جيڪر پاڪ صاف ٿئين.
● حِلمَ جا (مارئي ٦/١٣)= نهٺائيءَ جا، صبر جا.

- روڙٿو رَتا گُلَ (مارئي ٨/٣٠)= ڳاڙها رَتلَ گُلَ ڇِڪي پٽي.

● رَتو = (رَچڻ، مان ماضي) ڳاڙهو ڪيو، رَتل.

- اُجان راتِ رَتومِ (حسيني ١٠/١٢)= اڃان گذريل رات ئي مون ڳاڙهو ڪري رڱيو آهي.

- رَتو رُون (راڻو ٣/٤، رامڪلي ٥/٢٠)= اُهي (ڳاڙهي) رَتَ گاڏئون رُئن.

● رَتولُ (سورٺ ٣/٤)= ڳاڙهو رنگ محل. ڳاڙهو رتل.

- پرٺا رَنگَ رَتولَ (راڻو ٤/١٦)= ڳاڙها رَتل رنگ روشن ٿيا.

رَتي = تور جو ننڍڙو ماڻ، (پنج رتيون= هڪ ماسو). اصطلاح طور: ذرو، ذرڙو.

- رَتي علم نہ راسُ (آبري ٥/٨)= (پرينءَ جي پسڻ کان سواءِ) ظاهري علم هڪ رَتيءَ جيترو (ذرو بہ) پورو پکو (مڪمل) ناهي.

- رَتيءَ جي (آبري ٥/١٥)= هڪ لمحي جي، هڪ ذري جيتري.

- رَتيءَ جيترَو (مارئي ١١/٢٤)= ذري جيترو.

- رَتيون ٿِئين (ديسي ٣/١٠)= ذرا ذرا ٿئين.

- مَچڻ روءَ رَتيون ٿئين (ڪوهياري ١/١٢)= متان، اي جبل! تون ذرا ذرا ٿئين.

- رَتي رات (آسا ٣/١٢)= رِهاڻ ۾ رَتل رات.

- رَتي روءِ (رامڪلي ٧/٩) = ڳاڙهي پيشانيءَ سان، منهن جي ڳاڙهي رونق سان.

- رَتين مولهيين (رامڪلي ٥/٢٨)=ڳاڙهن پڳڙين سان.

رَتيُون (ڪارايل ١/٢٠)= رَتيجي پيون، رتائجي پيون.

رُپو (مارئي ٧/٢)= چاندي.

- رُپو ڪَندا راهَ (يمن ٦/١٥)= رپو راه ڪندا، چاندي جا ڍگ ڪندا (قدر ڪندا ۽ وڏي ڳري قيمت ڏيندا).

- رُپي سَنديُون (پرڀاتي ٢/٢)= چانديءَ جون.

- رُپي راندَ ڪَيائين (ڪلموڏ واڻي ١/١)= (سوال جنهن ڪيو تنهن کي تہ سونُ ڏنائين، باقي) رُپي جي تہ راند لائي ڏنائين، لُٽ لائي ڏنائين (سيڪنهن کي ڏنائين).

● رُجات = رُجوعات، (ڪنهن ڏانهن) رُجوع ٿيڻ وارو عمل، پوئلڳي، بندگي.

- ڪُوءِ راولُ ٻَنِ رُجاتِ (رامڪلي ٢/٢٦)= ڪوهہ ۾ پوي راول تہ ٻن ۾ پوي رُجوعات (سندس پوئلڳي)!

● رِجائڻ = زمين کي گهٽو پُسائڻ، پاڻيءَ ڏيئي گهٽو آلو ڪرڻ.

- رِجَائِينديَس رَتَ سِين (حسيني ٩/٦)= اکين مان رَت جا ڳوڙها ڳاڙي پُسائيندِيس.

● رِجُ=١. پٽن وارو رڻ جنهن ۾ هيٺ زمين ۾ بہ ڪٿي پاڻي نہ هجي. (ايرندي ناري جي پريان سانگهڙ ضلعي جي اتر- اوڀر کان وٺي خيرپور ضلعي منجهان ويندي روهڙي تعلقي جي ايرندين حد تائين ۽ اڳتي، ڪٿي وڏي ۽ ڪٿي گهٽ ويڪر واري، پٽن جي ايراضي جنهن ۾ پاڻي ڪونهي ۽ جنهن کي مقامي سنڌي ٻولي ۾ 'رِج' ('ر' جي زير سان) سڏجي. هي 'رج' پاڻيءَ جي پاڇي واري 'رُج' يا سَرابَ کان الڳ آهي). ٢. رڻ بيابان واري رِجُ جتي پاڻيءَ جو ڏيکاءُ هجي، پر پاڻي نہ هجي.

- راتيان رِجُ رَهَنِ (ڪاهوڙي ١/١٨)= رات جو رِج واري رڻ ۾ رهن.

- روڏ رِجَنِ ۾ رُونِ (معذور ٢/٨)= وڏا ڪارا ڪانگ (روڏ) بہ رجن ۾ دانهون ڪن.

پير وجهي گهوڙي تي چڙهجي).

- رڙهي ساڻُ رڪابَ (سنهڻي وائي ۱۲/۷)= هادي يا رهنما جو رڪاب (رڪيب) جهلي، رڪاب سان گڏ رڙهي تون اٿين ڪر.

- رِڪابين پيرانِ (ڪنيات ۱/۸)= رڪيبن ۾ (سندن پير آهن) يعني رڪيبن ۾ پير وڌا اٿن ۽ چڙهن ٿا.

- وِڌو راءِ رِڪابَ ۾ (ڏهر ۳/۱۰)= ۱. ڪڇ جي راءِ رڪاب ۾ پير وڌو.

● رَکَ = پناهه، حفاظت.

- رَبَ تُنهنجي رکَ (سري راڳ ۲/۱۳)= اي پروردگار تنهنجي پناهه!

● رَکڻ = ڏَرڻ، ريت رسم ڳالهه پوري ڪرڻ.

- رِکج جوڳ (رامڪلي ۲/۲۸)= جوڳ جي ريت رسم پوري پڪي بجا آڻج.

- رِکجُ حَقُ (سنهڻي ۹/۱۱)= توتي جيڪو حق آهي سو سنڀالي پورو ڪج.

- رَکئو پَنُ (مارئي ۹/۱۸)= پَنُ رکئو، پردو رکيو.

● رڳُن ۾ (ڪلياڻ ۲/۱)= جسم جي جڙين رڳُن ۾.

- رڳُون سُوجَهڻ، رڳُون سُوجهي ڇڏڻ (يمن ۲/۵)= ساهه واريون رڳون جهلي وڃي ڇڏڻ ("جانور کي ذبح ڪرڻ ۽ سِير وهائڻ وقت ڪي ساهه واريون رڳون رهجي وڃن ته پيو ڦٿڪندو: اهڙي حالت ۾، وري اهي رڳون جهلي سُوٽي سوليون ڪري وڃي ڇڏبيون ته جئن ڦٿڪڻ لهيس ۽ ذبح ٿي وڃي. جانور جي ڦٿڪڻ وقت سِير وڃڻ واري کي پيا چوندا ته "رڳون سوجهي ڇڏ!" = سوٽي سوليون ڪري وڃي ڇڏ، هٿيڪيون ڪري جهلي وڃي ڇڏ.

● رڳيائي راحَتَ (معذور ۱/وائي، ڪوهياري ۴/۴) = (هوت پنهون ۽ جو درد محبتيءَ لاءِ) سراسر راحت ئي راحت آهي.

● رِلي = اي رُليل! اي مُوڙهل!

- رُلي پانيَڻ راندِ (حسيني ۵/۸)= اي موڙهل (سسئي) تو پروچ (پنهون) جي عشق کي ٻاراڻي راند ڪري ڀانيو!

● رَمزَ = راز واري ڳالهه.

- جان رَمزَ پَرُوڙيم رُوءِ (يمن ۶/۱۲)= جئن جو مون راز جو رخ صحيح ڪيو، رازواري ڳالهه کي چٽو سمجهيو.

- رَمزَ پَرُوڙِيئُون رازُ (ڪلياڻ ۴/۳۶)= راز جي رمز کي پروڙيئون، (ڇيري جي ڇيپي جي) رمز ۽ راز کي سمجهيائون.

● رَمُوز = 'رمز' جو جمع، رمز واريون حقيقتون.

- رَمُوزَ سِين (رامڪلي ۳/وائي)= رَمزُن سِين، ڳجهه وارن اشارن سان.

- رسي ان رَمُوز کي (ڪارايل ۱/۶)= انهن رمزن کي پهچي، ڳُجهن اشارن کي پروڙي، ڳُجهين ڳالهين کي سمجهي.

● رَمَڻ (فارسي. رَميدن) = هلڻ، وڃڻ، روانو ٿيڻ.

- انهِين راهَ رَميجُ (سنهڻي ۹/۱۰)=انهين واٽ سان هلج.

- رِنگڙِ يَارَا رَمِيَا (رامڪلي ۶/۲۲) = اهي لانگوٽيءَ جي لينگ وارا هليا ويا.

- رَاوَلَ ڍَکي رَمِيا (رامڪلي ۵/۲۷)= اهي راول لباس پائي روانا ٿيا، اهي شهزادا ويراڳين وارو ويس ڍڪي هليا.

- رَمُ رَبانِي راهَ (آسا ۱/۱۸)= رب واري راهه وٺي هل، ايمان ۽ سچائي واري واٽ وٺي هل.

ـ رُوپَ سِين (آبري ٦/٢)=سونهن واري وڏي رنگ سين.

● روڄهه (جمع) روڄهڙيون (ديسي ٥/٢)= روڄهه جانور.

● رُوحَ = جسم ۾ اندروني پاڪيزه قوت. (اصطلاح طور) دل جان، ساهُ پساهُ.

ـ رُوحَ ۾ آئا (سارنگ ١٢/١)= ساهه ۾ سمائجي ويا، دل تي چڙهيا، ياد پيا.

ـ منجهان رڳُنِ رُوحُ (يمن ٨/٦)= رڳن مان ساهه.

ـ روحَ تَني ساڻُ ريهي (ڪنيات ١/وائي-١)= روح جو تن ساڻ ريهه آهي، روح ٿن سان ريهيل آهي، ريهه سان ڳنڍيل آهي.

ـ رُوحان اندر روه (پورب ١٧/٢)= روحاني طور اندر ئي اندر ۾ روئي.

روڏُ = رُڃن وارا وڏا ڪارا ڪانوَ.

ـ روڏُ رِڃنِ ۾ رُونِ (معذور ٨/٢)= بيابان وارا ڪانوَ بہ رڃن ۾ بي حال ٿي دانهون ڪن.

ـ روڏُ رُڃن جا (معذور ١٣/٧)=رڃ جا وڏا ڪارا ڪانگ.

● روڏا = اُٺَ (ڏيرن جا).

ـ روڏا ڪري رِئي (ديسي ١١/٥)= اٺ تڪا هلندي مٿي اڏاريندا.

ـ رَوڏا رِنگائي (ديسي ١١/٦)=اٺن کي رڙيون ڪرائي.

روڙڻ = (ڪوريءَ جو اصطلاح) چپنيءَ سان زور ڏيئي، ڳنڍين ڳوڙهن کي سنواري، تند يا ڌوري کي صاف سٺو ۽ لسو ڪرڻ.

ـ رَنڍا روڙيا جَنِ (ڪاپائتي ٢٠/١)= جن ٿلها ڌورا ڪٽيا.

روش (بلوچڪي)= روز.

ـ روش مَروشِي روش (ديسي ٧/٧)= روز اجوڪي روز، اجوڪي ڏينهن.

● رَوڳُ = بيماري، خرابي، خلل.

ـ راوِلَ وَڏو روڳُ (رامڪلي ٢٨/٢)= اي پيارا (راول) اهو وڏو مرض آهي، وڏو خلل آهي.

● رُوم = قران شريف جي سُوره (نمبر ٣٠) جو نالو.

ـ منجهِين 'رُوم' رَهَنِ (مارئي ٨/١٠)= سوره 'روم' ۾ سمايل فڪر ۽ رهنمائي تي سوچ ويچار ۾ رهن.

● رُومِي = مولانا جلال الدين رومي (٦ ربيع الاول سنہ ٦٠٤-٥ جمادي الآخر سنہ ٦٧٦هہ) مشهور ڪتاب "مثنوي" جو مصنف، شمس تبريزي جو مريد، ترڪي جي شهر قونيا ۾ مدفون.

ـ اِيءَ رومِيءَ جِي رُوه (ڪلياڻ ١٦/٢)= مولانا روميءَ جي فِڪر جي اها صورت حال آهي.

ـ رُومِي جو آهي (ڪلياڻ ١٨/٢)= مولانا رومي جيڪو ان فڪر جو صاحب آهي.

ـ اَندَرِ رُومِي راهُ (ڪلياڻ ١٧/٢)= اندر ۾ وڏي نظريي (راه) وارو مولانا رومي.

● رُونِ = رُئن، روئِن.

ـ سي نہ رُونِ نہ چُرنِ ڪِين (يمن ٢١/١)= سي نڪي رُئن، نڪي ڪجهه چون.

ـ رَتُ ڏِيهاڙِي رُونِ (ڪلياڻ ٧/٤)= روزانو رت جا ڳوڙها ڳاڙين.

ـ ڀَني وينا رُونِ (ڪوهياري ١٤/٢)= ڀني (سسئي ۽ جبل) وينا رئن.

ـ نيڻَ مُنهِنجا رُونِ (ڌهر ٩/٤)= منهنجيون اکيون پيون رئن.

ـ سي مَرُ رويو رُونِ (آبري ٩/٧)= سي ڀَل پيون رئن.

● رُونٽو = رُونٽي هڻ وارو، لڱو مڱو.

- رُونئو ڏاران راڳ (پرڀاتي ٢/٢٢)= راڳ ڪانسواءِ بہ رُونئو (مگڻو سخي سبڙ ڪان انعامي ٿيو).
● رُونجھائي = 'رونجھي' جو اولاد (سبڙ).
- رُونجھائي راڄاڻُ (پرڀاتي ١/١٩)= سبڙ رونجھائي وڏو راڄيو آهي.
- رُونجھائي رَسُ (پرڀاتي ١/٩)= اي رونجھائي (سبڙ) اچي منهنجو واهرو ٿيءُ.
- رُونجھي راهَ (پرڀاتي ٢/٨)=رونجھي جي راهہ، رونجھي سبڙ چامر ڏانهن وڃڻ جو رستو.
- اِنَ راهَ مَٿي رُونجھي (پرڀاتي ٢/٤)= انهيءَ راهہ رسمر تي رونجھي (سبڙ چامر).
● رُوندَ = رئندا، هميشه لاءِ رئندا، رُنَدڙ.
- مُون سي ڏِٺا رُوندَ (سري راڳ ٣/٦)= مون سي رئندا ڏٺا.
- پَنڌُ ڪِئو رُوندو (ڪاهوڙي ٣/١٣)= وڏو روج راڙو (پنڌ) ڪري رئندو.
- رُوندي راتِ وِهاءِ (يمن ٦/٣٧، ڪاپائتي ١/١٧) = رئندي رات وِهائي (پوري ڪئي).
- رُوندِين تَان رو (رامڪلي ٧/٧)= تون جيڪڏهن رئندين تہ ڀل رو.
● رَوون (ديسي ٧/٥)= (بلوچڪي) ويندا سون. روهُ = خشڪ جبلن پهاڙن وارو ملڪ.
- ڪُونجُون سارِين روهَ ڪي (مارئي ١١/٢)= ڪونجون (پکي جيڪي سنڌ ۾ چڳڻ اچن) سي پنهنجي روهہ واري ملڪ کي ياد ڪن.
- مَتان روهَ رَتيون ٿِئين (ديسي ٣/١٠)= اي روهہ، اي تڪر! متان ريتيءَ وانگر ذرا ذرا ٿئين.

- مَـوڻُ روهَ رَتيون ٿِئين (ڪوهياري ١/١٢)= اي جبل! متان ريتيءَ وانگر ذرا ذرا ٿئين.
● روءِ = هُوءَ روئي.
- وِيئي روءِ رَتَ ڦُڙا (حسيني ٩/١١)= ويئي رت جا ڳوڙها ڳاڙي.
- روءِ اُڀي چوءِ (مارئي ٣/١١)= پئي روئي ۽ بيٺي چوي (تہ سمجھ سوري ڀانئيان...).
- ڳِرِيو جَهلِئو روءِ (سامونڊي ٣/١٣) = ٻيڙيءَ جي ڳريي واري رسي کي جهلي بيٺي روئي.
● روءِ = تون روءِ.
- روءِ منجهيئي (معذور ٤/٤)= اندر ۾ ئي روءِ!
● رُوءِ = رُخ، نمونو، رنگ، صورت، حالت.
- رَمزَ پَروڙِيم رُوءِ (يمن ٦/١٢)= رمز جي روءِ پروڙيم، راز جي ڳالهہ کي سمجهيم، حقيقت کي سمجهيم.
- اُچي پَسو رُوءِ (يمن ٤/٢)= اوهان اچي صورت حالت ڏسو.
- رُوءِ تهڙي سڄڻين (رپ ٢/٢٠)= سهڻن سڄڻن جي منهن جي رونق بہ اهڙي.
- رُوءِ راڻي جي (راڻو ٨/٤، ١٠/١١)= راڻي جهڙي مُهانڊي نموني، راڻي وانگر.
● رُوءِ = (فارسي. رُو = منهن) = ڪنهن جي منهن مهانڊي ۽ شڪل صورت مان جيڪو خيال يا ارادو ڏسڻ ۾ اچي. رخ، خيال، رٿ ۽ رمز، نظريو. لقاءُ. پسارو، ديدار.
- ايہ روميءَ جي رُوءِ (ڪلياڻ ٢/١٦)= اها رمز، اهو خيال، اهو نظريو مولانا روميءَ جو.
● روئڻ= رئڻ.

- رَيائين = پوريءَ طرح پري پُسايائين.
- ريجي رَيَائين (سارنگ ٣/٩)= سڄي ملڪ کي رِڄايائين ۽ پاڻيءَ سان پريائين.

ريبڻ = ڏُتارڻ، نڳڻ، پُلائڻ.

- رامَ تَنهين کي ريبِيو (رامڪلي ٢/٢٤)= رام تنهن کي پُلايو.
- ريبي (ڪاپائتي وائي ٢/١)= ڏُتاري.
- ريبي تانَ مَ رَهايو (آبري ١/وائي-١)= مون کي ڏُتاري جهلي وهاري نه ڇڏيو.

● ريبارو (راڻو ١٠/٣)= قاصد.

● ريبارڻِ (ڏهر ٣/١٠)= ريبارين جي قبيلي جي عورت (جنهن کي ڪڇ جي راءِ ڪنگهار پاڻ وٽ وهاريو جو هو مٿس موهت هو. ڪڇ جي روايت موجب ريبارڻ سهڻي هئي ۽ سندس نالو ٿي چنيچل هو. ريبارڻ راءِ ڪنگهار کي پنهنجي محبت ۾ قابو ڪيو، انهيءَ لاءِ ته لاکي کي روڪي، ڇاڪاڻ جو لاکو ريبارين جي وڳن جون لوڙيون هڻندو هو).

- ريبارِڻِ روئي، واڙي وِڏا وَڇَڙا (ڏهر ٣/٢٢)= ريبارڻ روئي وڇڙا ورائي واڙي ۾ وڌا.
- ريبارِي رَهِي وِيَا (ڏهر ٣/٢١)= ريبارين جي لڏ لڏان ختم ٿي ۽ هو هاڻي ٿانيڪا ٿي هميشه لاءِ رهي پيا.

● رِيتِ (آسا ٥/١٢)= (اصطلاحي معنيٰ) جيڪي ڪجهه ڪرڻ جڳائي، جڳائتي رَوِشِ.

ريتو (آسا ٤/١٢)= پانڌي مثل ڳاڙهو پوتڙو (پارن جي پائڻ لاءِ)، مَلِيرُ ڇٽي ڳاڙهي رنگ ۾ رڱيل ملير، هڪ خاص رڱيل ڳاڙهو پوچڻ.

- رڱي پَسُ ريتو ڪِنا (راڻو ٢/٧)= عشق ۾ رڱجي رڇي وِئا.
- ريتو ٿِنا (راڻو ٢/١٥)= ريتي وانگر رنگ ۾ سهڻا لال ٿيا.

● ريٽ= ريٽ= ريٽي مثل ڳاڙها سهڻا ڪپڙا.

- هِتِ رَجائِن ريٽَ (مارئي ٥/١٨)= هت (عمرڪوٽ ۾) ڪپڙن کي ڳاڙها لال رنگ ڏين.

● ريجاڻي = ريج واري زمين.

- رِڙهنو ريجاڻي چڙهين (ڏهر ٥/٦)= تون آهستي آهستي وڌي وڃي تو ريج واري زمين ۾ چُڪين.

● ريجَڻ = پاڻيءَ ڏيڻي زمين کي رڄائڻ.

- ريجي رَيَائين (سارنگ ٣/٩)= ملڪ کي رڄائي پاڻيءَ سان پريائين.

● رِيجهه=خوشيءَ واري ريت رسم، خوشيءَ واري رهاڻ.

- رِيجهه ڪرڻ= خوشي ڪرڻ، گهڻو راضي ٿيڻ.
- ريجهه ڪَيائون (سارنگ ٤/٤)= گهڻي خوشي ڪيائون (وڄڙيون ريجهي خوش ٿي گهڻو وسيون).

● رِيجهائِڻَ = (پنهنجي رهاڻ سان) خوش ڪرڻ.

- راءِ رِيجهائِڻ آئِيُون (ڪاموڏ ٢/٢)= راءِ کي ريجهائي آيون، خوش ڪري آيون.
- جَنِ ريجهَايا رَاجِيَا (پرڀاتي ١/٢٠)= جن (منگتن سازاهڻ ۽ ڳائڻ سان) راڄن جا سردار ريجهايا، راضي ڪيا.
- رِيجهائي رمُوزَ سين (رامڪلي ٣/وائي) = رمزن سان ريجهائي، نزاڪت وارن اشارن سان خوش ڪري.

● رِيڏا پَسِي رَنگُ (سورٺ ٢/٥)= راڳ جو رنگ پسي راضي ٿيا، خوش ٿي پيا.

● ريڏائي = نه نهڻ واري ارڏائي، ڏنگائي.

- چَڏِ راڻا رِيڏائِي (راڻو ٤/٦)= اي راڻا! ارڏائي،

ڏنگائي ڇڏ.

● ريڙهڻ = آهستي آهستي اڳتي ڪرڻ، ڳري شيء کي ڇڪي ٿورو اڳتي ڪرڻ.

ــ ريڙهيندي رَاتِ ڳئي (رپ ١١/٣)= ڇڪيندي رات گذري.

● ريزالو (جمع، ريزالا)= رذيل، رُليل، بي واهو، پَنڪيل، بدخواهه.

ــ رخت رِيزالَنِ جو (پرڀاتي وائي ٢/٢)= بيواهَن پَنڪلين جو قوت گذران جو (نمو).

ــ ريزالَن کي (آسا ٥/٩) = بدخواهن کي، رقيبن کي.

ــ ريزاليون (آبري ٧/٦)= ڪميڻيون، بي پتيون زالون.

● رِيسَ (آبري ٧/٦)=(ڪنهن ســـان) برابري ۾ هڪجهڙائي واري تمنا.

● ريسارو= ريس وارو، پرڪيندڙ اهو پسند نه ڪندڙ ته ڪو ٻيو سائس برابري ٿو ڪري، يا ڪنهن ٻئي کي سندس جهڙو ڪري پانيو وجي ٿو.

ــ سَبَرُ رِيسَارو (پرڀاتي ٢/١)= سخي سبڙ بادشاهه ريس وارو آهي.

رِيسائو = ريس وارو ٿيو، تنهن ريس ڪئي، تنهن کي غيرت آئي.

ــ سو رِيسائو راڄاڻ (ليلان ٢/١٠)= تنهن سردار ريس ڪئي، تنهن کي غيرت آئي.

● ريڪان= ريڪون، تارون تندون، ڪي ڪي ڏريون.

ــ رُوحَ اندرِ ريڪان (راڻو ٥/١٣)= اندر دل ۾ (سڪ محبت ۾ درد) جون ڏارون.

● ريڪُون = نئين نوجواني ۾ نڪرندڙ ڏاڙهيء جي سنهڙن وارن جون ريکون.

ــ ڪَنِي ريڪُون رَتّيون (راڻو ١/١٥)= ڪن نوجوانن کي ڏاڙهيء جي وارن جي ساوڪ ٿي.

● ريلڻ= پاڻيء جي پلٽ سان ملڪ پلٽي ڇڏڻ، پاڻيء جي ريلي ۾ وَهڪ سان زمين رڇائي ڇڏڻ، پلٽ ڪرڻ (اصطلاح) پنڌ سان زمين پيرن هيٺان ڪڍڻ، جهاڳڻ.

ــ ريلِ (امر)= پلٽ، پُساء، جهاڳ، لنگهه ۾ پار پئُ.

ــ اُتي راتو ريلِ (آبري ١/١٦)= (اي سسئي!) اتي ريتي ۾ راتي وارو پنڌ ڪر، ريتي ۾ راتي وارو ٻَرُجهاڳ.

● ريلَ = دريا جي پاڻي لهڻ سان نڪتل ريج واري زمين، زمين جي سڌي سهڻي پَٽي، وڏي ٻوري يا ٻنڌ جي پاسي واري ( زمين جي سڌي پَٽي پلهر ٿي).

ــ راتِ وَڇايا رَيلَ ۾ (ڪاموڏ ٣/٩)= ڇامر تماچي گذريل رات ٻنڌ جي پاسي واري ريل (زمين) ۾ طنبورا وڇايا ۽ محفل ڪئي.

● ريلو = پاڻيء جي وَهڪَ ۾ پلٽ.

ــ رَحمتَ جو ريلو (سارنگ ١/١١)= رحمت جي پاڻي (مينهن) جي پلٽ.

● رِيليان رَوَ (راڻو ٨/١٦)= پَٽي ليٽان، اُٿلان پٿلان (پاڻيء جو وهڪرو پَٽَ ريلي ويندو آهي، پَلٽ ڪري ساري زمين مٿان وري ويندو آهي. جڏهن اٿل وارو پاڻي پلٽ ڪري پيو پَٽ کي ريليندو آهي، تڏهن مومل به جڻ پٽي رَوَ ريلي، راڻي جي اچڻ واري وات تي هلي ويهي، سمهي، اُٿلي پُٿلي).

● رَينِ = رات

ــ جر رَينِ رَسائي دِن (پرڀاتي ١/٥)= جيڪو رات توڙي ڏينهن جو رزق رسائي.

نوازڻ، سرفراز ڪرڻ.
ــ سُوالِي تو سَمَگِنا (سري راڳ وائي ١/١)= سوالي تو ڏائي ڇڏيا، سکيا ڪيا.
ــ سَمي ڄامَ سَمَگِنو (ڪاموڏ ٤/١٣)= سمي ڄام (ملاحن کي) بخشيو، انعام ڪري ڏنو.
● سَمَگِنِي = (اهو اچار راڳ جي لحاظ سان، اصل اچار) سَمَگي يا سمنگي= نوازي.
ــ اِيءَ سَمي ڄا سَمَگِنِي (ڪاموڏ وائي ٣/١)= هن (نوريءَ) کي سمي ڄام انعامن اِڪرامن سان نوازيو.
● سَمُن (سنهڙي ٩/١)= گڏجاڻيءَ جي مقرر ڏينهن ۽ وقت لاءِ ڏنل خبر، گڏجاڻيءَ لاءِ مقرر ڪيل وقت ۽ ماڳ تي ملڻ جو اقرار ۽ انجام (جنهن ۾ نه پهچڻ وڏو عيب، جنهن لاءِ وڏي ميار).
ــ هُنِي سَمُنِ پُوري سَنهِڙي (سنهڙي ١١/٤)= سنهڙي گڏجاڻي واري ماڳ ۽ محل (سمن) جي انجام تي پوري هئي، وعدي جي پوري پابند هئي.
ــ سَمُنِ سَچائي (مارئي ٩/٥)= سچ پچ ملڻ ۽ گڏجڻ جو وعدو انجام.
ــ سَرتِيَنِ سَانُ سَمُنَ (مارئي ١٤/٢)= جيڏين سان گڏجاڻيءَ جو وعدو ۽ انجام.
● سَمَنڊُرِ مَنِهِ ڪَرِيان (سنهڙي ٦/١)= سمنڊر وات ۾ وجهان (پيان)، سمنڊر کي سامهون جهلي پيان.
ــ سَمَنڊُرِ وِڏائين (مارئي وائي ١١/١)= سمنڊر ۾ وڌائين.
ــ سَمَنڊُر سيوِئو جَنِ (سري راڳ ١/١٠)= جن سمنڊر جي تات تاري ڪئي، جن سمنڊر کي سنڀاليو ۽ مانائتو ڪيو.
● سَمُو ڄامُ (بلاول ١/٢١)= سخي سمو سردار جکرو.
● سَمُورا (ڏهر ٣/٢٢)= 'سمورو' جو جمع، سڀئي، مڙيئي.

ــ سَمُوري سَرڪارَ (آبري ٧/١٤)= پنهنجي حوالي ۽ وس واري هر شيءِ.
● سَمورِڻ = چوڏاري ٿورو زور ڏيڻ، زور ڏيئي سولو ڪري بيهارڻ، سولو سوڙو ڪرڻ.
ــ وينِيُون سَمورِين (ڪاموڏ ٢/١٦)= وينيون سولا ڪن (رَڇن کي وينيون ٿاهي سولو ڪن).
● سُمهڻ = سمهي پوڻ، ننڊ ڪرڻ (اصطلاح) غفلت ۾ رهڻ، وقت وڃائڻ.
ــ جِئَن سَجِيون راتيُون سُمَهِين (سري راڳ ٢/٨)= جنهن صورت ۾ تون آرامَ طلب آهين ۽ بنا ڪم ۽ ڪوشش جي سڄيون راتيون ستو پيو آهين (ان صورت ۾ تنهنجي ڪمائي ڪجهه به ڪانه ٿيندي، پوءِ چو پيو سوچين ته ڪمائي ڪيتري آهي!).
ــ سُمَهنِ ڪِينَ پَئِي (ڪاهوڙي ١/٨)= اهي سمهي ڪين پون، اهي آرام نه ڪن.
ــ سُمَهڻ تَن صَوابُ (آسا ٦/١٨)= تن لاءِ سُمهڻ روا آهي، جائز آهي.
ــ سُمهڻ تَن ثواب = سُمهڻ تن لاءِ ثواب آهي.
● سُمَهڻان (آبري ٦/١٠)= سمهڻ مان.
ــ ڪامَ سُمهي (رائو ٥/١٢)= ڪابه نه سمهي رهي.
● سَمِيعَ= سدائين سڻڻ ٻڌڻ وارو سائين (الله تعاليٰ).
ــ ساهڙُ ميڙِ سَمِيعَ (سنهڙي ٧/١٣)= سدائين عرض سڻڻ وارا سائين! مونکي ساهڙ ملاءِ.
ــ سَمِيع بَصِيرُ (آسا ٤/وائي)= سدائين ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ (الله تعاليٰ).
● سَمِيُون= 'سمي' جو جمع، سميون رائيون.
ــ سَمِيُون ڪَري سِينگارُ (ڪاموڏ ٢/٢)= سميون رائيون

سٺاوا ٿيا، سِير تي سَوَلا آيا.

ـ سَٺائي= سولي، موافق هوا واري.

ـ ٿِنا سَٺائِيءَ سِيرَ (سامونڊي ٣/١)= اهي سَوَلِيءَ سير تي چڙهيا.

سُٺائڻ= راڳ ٻڌائڻ.

ـ سُٺائي سٺَنِ کي (پرڀاتي ٢٠/٢)= هو سُٺن کي ٿي سوير ڪيرت سُٺائي، رات رِهائي هليو ويو.

● سُٺڻ= ٻُڌڻ.

ـ سُٺو نَہ ٻُڌي (ڪاموڏ ١/١٣، ٦/٢)= نڪا سٺڻ ۾ تہ نڪا ٻڌڻ ۾ آئي (= ٿئين ۾ ڏوراهين).

ـ سُٺجُ ڪا (سنهڻي ٧/٣)= ٻُڌج ڪا.

ـ سُٺِي سونَ لَڪاءِ جو (سامونڊي ١/٣٤)= 'لڪا' (=پَرَ لَڪَ، سوماترا- جاوا جو بندر ۽ ملڪ) جي سونَ جي ڳالهہ ٻڌي (تہ اتي گهڻو سون آهي).

ـ سُٺِي سُٺائيج تُون (آسا ٤/٤)= تون اهو چڱيءَ طرح ســان ٻڌي، پوءِ ٻين کي پڻ ٻڌائج، تون بہ ٻڌج ۽ ٻين کي ٻڌائج.

ـ سُٺيجاءُ= سُٺجائو، اوهين سٺجو.

ـ شَجَرَ سُٺيجَاءُ (معذور ٧/٣)= اي وَڻَــو ('وڻ' جو جمع)! اوهين سُٺجو.

ـ سُٺيدهين= سُٺندي ٿي، سٺڻ سان.

ـ سُٺيدِهين سُلطان کي ظاهِر ٿئو ذاتي (سورٺ ٧/٢) = تند جي اها وجت ســنندي ٿي، راجــا (سلطان) کي ذاتي ظهور ٿيو. (تصرف جي اصطلاح ۾) مٿس ذات الاهي جو جلوو ٿيو.

● سوءِ= سٺوءِ، تو ٻڌو.

ـ مُنڌَ نہ سوءِ (معذور ١٢/٤)= اي منڌ، اي زال، تو نہ ٻُڌو (= تو 'مُوتوا' وارو ٻول نہ ٻڌو، مرڻ کان اڳ نہ مُئينءَ).

● سو= اهو ساڳيو.

ـ پِرِ ۾ سو پَسيجُ (سنهڻي ١٠/٩)= پنهنجي پِرِ ۾ ان (ساهڙ) کي ڏِسجُ. پنهنجو پاڻ ۾ ان کي ڏسج.

●سو=انهيءَ ڪري، اهڙي حالت ۾، پوءِ چو، پوءِ چالاءِ.

ـ سو تون ڪُڄاڙاءِ (ڪلياڻ ١٠/٤)= انهيءَ حالت ۾ تون چالاءِ.

ـ سوڪين پَلَنڊ پاءِ (سورٺ ١٠/٣)= اهو سِر (تنهنجو) تہ منهنجي پَلَنڊ ۾ پاءِ (مونکي ڏي).

ـ سونہ ڪَهين شيءِ ۾ (سنهڻي وائي ١/١٢)= سو سَتُ، سا قُوتَ، ڪنهن بہ شيءِ ۾ ڪانهي.

ـ سو لڳِي متان لَٿِيين (آبري ٣/٩)= (اي واءِ!) اهو (پنهونءَ وارو پيرو) تون لڳي متان لٿي ڇڏين.

ـ سو جي سُٺِينِ (پرڀاتي ١/١١)= اُهو جي هُو سٺن ٻُڌن.

ـ سو ڪِين چِيو چُونِ (معذور ٧/٢)= سسئي ۽ پيا ساٿس غمن شريڪ سي اوسارن ۾ اهڙا تہ ڏک وارا لفظ پيا چون!

ـ سوگهُريوءِ (سورٺ ١٣/٣)= تو اهو گهريو جيڪي مون وٽ هو، يعني (منهنجو سِر).

ـ سو گهُوريان (سورٺ ١٥/٣)= سو (سِرُ) گهوري توکي ڏيان ٿو.

● سُوات= سنئين وات.

ـ سُونهين ٿِيءَ سُواتَ (ڪوهياري ٧/٦)= (اي سسئي!) تون سنئين وات جي سونهين ٿي.

● سُواڌائي = خوشخبري، خير مبارڪ.

ـ سُواڌائي سَجَڻين (سامونڊي ١/٣)= پيارن کي سهڻي واڌائي، خيرمبارڪ.

ڪي سونهون ڪري ڇڏيو.

● سُونهَپَ = واقفيت.

ـ سُونهَپَ ۾ سَپَ گهٽا (ڪاهوڙي ٣/٢)= سُونهين وات ۾ گهٽا خطرا.

ـ سونهپ جي (معذور ٣/٧)= وات جي سونهپ، راه جي رهبري.

● سونهريون (واحد. سونهري)= سوني جَڙاءَ واريون تلوارون، قيمتي ترارون.

ـ سونَهَرِيُون سَرڪِشو (ڏهر ٣/١٥)= سُونهَرِيون تراريون، سامهون سنيون ڪيو.

● سُونهڻ= سُونهن وارو هجڻ، سهڻائي وارو هجڻ، سهڻو لڳڻ.

ـ سي سُتائي سُونهَنِ (آسا ٧/٣)= سي سُتل آهن ته به سهڻا پيا لڳن.

ـ سونهڻ لڳا سير (ڪنيات وائي ١/٢)= (محبوبن جي اچڻ جي ڪري) گَس سونهڻ لڳا، سهڻا ٿيڻ لڳا.

ـ سُونهَڻَ لڳا (ٻلاول وائي ١/١)= سهڻا نظر اچڻ لڳا.

● سُونهَڻَ= ڪاٺ جو ڪليون جن سان پيڙهيءَ جي پاسن ۾ تري وارا تختا ٺوڪي پڇائجن.

ـ سي سُونهَڻَ سَپَ سَڙِيا (سامونڊي ١/١١)=(پيڙهيءَ جي تختن ۾) اهي ڪاٺ واريون ڪليــون (پاڻيءَ ۾ ڳري) سڙي ويون.

● سوءِ = سُنوءِ= تو سُئو، ٻڌو.

ـ ڪَپَرُ سوءِ ڪَنَنِ سين (سري راڳ ٣/١٦)= جيڪو (خوفناڪ) ڪپر تو ڪنن سان ٻڌو.

● سُوءِ = وفات جو غم، وفات جي غم ۾ ڪن شين جي استعمال کي ترڪ ڪرڻ.

ـ سونُ اسان کي سُوءِ (مارئي ٧/١٠)= سونُ پائڻ اسان لاءِ سوءِ (غم) آهي.

ـ سوءِ وَرتي (مارئي ٣/١٣)= اسان عيد ۾ سوءِ ڪري ورتي، عيد کي ملهائڻ بدران سوءِ ڪئي، غم جو اظهار ڪيو.

● سوئيتا= سُوءِ ۾، غم ۾.

ـ سُدا سُوئيتا ڪاپَڙي (رامڪلي ٤/٧)= اهي وڏا فقير سدائين ڏک ۽ غم ۾ آهن.

● سوئي= هوئي.

ـ سوئي سُڃاڻيجُ (پورب ٢/٦)= ان حقيقي خالق مالڪ کي ئي سڃاڻيج.

ـ سوئي پَاڙِج هوتَ (آبري ٤/١٣)= اي هوت، اهو پنهنجو وعدو پورو ڪج.

● سَهُ= جيڪي سَنُو ويو هجي، برداشت ۽ اندر جو سانڍيل پيار (جنهن جي ڪري هر ڳالهه جي برداشت)

ـ سَهُ جَنِي سين اوريَان (رپ ١/٣٧)= جن سان جيڪي مون سنو آهي سو بيان ڪريان، پنهنجو ڏک بيان ڪريان.

● سَهُ= پيار، قرب.

ـ سَهُ ڏيَڻ (رپ ١/٣٧)= پيار سان سهڻ، پيار ڏيڻ.

● سِهُ سِيارو= ته سيارو، سخت سيارو، پُور سيارو.

ـ سِيَاري سِهَ راتِ (سنهڻي ٤/٢١)= سِهِ سياري رات ۾، ته سياري واري سخت ٿڌي رات.

● سُهاڳُ= پَرڻي وارو بخت (پرڻيل زال جو خوشين ۾ پنهنجي مڙس سان گڏ ڀتار سان گڏ، خير خوشي واري زندگي گذارڻ وارو سَمان)

ـ سوپي اِن سُهاڳَ کي (ليلان ٣/٢)= اي بختاوَر تون پنهنجي ڪانڌ سان گڏ خوشيءَ وارن ڏينهنِ کي.

ڪُفر، اها لازمي تقاضا.

● شرڪ= دوئي، ٻن خدائن وارو وهم.

- سو شِرڪُ لاهي شَڪُ (ڪلياڻ ٣/١١)= اهو شرڪُ اهڙو جيڪو شڪ لاهي ڇڏي.

- شِرڪَ سانُ (ڪلياڻ ٢/٤)= دوئي يا ٻيائي سان گڏ.

● شَرمُ = پَت، حياء، لڄ.

- شَرمُ رکين (سري راڳ ٢/١٥)= پَتِ رکين حياءُ رکين ۽ لڄ رکين.

● شَرِيعَتَ= اسلام جي حڪمن احڪامن، قاعدن قانونن کي بالڪل صحيح نموني سان سمجهڻ واري هدايت، اسلام جو ٻڌايل مڪمل ضابطہ حيات.

- شَرِيعَتَ سُڃاڻ (ڪلياڻ ٢/٢٢)= تون شريعت کي سڃاڻ، شريعت جي ساڃاهہ رک.

● شِفا = عارضڻ کان آجائي، مرضن کان نجات، صحت ۽ چڱيلائي.

- صاحِبَ! ڏِئين شِفا (يمن ١/١) = اي مالڪ، تون صحت بخشين!

● شَڪُ = 'هيڪڙائي حق' ۾ شڪ، دوئي وارو شڪ شبهو، غير وارو گمان.

- سوڍا لاٿَم شڪَ (راڻو ٧/١٣)= سوڍي منهنجا سڀ شڪ لاهي ڇڏيا (مون کي سندس همت ۽ حوصلي جي پوري پڪ ٿي وئي.)

● شَڪُ نِيَڻُ (ڪلياڻ ٢/٨)= شڪ ڪرڻ، شڪ آڻڻ.

- شَڪُ مَ نِي (ڪلياڻ ٣/٨)= شڪ م آڻ، شڪ سان نہ ڏس.

● شُڪرُ= احسان جي ميڃتا، شڪرانو.

- اِيءُ شُڪرُ اَلحَمدُ، جِئن مَتو گهُريو مَڱڻا (سورٺ ١٠/٤)= ڏاتي جي حمد ۽ شڪر جو تو (مون کان) مٿو گهريو (جيڪو مون وٽ آهي، ڏيئي سگهان ٿو؛ پر جي ڪا اهڙي شيءِ گهرين ها جيڪا مون وٽ نہ هجي ها تہ مون لاءِ وڏو لاچار ٿئي ها).

- شُڪر ٻارَسَنداءِ (ديسي ٢/١١)= اي ڏاتي تنهنجا شڪرانا بجاءِ!

● شِڪَستي = ڀڳل ٽٽل، ڇُور ڇُور ٿيل، ٽڪل، ضعيف، هيڻي.

- هُني شِڪَستي سَسُئي (ديسي ٢/وائي)= سسئي هيڻي ۽ ضعيف هئي.

● شِڪَم = پيٽ.

- جَني شِڪَمَ ساڻيا (رامڪلي ٥/١٢)= جن پنهنجا پيٽ سنڀاليا، جن پنهنجا پيٽ پيارا ڪيا.

● شمسُ قَمَرُ (سارنگ ٤/١٥)= سجُ چنڊُ.

● شَمشير= ترار.

- صَبرَ جي شَمشير سِين (رامڪلي ٢/٣)= صبر جي ترار سان.

● شَمَعَ = ڇِٽو سوجهرو ڪندڙ ٻَتي.

- شَمَعَ ٻارِيندي شَبَ (راڻو ٥/٦)= رات جو ٻتي ٻاريندي (وهندي جاڳندي).

● شِرا وَهاوَ شَمرشِ (ديسي ٧/٧)= (بلوچڪي) (اي سسئي تون) راتين ننڊر وسار.

● "شُوري" (مارئي ١٠/١٣)= قرآن شريف جي سُوره (٤٢) جو نالو، مَشورو، صلاح صواب.

● شَهبازُ= وڏو طاقتور باز.

- شَهبازُ ٿيءُ (سورٺ ٢/١٠)= شهباز وانگر وڏي قوت ۽ طاقت وارو ٿيءُ (تہ توکي پرائيين، يعني تہ ڪا

● صَغِيرَ (مارئي وائي ٥/١)= صغيرا گناه.
● صِفَتَ (سري راڳ ٢/١)= (فلسفي ڪلام ۽ تصوف جو اصطلاح) 'ذات' جي صفت، 'جوهر' جو 'عرض'.
ـ صفت تنهنجي (سري راڳ ٢/١)= تون 'ذات' آهين پيو جهان ۾ جيڪي بہ آهي سو تنهنجي 'صفت' آهي، تنهنجو پرتوو آهي ('ڪلام' ۽ فلسفي جي اصطلاح ۾).
ـ صِفتَ سَنگُ اَحد سين (ڪلياڻ ٢٣/١)= صفت' جو ناتو 'احد' سان آهي.
ـ سُوڌي سا صفت (ڪلياڻ ٢٢/١)= 'ذات حق' جي صحيح صفت، ذات حقيقي جي ظاهري صفت.
ـ صِفَتَ ري (ڪلياڻ ٢٣/١)= 'صفت' کان سواءِ.
ـ صِفَتَان (ڪلياڻ ٢٧/١)= 'صفتن' جو، 'صفتن' جي ڪري، صفاتي.
● صَلابَت= جوڀ، قد ڪڙي، هائي ڪاٺي جي پَڪائي، قد بت جي سهڻائي.
ـ شيدا صلابت جي (حسيني ٢/وائي)= (هيءَ ٻانهي) سهڻي محبوب (پنهون) جي سُوڌي قد تان قربان آهي.
ـ سَرَ صلابَتَ سپرين (ڪاموڏ ٤/٧)= سَرَ جهڙي سنئين سڌي سهڻي قد وارا سجڻ! اي سهڻي قد قامت وارا محبوب!.
● صَلاحَ= مَت، راءِ.
ـ اِيَ نہ صلاح (ڪلياڻ ٢/٣)= اها صلاح ناهي، اٿين نہ جڳائي، اٿين مناسب ناهي.
ـ ڪري صلاح (گهاتو وائي ١/١)= پاڻ ۾ گڏجي پوري صلاح مصلحت ڪري.
ـ سوڍي جيءَ صلاحَ (رامڪلي ٦/١٢)= سوڍي جي صلاح سان، رضا سان.
● صَلاحَ= سلٽ، ناتو.
ـ ساهڙ ساڻُ صَلاحَ (سنهڻي ٩/٧)= ساهڙ سان ناتو.
● صَلاحَ (بروو ٣/١٠)= صلح واري ڳالهہ.
ـ صُلِح ري (آسا ٦/١٥)= صُلح کان سواءِ.
● صورت= مُهانڊو، مُنهن.
ـ صُورتَ پڻ سيئي(ڪلياڻ ٣/٢٣)= صورت ۾ پڻ سيئي آهن، سي ساڳي صورت ۾ پڻ آهن.
ـ صُورت کي (آبري ٧/وائي-١)= صورت لاءِ.
● صُوفي= صوفيانہ زندگي گذاريندڙ، صوفيانہ مَسلڪ رکندڙ سيني سان صلح ۾ رهندڙ.
ـ صُوفيءَ سَرُ سَپن ۾ (ڪلياڻ ٢/١)=صوفي جو سوچ ويچار سيني ۾، صوفي جو واسو سيني ۾.
ـ صوفي چائين سَڌَ ڪرين (ڪلياڻ ٢/٣)= پاڻ کي 'صُوفي' چوائين ۽ وري سڌون ڪرين!، (اٿين نہ جڳائي).
ـ صُوفي سالم ٿيءَ (ڪلياڻ ٢/٤)= پورو سچو صوفي ٿيءُ.
ـ صُوفي جِمَ سَڏائيين (ڪلياڻ ٢/٧)= تون پاڻ کي صوفي نہ چوائيين.

# ض

● ضَافَ= ضعاف، ضعيف.
ـ زُلفَ ڪِيَسِ ضافُ (آبري ٦/٣)= محبوب جي ڪاڪل ('وار' ۽ سونهن جي جلوي) مونکي ضعيف ڪيو، هيڻو ڪيو، بي حال ڪيو، بيمار ڪيو.
● ضاع= ضايع.
ـ جَواهِرَ ضاع ڪِئا (سري راڳ ٤/٨)= جواهر ضايع

پيتي جي طمع رکندڙ ناهن.

- تَنِ ۾ طامعُ (سامونڊي ١/٣٣)= تَنِ (موتين) ۾ اُنهن جي طمع آهي.

● طَبَعَ = طبيعت، جان ۽ جسم جي سرشت.

- طَبَعَ جو طَبِيبُ (يمن ١/٢٩)= طبيعت کي صحيح طور تي سڃاڻندڙ طبيب.

● طَبِيبِ =علاج ڪندڙ حڪيم، داناءُ طبيب، حاذق حڪيم جيڪو مرض سڃاڻي صحيح دوا ڏئي ۽ مرض کي ميٽي.

- طَبِيبُ تُون (يمن ١/١)= (اي محبوب) تون ئي داناءُ طبيب آهين، حاذق حڪيم آهين (تون ئي منهنجي مرض کي سڃاڻين ٿو ۽ ان جي صحيح دوا ڪري سگهين ٿو).

- طَبِيبَ نه گڏيا (يمن ٢/١٠)= صحيح سچا طبيب نه مليا.

- طَبِيبَنِ تَوارَ (يمن ٢/٣)= طبيبن جي ٻولي، طبيبن جو سڏ.

- جان کي ڪَري طَبِيبُ (يمن ١/٥)= طبيب جيڪو علاج ڪري.

● طَرازَ (جمع) طَرازُون (سري راڳ ١/١٩، ٢/١٨)= ٻيڙي.

- طرازُون تاري (سري راڳ ١/١٩)= طرازن ٻيڙين کي تاري.

● طَرِيقَتَ= شريعت کي وڌيڪ سهڻي نموني ۾ سمجهڻ ۽ طبعي طور محبت سان قبول ڪري ان تي عمل ڪرڻ واري واٽ.

- ڪَري طَرِيقَتَ تَڪِيو (ڪلياڻ ٢/٢٢)= طريقت کي تڪيو ڪري، طريقت کي مضبوط مرحلو بنائي.

- طَرِيقَتَ جي (سورٺ واڻي ٤/١)= سلوڪ جي.

- طَرِيقَتان تِکو وَهي (سنهڻي ٤/١٠)= 'طريقت' کان وڌيڪ تکو ('حقيقت' جو درياء) ٿو وهي.

● طَعَام نه طَمَعدار (رامڪلي ٥/٤)= طعام جا طمعدار ناهن، کاڌي جي طمع ڪانه اٿن.

● طَعنو= ڳالهاءِ، گفتو، ويڻ، مهڻو.

- طَعني ڪِيا تَمامُ (ڪلياڻ ٤/٦)= انهيءَ 'ويڻ' پورا ڪري ڇڏيا، انهيءَ گفتي کين پورو ڪري ڇڏيو.

- ڏِنَمِ تِنهِ طعنو (مارئي ٢/١١)= تنهن مون کي طعنو ڏنو.

- مون طعنو ئي تُون (راڻو ٧/١٤)= مون کي پل تنهنجو ئي طعنو هجي، تون ئي ته منهنجو طعنو آهين!

- طعنا ڏِينم تي (راڻو واڻي ٧/١)= تنهن ڪري ٿيون مونکي طعنا ڏين.

● طَلَبَ = گهرڻ، منگڻ، وٺڻ، وصول ڪرڻ.

- اُتي توهُ طلبِ (سري راڳ ٢/١٧)= اتي رحم جي طلب ڪر، الله جي فضل ۽ ڪرم جي گهُر ڪر.

- تَوبَهَ! تَوبَهَ! اِيءَ طَلَبَ (پورب ٢/واڻي-٢)= 'توبه توبه' واري اها گهر ڪر.

- طَلَبَ ۽ تَحصِيلَ (آسا ١/١٢)=علم جي طلب ۽ تحصيل.

●طَمَعَ = ضرورت، لالچ.

- جي تو طَمَعَ پوءِ (بروو ١/٤)= جي توکي طمع پوي، جي ڪا توکي ضرورت پوي.

- طَمَعَ ڇڏ تمام (رامڪلي ٢/٢)= سڀ لالچ ڇڏ.

- طمَعَ کي تَرَڪَ ڪَري (سورٺ ١/٥)= لالچ کي ختم ڪري.

● طَمعدارِ = ڀلائي جي اميد رکندڙ.

- آءٌ تو ۾ طَمعدارِ (ليلان ٤/٢)= آءٌ تو ۾ ڀلائي جي

امید رکندڙ آهيان.

طَنابَ= رسي، مفاصلي جي ماپ جي رسي.

ـ تري هيٺ طَنابَ (سامونڊري ١/٢٠)= پيڙي جي تري هيٺيان هڪ طناب جي مفاصلي تي.

طَنبُو (يمن ٢/١٢)= ڪپڙي جي اڏاوت واري جاء، خيمو، خيما (طبيبن جي ويهڻ ۽ دوائن رکڻ واري عارضي جاءِ).

طَنبورَ (ڪاموڏ ٣/٩)= طنبورا.

● طُورِسِينَا (رامڪلي ٣/١)= جبل جو نالو جتي حضرت موسيٰ کي الاهي تجلي نظر آئي.

● طَهُورا (پرڀو واڻي ١/١)= پاڪ شراب.

ـ پيءُ مَ طَهُورا (بلاول ٢/٨)= پاڪ پاڻيٺ نہ پيءُ.

ـ ڏي طَهُورا تَنِ کي (سنهٽي واڻي ١٢/١)= تن کي پاڪ پاڻيٺ پيڻ لاءِ ڏي.

ـ طَهُورا جِي تڪَ (بلاول ١/٢٤)= طهورا جي ڳيت، طهورا جو وڏو ڍُڪ.

● طَيرُ (جمع) طَيُورَ=(ع.) پکي.

ـ طيُورَنِ تَوارِئُو (آهري ١/٢٠)= پکين ٻولين ڪيون.

# ظ

ظاني= ظن ڪندڙ گمان ڪندڙ شڪ ۽ شرڪ ڪندڙ (الله جي هيڪڙائي ۾). شڪي (پنهنجي نظرن ۾ هر ڳالهہ کيٰ شڪ سان ڏسڻ وارو).

ـ ظاهِرِ ۾ ظانِي (ڪليان ٢/١٠)= ظاهر ۾ تہ اهي شڪ ۽ شرڪ ڪندڙ آهن.

ظاهر= ظاهريءَ طرح، ڏسڻ ۾، ٻاهرئين عمل ۾.

ـ ظاهر زبانا (سري راڳ ٢ واڻي-١)= زبان سان ظاهر.

ـ ظاهِرُ سانُ زَبانَ (پرڀو ٢/٢٨، سري راڳ ١/٢، سورٺ ٣/٢) = زبان سان ظاهر.

ـ ظاهِرُ ٿئو زمين (بلاول واڻي ٢/٢)= زمين تي ظاهر ٿيو.

ـ ظاهَر ٿئو ذاتي (سورٺ ٢/٧)= ذاتي (الله جي ذات وارو) جلوو ظاهر ٿيو.

ـ ظاهر ڪَريان ڏِري (آسا ١/١٠)= ذري جيترو بہ جي ظاهر ڪريان.

ـ ظاهرُ ڪَريان زَبانَ (آسا ١/١١)= زبان سان چئي ظاهر ڪريان.

● ظنُ= گمان، شڪ.

ـ ظن رَسيو (آسا ٥/٩)= گمان ٿيو (ڪين پتو پئجي ويو).

# ع

عاجِ = هاٿيءَ جي ڏندن وارو هڏو (جنهن مان ڪاٺ مثل جدا جدا شيون ٺهن).

ـ اولا سَنڌَنِ عاجَ (سامونڊري ١/١٥)= انهن (ناڪئن جي ٻيڙين جا) اولا عاج جڙا سڀئا آهن.

● عَادَتَ = ريت، رسم.

ـ عادت جني ايءَ (يمن ٦/١٢)= جن جي اهائي ريت آهي.

ـ اِها عـادَتَ سِکئو (يمن ١/١٢)= اهو طور طريقو سکيو، اها ريت سکيو.

ـ عَادَت عنبر جَهڙي (رپ ۲۱/۲)= سندن هر ادا عنبر جهڙي سڻهي آهي.

عَارِفَ (ڪلياڻ ۲۴/۱)= عِرفان وارا، معرفت جا صاحب.

عَاجِزُ = بيوس، مرض ۾ لاعلاج، هيڻو، ضعيف، محتاج، مجبور.

ـ تہ اگھا! عاجزُ نہ ٿيين (يمن ۲۶/۲)= تہ اي بيمار! تون مرض ۾ لاعلاج نہ ٿئين، بيماري ۾ بي حال هيڻو نہ ٿئين.

ـ جي عاجزَ اُجُورَنِ ۾ (بلاول ۱۱/۲)= جيڪي روزگار جي ڪمائي ۾ مشڪل گذارو ڪندڙ آهن، محتاج ۽ مجبور آهن.

عاجِزا = (ع. عاجزه) ڏيہ..

ـ جَنہِ اهڙي جائي عاجِزا (سنهڻي ۱۲/۴)= جن کي اهڙي ڏيہ جائي.

● عَاجِزِي (آبري ۱۱/۱)= هيڻائي.

ـ عَاجِزين (آبري ۱/وائي-۱)= هيڻين، بي واهين.

عاجزيون =عاجزي واريون منٿون ميڙون.

ـ ڪَري عاجِزيون اڳِياء (راڻو ۱/۸)= تنهنجي آڏو پنهنجي هيڻائي واريون ميڙون منٿون ڪري.

عَاشِقُ = عشق ڪندڙ جيڪو پاڻ ڪنهن بئي تي عاشق ٿئي.

ـ عاشِقُ چَئُـ مَ اُنَ کِي (ڪلياڻ ۲۰/۱)= ان کي 'عاشق' نہ چئہ.

ـ جان عاشِقَ مَنْہِ ماسُ (ڪلياڻ ۸/۴)= اي عاشق! جيسين تائين جو تنهنجي جسم تي ماس آهي.

ـ عاشِقَ اَجَلَ سامُهُون (يمن ۸/۱)= اي عاشقَ، موت جي سامهون (پنهنجي مَتَ وجائي هل).

ـ عاشِقَ اُيو آهُون ڪَري (سنهڻي ۱٦/۷)= عاشق بيلو (درد پريون) دانهون ڪري.

ـ عَاشِقُ ٿِيءُ (يمن ۸/۳، ۹/۳)= صبر ۽ راحت سان زخم ۽ گھاءَ جَهليندڙ سچو عاشق ٿيءُ.

ـ عَاشِقَنِ سِين (ڪلياڻ ۴/۵)= عاشق سان ٻڌل آهي، عاشقن سان ئي لڳي ٿو، عاشقن سان ئي لازمي طور لاڳو آهي.

ـ عاشِقَنِ اَندوهُ (ڪلياڻ ۱۸/۵)= عاشقن تي اندوهہ آهي، وڏي ڳڻتي وارو فڪر آهي.

● عَاقِلَ= عقل وارا، سجاڻ.

ـ عاقِلَ ئِي اوجُهون ٿِا (ڪلياڻ ۵/وائي)= عقل وارا ئي منجهي ويا، مونجهاري ۾ پئجي ويا.

● عالَمُ = جهانُ، سڄو لوڪ، سڄو ملڪ.

ـ عالَمِ آبُ اَگُوندَرو (سارنگ ۹/۳)= سڄي ملڪ ۾ پاڻي عام جام (بنا ڪنهن تڪليف جي) ٿيو.

ـ اَگهاڙيون عالَمَ ۾ (حسيني ۴/۱۲)= هي سڄي جهان ۾ عيبن واريون.

ـ تہ عالَمُ سَبُ سَندوءِ (سري راڳ ۲۵/۱)= تہ سڄو جهان تنهنجو.

ـ عالَمُ آئون ساڻُ (ڪلياڻ ۱/۳)= سڄو جهان 'آءٌ' (انانيت) ساڻ (پريل).

ـ اَعليٰ عالَمَ جو ڌڻي (ڪلياڻ ۱/۱)= متاهون ۽ سڄي جهان جو مالڪ ڌڻي تعاليٰ.

ـ عَالَم جا آڌارَ (حسيني ۱۲/۳)= اي جهان جا پرجهلا، يا الله!.

ـ عَالَم ڪان (رامڪلي ۱۱/٦)= هن دنيا ڪان.

ـ عالَمَ ۾ (بلاول ۷/۲)= جڳ ۾.

● عَالِمَ= پڙهيا، علم وارا، ظاهري علم جا ماهر حقيقي علم وارا.

ـ ٿِا مُستَغرَقُ، عالِمَ انهين ڳالهہ ۾ (ڪلياڻ ۲/۱)=

● فِرَنگِي = (انگ. فِرِنگ) يُورپي (جهازن وارا).

ــ فِـرَنگِي منجهہ ڦِريـا (سامـونڊي ١/١١)= يورپي سمنڊ ۾ اندر گهڙي آيا، سمنڊ ۾ طاقتور ٿي هليا.

فَرِيادَ= (ڏک سور کان) دانهن، ڪوڪ.

ــ فَرِيادُون فَرِيادَ (پرڀو ١/١)= هڪ فرياد مٿان ٻي فرياد، دانهہ تي دانهہ، هڪ دانهہ مٿان ٻي دانهہ.

فريادي= دانهن، فرياد.

ــ فَرِيادِي فَقِيرَ جي (سنهڻي ٣/٧)= ٻي حال مسـڪين جي دانهن.

فَضُلُ= مهر، ڪرم.

ــ ڪو ڦيرو ڪَجِ فَضَلَ جو (سري راڳ ١/١)/= ڪو مِهر ۽ ڪرم جو گهمرو ڪج.

فقيرُ= 'فَقْرِ' وارو (سالڪ، درويش). مسـڪين، مفلس، محتاج، نادار.

● فقيرائو= فقيرن وارو، فقيرن جو، فقيرن طرف، فقيرن کي.

ــ فَقِيرائِي پارِ (سامونڊي ١/٢٦)= درويشن کي، فقيرن کي.

فَكَانَ قابَ قَوسِين اَوْ اَدنيٰ (رامڪلي ٣/١)= "هو اسان کي ڪمان جي گوشن وانگر يا ان کان به گهٽ مفاصلي تي هو."

فِڪرُ= ڳـوڙهو ويچار، وڏو غـور، حقيـقت کي سمجهڻ وارو ويچار.

ــ فِڪرَ مَنجِهہ فَنا ٿِيا (ڪلياڻ ٢/١٠)= هنن (حقيقت کي سمجهڻ واريءَ) وڏي غور ۽ فڪر ۾ 'پاڻ' کي وڃائي ڇڏيو.

ــ فِڪرِسِين (آسا ٦/٧)= غور سان، ويچار سان.

ــ فِڪرَ ڦَرَهِي (يمن ٥/١)= فڪر جي ڦرهي، غور ۽ ويچار واري پٽي، اوسيڙي ۽ ڳڻتي جي پٽي.

● فَمرْ (ع)= وات.

ــ فنا وجهي فَمَ ۾ (سنهڻي وائي ١٢/١)= ('فنا' کي وات ۾ وجهي=) فنا کائي، پاڻ ماري (محبوب لاءِ ڪباب بڻجڻ جو سبب ٿي ٿا).

● فَنا= نيستي، نابودي، گم، غرق.

ــ فنا ٿيڻ= برباد ٿيڻ، ختم ٿيڻ (اصطلاح) نابودي واري حال ۾ ٿيڻ، مَحوَ ٿيڻ، غرق ٿيڻ.

ــ فنا ٿِيا (ڪلياڻ ٢/١٠، رامڪلي ٦/٥)= غرق ٿيا، مشغوليءَ ۾ محو رهيا، نابودي واري حال ۾ ٿيا.

ــ فَنَا ڪِنا فـراق (يمن ٦/٥)= وڇوڙي کين ماريو (مٿن مثال ڪري ڇڏيو).

● فَهُوَ حَيٌ لاَيَمُوتُ (يمن ٣/وائي)= پوءِ اهو سدا حيات آهي ۽ مري ئي ڪونہ ٿو.

● فِي الحَقِيقَتَ (آسا ١/٢٠)= حقيقت ۾، حقي طور.

ــ فِي الله (ڪلياڻ ٣/٢١)= الله ۾، ذاتِ حق ۾.

● فِي الحَالِ= فوري طور، ٻنا دير جي.

ــ فِدا ڪَرِيان في الحَالُ (پرڀو ٤/٩) = ٻنا دير قربان ڪريان، گهوريان.

● فيروز (ڪاموڏ وائي ١/١)= فيروزي رنگ وارا قيمتي پٿر، قيمتي مڻيا.

● فَيضُ (رائو ١/٤)= فائدو، خير وارو نفعو، نيڪي پلائي وارو عمل.

● فِيلُ (آسا ١/٢٠)= هاٿي.

● قِبلہ گاہ قَلَب ڪري (رامڪلي ٣/۴)= هو پنهنجي دل (قلب) کي قـبلو ڪري (پنهنجي تن اندر طواف (تواب) ٿا ڪن).

● قَبُولڻهار (رامڪلي ٦/۴)= سدائين قبول ڪرڻ وارا.

● قَتلامُ= قتل، موت، ڪوسُ.

ــ قَتلامُ ڪرڻ (رامڪلي ٢/٢)=قتل ڪرڻ، ماري ڇڏڻ.

● قَـدُ بَدِي (آبري ١٥/٧)= ضـد بدي، برابري وارو مقابلو ڪري.

● قَد سَمِعَ (مارئي ١٢/١٠)= قد سَمِعَ اللهُ (تحقيق الله ٻڌو)، قران شريف جي سُوره مُجادِله (نمبر٥٨) جا شروع وارا الفاظ.

● قُدام (ع)= اڳ، آڏو، اڳتي.

ــ ڪَهِجُ پِرِ قُدامَ (معذور ٣/٥)= ڪي ڪجھ اڳتي هلج، اڳتي وک وڌائج.

● قَدُرُ= انداز، وزن، مقدار، ملھ، قيمت، لياقت جي شناس، خوبي جو احساس، رُتبي ۽ درجي جو ماڻ.

ــ قَدُرَ ڪَيفَ ڪَمالَ جو (يمن ١٩/٦، ٢٥/٦)= الاهي نشي جي انتها جو اندازو.

ــ قَدُر لَهندءِ ڪونہ (سري راڳ ٩/۴)= پنهنجي لياقت ۽ خوبي ڪو ڪونہ سڃاڻيندو.

ڪي قدر= ڪي ٿورا.

ــ قَدُر وئا قَليلَ (سنهڙي ١٠/٨)= ڪي ٿورڙا وٺا.

● قُـدُوري (يمن ١٠/٥)= حنفي فـقـہ جـو ڪـتـاب "القـدوري"، تصنيف ڪيل عـبدالحسين احـمـد بن محمد القدوري (بغدادي وفات ۴٢٨ هجري) جو.

قَـدِيمُ (ڪليـاڻ ١/١)= آڳاٽو جنهن جي ابتـدا نہ هجي، ازل کان اڳي موجود.

● قرابت = قريبن سان نسبت، ويجهي مائٽي.

ــ پِرَ قَرابَتَ ڪَمُ ڪِنو (معذور ٥/١)= سڄڻن سان ويجهائي واري نسـبت ڪم آئي (جـو مـاريندڙ مـرون بہ هٿي ويا).

● قَـرارُ (جمع) قـرارَ (ڪاپائتي ٩/٢)= اطمـينان، آرام، راحت.

ــ ڪوڙين ٿـئـا قَـرارَ (برووءِ ١٧/۴)= تمام گهڻيون (ڪوڙين) راحتون ٿيون.

ــ بَندِي ٻِئا قرارَ (مارئي ٧/٥)= ٻنا جيڪي بند ۾ (قيدي) آهن سي سڀ سانت ۾، آرام ۾.

● قَرارُ= پڪو ٻول، پڪو وعدو.

ــ ڪُسَنَ جو قَرارُ (ڪلياڻ ۴/٥)= ڪسڻ جو اقرار، ڪُسي قربان ٿيڻ جو وعدو.

● قَرارِ= يڪجاءِ، سڪيا سَولا.

ــ ٿـئا پاڻَ قَرارِ (ديسي ١٧/١)= پاڻ هڪ جاءِ گڏ ۽ سکيا ٿئا.

● قَرارجڻ= ٽانيڪو ٿيڻ، سکيو ٿيڻ.

ــ وَجي ڪيچ قَرارِئا (حسيني ١٠/۴)= هو وڃي ڪيچ ۾ ٽانيڪا ٿيا، سکيا ٿئا.

ــ ٻولو ٻَٽِ قـرارِئو (راڻو ٨/٥)= ٻوليـو ٻٽ ۾ وڃي سکيو ٿيو.

ــ ڪِينجهُرُ قرارِئو (ڪاموڏ ١٣/۴)= ڪـينجهـر ۾ سکيو ٿيو، امن وارو ۽ آباد ٿيو.

● قُرب = ويجهائي، وصال، پيار ۽ محبت.

ــ قُربُ رَسَندا (يمن ١/٦)= قرب کي پهچندا، وصال ماڻيندا.

ــ ڪَثرَتَ آهي قُربَ ۾ (سنهڙي وائي ١/١٢)= (قرب

ـ كارَڻُ ضَرورِي (كلياڻ ٥/١)=ضروري حيلو آهي.

● كارڻِ= خاطر، واسطي.

ـ سيڄَڻِ كارڻ (بروو ٢/٨)= پيارن سڄڻن خاطر.

ـ كارَڻِ ٿيءُ كَبابَ (سنهڻي وائي ١٢/١)= كباب جو كارڻ ٿيءُ، سبب ٿيءُ، كباب ٿي پَئُ.

ـ كارَڻَ ڏانَ (پرڀاتي ١/١٥)= ڏان كارڻ، انعام خاطر.

ـ كَارَڻ كِنِ (كوهياري ١/٨)= كنِ جي لاءِ.

ـ كَارَڻ كَوهِيَارَنِ (آبري ١/١٩)= كوهيارن كارڻ (پياري پنهونءَ خاطر).

● كارِڻي = سدائين كارڻ كندڙ، بلو كندڙ، ننين راهِ ڏيكاري، ڇيهن ڏكن ڏوهن كان بچائيندڙ، پرچلو، آگهہ، هدايت ۽ رهنمائي كندڙ.

ـ مَڃ مُحَمدُ كارِڻي (كلياڻ ١/٥، ١/٧)= محمد ﷺ كي پرچلو ۽ رهنمائي كندڙ ۽ ڇيهن كان بچائيندڙ كري مڃ.

ـ اُتي رَسِجْ كارِڻي (برو ١/وائي-١)= اي كارڻ كندڙ، تون اتي مون كي اچي پهچج، منهنجو مددگار ٿج.

ـ كَندِيءَ اَچِي كَارِڻي (سنهڻي ٨/١٧)= كارڻ كندڙ پرچلو كنديءَ تي اچي.

● كَارُون = منٿون، آزيون.

ـ كارُون وَسَ كنامِ (آبري ٦/وائي-٢، حسيني وائي ١٢/١)= مون گهڻيون منٿون كيون.

ـ كارُون كيجَ ڌڻِين كي (آبري ٨/٧)= كيچ ڌڻين كي ميڙون منٿون.

ـ كارُون تي كَرِيان (سامونڊي ٣/١٩)= تڏهن تہ، تنهن كري تہ (تي) منٿون ٿي كريان.

ـ كَرِيان تي كارُون (يمن ١/٢)= تنهن كري (تي) منٿون ٿي كريان.

ـ دارُون ۽ كارُون (يمن ٢/٢٨)= دوا علاج ۽ حيلا.

ـ كارُون آئِين (ڀلان ٣/١٠)= حيلا كرين (پرچائڻ جا)، عاجزيون كرين.

ـ كارُون كَرِي تَنِ (حسيني ٩/٢٢)=تن سان نيازمنديون كُرنشُون كري.

● كارُونِيارَ=(اصطلاح) پاڻي جو وڏو چاڙهہ ۽ لُڙ، ككرن جي گهاٽي كاراڻ، سمنڊ جي هيبت واري كاراڻ.

ـ كَپَرَ كارُونيارَ جا (سنهڻي ١٠/٤)= درياءَ جي لُڙ ۽ چاڙهہ جي گهاٽي كاراڻ واري كنڌي.

ـ گهورِيُون كارونيارُ (سنهڻي ٩/٢)= اونهون اجهاڳ پاڻي گهوريون.

ـ كارُونيارَ كَنَن (سامونڊي ١/١٢، ١/١٣)= كنن جي كارونيار مان، كنن جي خطري مان (مان لنگهي آيا).

● كارِئو= كرايو.

ـ توكي كارِئو سَيرُ سَتارَ (سارنگ وائي ٣/١)= توكي مولي سير كرايو.

ـ كارِئو پَنڌُ قَضا (معذور ٤/١٥)= قضا پنڌ كرايو، تقدير پنڌ كرايو.

● كَارِي= كرائي.

ـ كوهيارو كاري (حسيني ١٢/١٩)= كوهيارو (پنهون تي) كرائي.

● كارِي= ١. گوڙ كري (كَرَڻ، كارڻ= ككر جو گوڙ كرڻ). ٢. رنگ جي كاري (ككر).

ـ كَكَرَ اَڄُ كاري (سارنگ ٢/٢)= ١. ككر اڄ گوڙ ٿو كري ٢. اڄ كاري ككر.

● كارِي= وڏو زخم كندڙ، ماريندڙ.

ـ ڪانُ هَٿِي ڪارِي (سامونجري ٢/١١)= مارينڊ گرلي هٿي.

ـ ڪَارِي ڪَانُ (حسيني ٥/وائي-١)= ڪان جيڪو ڪاري ضرب لڳائي ۽ ماري.

● ڪارِيندا= ڪرائيندا.

ـ ڪَرَڪَ ڪارِيندا ڪَيَڙِي (ڏهر ٣/١١)= ڪيچ ڪي دانهن ڪرائيندا.

● ڪَارِين= تون ڪرائيين.

ـ جي مون هٿان ڪارِيين (پورب ٢/وائي-٢)= جي منهنجي هٿان ڪرائيين.

● ڪاڙهو= وڏي تپش، وڏو مچ.

ـ قُرب جو ڪاڙهو (حسيني ٩/٦)= محبت جو مچ.

● ڪاساڻِڪي ڪارِ (ٻروو ١/١٥)=ڪاسائن واري (ڪُهڻ جي) ريت. (اصطلاح) سخت ايذاءُ رسائڻ واري رسم.

● ڪاسو= وڏو شاهِيُ وٽو (ڪاٺ جو).

ـ ڪَنڌَ ڪاسو (مارئي ٧/٩)= ڪنڌ جي هيٺان ڪاسو (وهائي طور).

● ڪاغَـذَ ڪَيَ جِي (سري راڳ ٢/١٥)= ٻي ڪار شين مان نهيل بيڪار پيڙي.

ـ ڪَاغَذ ڪَورِيين (يمن ٥/١٩)= تون ڪاغذ تو ڪورين، وڏا پنا وڌي جُزون ناهي ننڍا پيو ڪرين. (ته جيئن انهن تي ڪتاب لکين يا نقل ڪرين).

● ڪَافُ= الف- ٻي جو اکر 'ڪ' (جنهن ۾ ورُ آهي)، ور وڪڙ وارو.

ـ سندو ڪاڪُلَ ڪافُ (آبري ٦/٣)= محبوب جي وارن وارو 'ڪاف' (ڏنگڙو وريل)، وَل ڇَل وارو.

ڪافُ= جبل، پهاڙ.

ـ ڪيرِ لنگهينِدي ڪافَ (ديسي ٢/١٢)= ڪير جبلن مان لنگهندي.

ـ ڪافَ نہ ڏِيين ڪو (ڪوهياري ٢/٣)=اي جبل (ڪاف!) تون مون کي (پنهنجن پرين جو) ڪو ڏس نہ ڏئين!

● ڪَافِرُ= انڪار ڪندڙ، ڪفر ڪندڙ.

ـ ڪُفرُ ڪافِرُ پاڻَ ۾ (ڪلياڻ ٢/١٢)= 'ڪفر ۽ ڪافر' (انڪار ۽ انڪاري) پاڻ ۾ مقابل ٿي، اسلام وارا ٿيا.

● ڪَافين = جبلين، جبلن ۾، جبلن ڏي.

ـ ڪافين ڪاهِيندياس (آبري ٥/٩)=جبلن منجهان پنڌ ڪنديس.

● ڪاڪِ = جيسلمير ضلعي ۾ ندي جيڪا برسات ۾ ٻرجي وَهي ۽ جنهن جو پاڻي ڪڪوريل (ذرا ڳاڙهيرو).

ـ ڪَڪورِي ڪاڪِ وَهي (رائو ٨/١٨)= ڪاڪ ندي ڪڪوريل پاڻي سان پئي وهي، ان ۾ جيڪو پاڻي وهي پيو سو ڪڪوريل آهي.

● ڪاڪِ تَڙِ (رائو ٢/١)= ڪاڪ جي گهيڙ تي، ڪاڪ واري ڪوهہ تي. (اصطلاحي معنيٰ) مومل جي ڪاڪ محل تي.

ـ ڪاڪِ تَڙاءُ (رائو ١/١١)= ڪاڪ جي تڙ تان، ڪاڪ جي تڙ وٽان.

ـ ڪاڪِ جِي (رائو ١٠/٨)= ڪاڪ محل ۾ ڪيل گناهن جي (طلسم ڪري ٺوڪر ڏيڻ، ماڻهو مارائڻ وغيره).

ـ ڪاڪِ ڪَڪوريا (رائو ٣/١)=ڪاڪ جا رنگيل، ڪاڪ محل ۾ مومل جي ديدار لاءِ ڪڪوريل اکين وارا.

ـ ڪاڪِ ڪَنڌِيءِ (رائو ٣/٧)= ڪاڪ نديءَ جي ڪنڌيءَ سان.

ـ ڪاڪِ ڪَنڌين ۾ (راڻو ٢/٨)= مومل جي ڪاڪ وٽ (مقام جي حد ۾).

ـ ڪاڪِ گهڙندو (راڻو ١٠/٢)= ڪاڪ ۾ گهڙندو (هن بيت ۾، مومل جي ڪاڪ سان ۽ قبر سان روايتي تشبيهه وارو پس منظر سمايل آهي).

ـ وڃي ڪاڪِ ڪنڌين ۾ (راڻو ٢/٨)= ڪاڪ واري محل جي پيتين ۾ وڃي.

ـ قلبُ ڪاڪِ ڪنڌين ۾ (راڻو ٧/٣)= منهنجو من ڪاڪ واري محل جي پلسن ۾ آهي.

ڪاڪاٿان (مارئي ٢/٩)= (ڪاڪو= چاچو) ڪاڪي جن وٿان، ابائي پار ڪان.

ڪاڪَتَ = طاقت.

ـ ڪَرَهي ڪاڪَتَ ڇَڏِي (ڪنيات ٥/١١)= اٺ (پوڙهو ٿيو ۽ هن جواني واري) طاقت ڇڏي.

ڪَاڪُلُ= پياري پرينءَ جو زلف، سهڻو وار.

ـ ڪاڪُلَ ڪُني جا (آبري ٦/٦)= محبوب جي سهڻي زلف جنهن کي ماريو.

ـ ڪاڪُلَ پَسِي ڪانڌَ جو (آبري ٦/١)= پنهنجي وَرَ پيتار جو سهڻو وار (=سهڻا وار) ڏسي.

ڪَاڪو (آبري ٥ /وائي-٢)= چاچو، ويجهو مائٽ.

● ڪالَ= ڪاله، گذريل ڏينهن.

ـ سيني سريا ڪالَ (راڻو ٩ /١)= اي راڻا سريا، ڪاله اهيني.

ـ نَ ڪين ڪِتوءِ ڪالَ (ڪاپائتي ١/٧)= نه تو ڪاله ڪجهه ڪَيو.

ڪالُورو (جمع) ڪالورا= ڪالورو. پاڻي ۾ بيٺل گاهه (ڪل) جي پاڙ ۾ ڪارو ڪوپو جنهن جي اندر ڳپ (جيڪو ٻارڙا کڏي کائن).

ـ ڪارَڻِ ڪالُورَنِ (ڪاموڏ ٢/١٣)= ڪالورن کڏڻ لاءِ.

● ڪالوڙڻ= ڪارو ڪرڻ، ميرو ڪرڻ (پاڻي).

ـ ڪالوڙِئو ڪَنگَنِ (ڪاراڀل ١/١٦)= ڪانگيرن ڪارو ڪيو، گهڻو ميرو مٽيءَ وارو ڪيو.

● ڪَالَهه= سُباڻي، ڪالهُوڻي= سباڻي واري.

ـ اَڄُ ڪِ ڪاله مَرَنِ (يمن ٢/١٣)= اڄ يا سباڻي مرن.

ـ ڪاله ڪر (آسا ١/١٨)= سباڻي واري ڏينهن کي، ڏينهن لاءِ.

● ڪاله= ڪالهوڪو ڏينهن.

ـ ڪَالَهه ڪَٿِي وِيَا (رامڪلي ٦/٦)= ڪاله پنهنجا تول تڳا ڪٿي هليا ويا.

ـ ويٺي ڪاله هَتا (ڌهر ١/١٢)=ڪالهوڪي گذريل ڏينهن واري محل مون کان لنگهي وئي، هتان ڇڏائجي وئي.

ـ ڪالهُون پوءِ (سامونڊي ١/٥، ڌهر وائي ٥/١، ديسي ٤/١١)= ڪالهونکر، ڪاله کان وٺي، گذريل ڏينهن پوري ٿيڻ سان پوءِ.

● ڪَالهُوٺَان = ڪاله کان.

ـ ڪالهُوڻيءَ ڪالها (ڌهر ١/١٢)= 'ڪاله' واري 'ڪاله' کان وٺي، ڪالهوڻي ڏينهن کان وٺي.

ـ ڪَرُهه ڪالهُوڻي ڏينهَ کي (سري راڳ ٣/٩)= سباڻي واري ڏينهن جو فڪر ڪر.

ـ ڪالهُوٺان اَڄُ گَهٽي (رپ ١/٢٠)= ڪاله کان اڄ گهٽي.

● ڪامَ = لڪڻ.

ـ ڪَرَها توکي ڪامَ (ڪنيات ٥ /٣)= اي اٺ توکي (مون سچو سمجهيو) لڪڻ هنئي.

ـ ڪَامَ هَڻي (ديسي ٢/٨)= لڪڻ هڻي. ١. مون کي

- ڪَپُ ڪَسِينِ جو (ڪارايل ٢/١٥)= ننڍڙين واهين جو ڪنارو.
● ڪَپَارُ= مٽي جو هڏو، ڪيپراٽي.
- جي اَچي ڪَمُ ڪَپَارُ (سورٺ ٢/٧)= جي مٽي جو هڏو ڪم اچي.
- ڪَريان ڪوڏِ ڪَپَارَ جيئون (سورٺ ١/٦)= آءٌ ڪوڏ مان 'ڪپار' جي ڳَهُ ٿو ڪريان.
● ڪَپار= ڪاپار ڪان، ڪاپار تان.
- ڪَپاران ويون (راڻو ٥/۴)= مٿان چوٽيءَ ڪان اڳتي وڌي ويون، آسمان ۾ اتي آيون جو ڪنڌ کڻي مٿي نهارجي ته بالڪل ڪاپار يا مٿي جي مٿان نظر نه اچن.
● ڪُپَچُ= خراب ٻَجُ (ٻت ٻچي پوي جيڪو چٽي نه).
- ڪُپَچُ ڪايلِسِين ڪِئو (يمن ٢/٢٣)= تو پنهنجي هانيءَ سين ڪپچ ڪيو، وڏو مرض لاتو.
● ڪُپِرِ = ڪُريت.
- ڪُپِرِ منجهان ڪَل (راڻو ٩/١٩)= (مون کي پنهنجي) ڪُريت مان خبر پئي، ڄاڻ حاصل ٿي.
- اِيءَ پَرَ ڪُپَرَ هوءِ (حسيني ۴/٦)= اها (تنهنجي) ريت ڪُريت جهڙي آهي.
- ڪُپرسين (معذور ۴/٧)= ڪُريت سان.
ڪَپَرُ = ڪنارو.
- ڪَپَرُ ڪِينَ ڪَندو (سري راڳ ١/٢٥)= ڪنارو تو کي ڪو نقصان نه ڪندو (تنهنجي ٻيڙي ڪناري سان ڪٿي لڳي ڀڄندي ڪانه).
- ڪَپَرُ ٿو ڪُنَ ڪَري (سامونڊي ١/٢٨)= ڪپر وارو پلسو ٿو وڏا ڪُنَ ڪري.
- ڪَپَرَ ڪارُنپارَ جا (سنهڻي ١٠/۴)=وڏي درياء جا ڪنارا.

● ڪَپُورُ= ڪافور.
- چوٽا پَري ڪَپُور (ڪنيات ٢/٢٣)= وارن جا چوٽا ڪافور جي خوشبوءِ سان پري.
● ڪُپيرِي = اها پيٽي جتي وات وارو پير ٿي نه ليي، پير وڃائيندڙ وات، منجهائيندڙ وات.
- ڪُپيرِيان پري ٿِيا (ڪاهوڙي ٣/٥)= ڪُپيريءَ ڪان پري ٿيا، ڪُواٽَ ڪان، منجهائيندڙ وات ڪان هٽي ويا.
● ڪِجُ (ٻروو ٢/١٠)= ڪجانءِ.
- ڪِجُ وَڃِ سِين وَسُ (ڪنيات ٣/٢)= وڃ سان وس ڪجان، تکي هلڻ سان زور لائجانءِ.
● ڪجا= ڪجان، تون ڪجان.
- وَرَنَهَ ڪِجا وَسُ (ڏهر ١/٢٠)= اي لاڪيڻا، تون ڪر وڏو حيلو ڪجان.
● ڪِجاءُ= ڪِجاهو، ڪجائو، لوهين ڪَجئو.
- ڪا مَددَ ڪِجاءُ مازِيين (مارئي ٥/١٨)= منهنجي ڪا مارِين ۾ مدد ڪجئو.
- نه ڪِجاءُ (سامونڊي ١/٢٨)= نه ڪجئو.
- سرتيون دُعا ڪِجاءُ (ديسي ٢/٥)= اي سرتيون اوهين مونکي دعا ڪجو.
● ڪِجاهُون= اسان کي ڪجان.
- پِرين ڪِجاهُون پانِهنجو (رامڪلي ٣/١۴)= اي پرين تون اسان کي پنهنجو ڪجان.
● ڪِجائُنِ = تون سندن ڪجان.
- ڪِجائُنِ ڳَولَ (پورب ١/٥)= سندن ڳول ڪج.
● ڪَجَلَ پِنا (سامونڊي ۴/٨)= ڪجل سان آلا.
● ڪِجي بَسِ (معذور ٦/١)= بس ڪجي، ايئن ڪجي، وڌيڪ ڪجهه نه ڪجي.

ـ ڪَرَها ڪَسرَ چَڏِ (ڪنيات ۲/۵)= اي اٺ (تڪو هل، ۽ هلڻ ۾) ڇرائي ڇڏ.

● ڪُسَنَ (ڪُ+ سن)= منهنجا سَنَ ۽ هم عمر جيڪي چڱا ساٿي نه هئا. 'سَنَ' نه هئا پر 'ڪُسَنَ' هئا.

ـ ڪُسَنَ ڪِنا ڪارُون (آبري ۱۱/وائي-۱)= مون سان منهنجن 'ڪُسن' ساٿين به پلايون ڪيون.

● ڪُسَڻُ= ڪُسجڻ، ڪَپجڻ، قتل ٿيڻ.

ـ ڪُسَڻَ جو ڪوپُ وَهي (ڪلياڻ ۵/۲۳)= ڪُهڻ ۽ ڪُسجڻ جو ڏاڪو پيو هلي.

ـ ڪُسَڻَ جو قَرارُ (ڪلياڻ ۵/۴)= قتل ٿيڻ جو اقرار، جان ڏيڻ جو وعدو.

ـ ڪسڻ قرب جن (يمن ۱/۷)= ڪُسڻ جن لاءِ قُرب برابر آهي.

ـ ڪُسَڻَ ري (يمن ۶/۲۴)= ڪسڻ ڪان سواءِ، متوالن ميخوارن جي مارجڻ ڪان سواءِ، عاشقن جي قتل ٿيڻ ڪان سواءِ.

ـ ڪُسَڻَ ڏاران ڪيرَ (ڪلياڻ ۵/۱۰)= ڪُسجڻ ڪان سواءِ ڪير.

ڪَسي= ڇِڪي ٻَڌي.

ـ ڪَسِي چيله ڪَسَا (رامڪلي ۵/۶)= چيله کي ڪَشا ڪَشي، چيله کي ڪشن سان ڇِڪي ٻڌي.

ـ ڪَسِئين ڪَمانَ (راڻو ۱۰/۱۱)= ڪمان چاڙهيائين (نشان هڻڻ لاءِ).

● ڪُشتَغَان (ديسي ۷/۳)=(بلوچڪي) مونکي ماريائون.

● ڪِشتي (سري راڳ ۲/۱۵)= ٻيڙي.

ڪِشتيبَانُ (سري راڳ ۱/۱۲)= ناکئو.

ڪَشِڻ= ڇڪڻ، ڇڪي ٻڌڻ.

ـ ڪَشي ڪاڇوٽي، نانگَنِ ٻَڌي نيهَ جي (رامڪلي ۶/۲۶) =نانگا فقير تن سِڪ ۽ عشق جي لانگوٽي ڇڪي ٻڌي.

ـ ڪَشي ڪَنوَاٽن (ديسي ۶/۵)= ڪنواٽن کي پوريءَ طرح پَلاڻي تيار ڪري.

● ڪُفرُ= الله جو انڪار، حق ۽ حقيقت جو انڪار.

ـ ڪُفرُ ڪافِرُ پاڻَ ۾ (ڪلياڻ ۲/۱۲)=ڏسو 'ڪافر' هيٺ.

● ڪَفَنُ تَنه ڪِينَ ٿِئي (آبري ۶/۶)= تنهن کي ڪفن ڪونه ڍڪائجي (ڇاڪاڻ جو هُو شهيد آهي).

● ڪَڪَرُ= زمين ڪان مٿي خال ۾ ٻاڦ جو ڇانورو.

ـ ڪَڪَرَ ٿو ڪَري (سارنگ ۳/۳)= ڪڪرن کي ٿو اپ ۾ آڻي، ڪڪرن کي ٿو ٺاهي.

ـ ڪَڪَرَ مَنجهه ڪَپانَ جَهڙُ نيڻَنِ ٿون نه لَهي (سارنگ ۱/۱۲)= ڪڪر منهنجي مٿي تي ڇانيل آهن ۽ اکين تان جهڙ نٿو لهي (جو وسن پيون، ڳوڙها پيون ڳاڙين).

ـ ڪوهُ ڪَريندِيسِ ڪَڪَرين (سارنگ ۱/۱۸)= ڪڪرن کي آءٌ ڇا ڪنديس.

ـ جِهَڙي سِڄَ ڪَڪورَ (ڪاموڏ ۳/۹)= جهڙي سج جي سهٽي هلڪي ڳاڙهاڻ.

● ڪَڪرُ (جمع) ڪڪرَ= وَڏ، چير (جيڪي سڄاڻپ لاءِ مال جي ڪنن ۾ ڏجن).

ـ ڪوري ڪڪر وڏاءِ (رامڪلي ۲/۸)= چيري، ڪنن ۾ تر وڌ وڏا.

● ڪَڪورَڻُ= رڇائڻ.

ـ جي ڪاڪِ ڪَڪورِئا (راڻو ۲/۶)= جن کي ڪاڪ ڪڪورئو، جن کي ڪاڪ رڇايو، جيڪي ڪاڪ ۾ ڪڪورجي ويا، رڇي ويا.

ـ ڪِنه جِنه ڪَيفَ ڪَڪورِئا (رامڪلي ۴/۳)= ڪنهن

محتاجن کي پاڻان سڏي (انعام ڏئي).
● ڪُنگرو (جمع) ڪُنگرا= ڪوٽ جي ديوار مٿان سهڻي سِناءَ واريون ننڍيون چوٽيون.
ـ ڪِريا ڪُنگرا ڪوٽَ ڪُفارَ (سارنگ وائي ٣/١)= ڪافرن جي ڪوٽ جا ڪنگرا ڪريا.
ـ ڪُنگرين= ڪُنگرن مٿان.
ـ ڏرُ ڪُنگرين (ڪلياڻ ٤/١٥)= (عاشقن جا) ڏر (سيخن جي) چوٽين تي ٽنگيل.
● ڪُنگرُ=لُني جي وڻ جي ڪُنگو، ڳاڙهيرڙي گلڪاري.
ـ لاڻِي ڪُنگرُءِ ڪورَ (معذور ٣/وائي)= (لُني جا) ڳاڙهيرڙي گلڪاري لڳي.
ـ ڪُنگرءِ ريتَ (ڪنيات ٤/١٠)= بيت جو نالو (روايت موجب، ڪاٺياواڙ- گجرات جي ڪناري سان جتي ڪا ندي چوڙ ڪري ٿي، اتي هڪ وڏو بيٽ آهي، جنهن کي 'ڪنگوريٽ' چون ٿا جنهن ۾ جهنگلي اُٺ عام جام پيا گهمن).
● ڪُنوارِيون = اڻ- پرڻيل ڇوڪريون (مومل جون سهيليون، ٻانهيون).
ـ ڪُنوارِينِ ڪُڪوڙُ (راڻو ١/١١)= جيسين ڪنوارين (مومل جي سهيلين ٻانهين) راڻي کي مخمور ڪيو.
● ڪَنوِتيا (رامڪلي ٦/٢)= جن جي ڪنن ۾ والا يا پاپڙا هجن.
● ڪَنه، ڪنهن= ڪهڙو، ڪهڙي.
ـ ڪَنه پَرَ (ڪاهوڙي ١/٩، حسيني ٧/١١)= ڪهڙيءَ ريت، ڪيئن؟
ـ ڪَنه پر رُئان پريِنءَ کي (ڪوهياري ٦/١)= ڪهڙي ريت پرينءَ لاءِ رُئان (جو هو پڌي ۾ ملي).
ـ ڪِنهِ پَرِ ڪُڙيان پيرُ (آبري ١٢/٥)= ڪهڙيءَ طرح پيرو ڪڍان.
ـ ڪِنهِن دَرِ (مارئي ٩/١)= ڪنهن جي در.
ـ ڪِنهِ ٻِني دَرِ واجهائي (بلاول ١/٤)= ٻئي ڪنهن در تي نه واجهائي.
ـ ڪَنهِ سَبَبُ (سري راڳ ٢/١٧، پورب ٢/وائي-٢) = ڪنهن سبب سان، ڪنهن حيلي سان، ڪنهن سبب جي ڪري.
ـ ڪِنهِ کي (مارئي ٧/١٦)= ڪنه جي خاطر، ڪنه کي ڏيکارڻ لاءِ.
ـ ڪَنهِ جَنهِ ڏُکان (معذور ٢/١٢)= ڪنهن اهڙي ته وڏي ڏک مان، ڏک ڪان.
ـ ڪنه جنه ۾ آهينِ (رامڪلي ٤/١، ٥/٢٢، ٥/٢٥) = ڪنهن اهڙي ڳالهه ۾ آهنِ، ڪنهن اهڙي ويچار ۾ آهن.
ـ ڪَنه جَنه سناسي سُورَ (رامڪلي ٦/٩)= سناسي ڪنهن اهڙي سُورَ ۾ آهن.
ـ ڪَنهن سِين نه ڪَري (ليلانَ ٢/٥)= شال ڪهين سين نه ڪري.
ـ ڪِنهِن ڪِنهِن ڪارِيءَ ذاتِ کي (ڪارايل ٣/١٣) = ڪارن نانگن جي ڪنهن ڪنهن (خاص) ذات کي.
ـ ڪَنهين پار (آسا ٢/٨)= ڪنهن پاسي، ڪنهن ڏِسَ تي.
● ڪُنتَاريون (راڻو ٦/٩)= ڪنواريون (مومل ۽ سندس سهيليون).
● ڪَنِي رَتا پَکَ (ڪارايل ١/١٥)= ڪن پنهنجا ڪنب گپ ۾ لتوڙيا، ميرا ڪيا.
ـ ڪَنِي ڪَنِي پيهيين (ٻَهر ٢/١٤)= ڪن ڪن جاين تي (جتي ڪٿي نه) ڪن ڪن ماڳن تي.

= ڇا ڄاڻان ڇا ٿيو.

ڪَهُ ڄاڻان ڪيهي (ليلان ٢/١٢)= ڇا ڄاڻان ته چنيسر جي من ۾ ڪهڙي آهي.

ـ ڪَهُ ڄاڻَان ڪيهيءَ وِئا (ڪوهياري ٥/١١)= ڪنهن ڄاڻان ڪهڙي واٽ وِئا.

ـ ڪَهُ نہ سُلائِيين (راڻو ١/٧)= تون ڇو نہ سُڃاڻيين، ڇو نٿو ٻُڌائيين.

ـ ڪَهُ ڪَريان (راڻو ٦/٧)= ڇا ڪريان.

● ڪَهَ (جمع) ڪَهُون (حسيني ١/٨)= (ڪَهُ، مان اسم) وڏا پنڌ، پنڌ جون وڏيون منزلون.

ـ ڪَرڙا ڏونگر، ڪَهَ گهڻي (ديسي ٦/٨، ٦/٩)= جبل ڏکيا ۽ پنڌ جي منزل وڏي.

● ڪَهج، ڪَهِجُ= چَنِجُ.

ـ ڪَهِج مَ ڪِينُو (يمن ٢/١٠)= ڪيني واري ڪا ڳالهہ نہ چنجان.

ـ ڪَهِجُ ڪرمَ ڪلامُ (ڪلياڻ ٤/١١)= آڏو ڪر ڳالهاءِ نہ ڪج (سوال جواب نہ ڪج).

ـ قَمَرَ! ڪَهِجُ قَرِيبَ کي (ڪنيات ٢/٢)= اي چنڊر! تون منهنجي پياري سڄڻ کي چئجان.

ـ جيڪِين ڏِٺُہ تَارِ ۾، ڪَنڌِيءَ سو مَ ڪَهيجُ (سنهڻي ٧/١٠)= جيڪي ڪجهہ اندر تار پاڻيءَ ۾ ڏسين، سو ڪنڌيءَ تي اچي ٻين کي نہ ٻُڌائج (جيڪو راز پنهنجي وجود ۾ پروڙين سو ٻاهرين آڏو پڌرو نہ ڪج).

● ڪِهَرَ جِئن (بلاول ٢/١)= ڪيهر شينهن وانگر.

● ڪهڙا چئي ڪئن چوان (ڪلياڻ ١/٢٩)= (ايترا گهڻا آهن جو انهن مان) ڪهڙا بيان ڪريان ۽ ڪنهن کي بيان ڪريان!

ـ ڪِهَڙو نَڪُ نِيَان (مارئي ٥/١٣)= ڪهڙي منهن سان وڃان، ڪئن سرخرو ٿي وڃان!

ـ ڪِهَڙِيءَ ريتِ رُسَنديُون (مارئي ٨/٢٦)= ڪهڙي ڳالهہ جي ڪري ۽ ڪينءَ رُسنديون.

ـ ڪِهَڙي منجهہ حسابَ (سنهڻي وائي ١٢/١)= ڪهڙي ليکي ۾، ڪهڙي ڳڻپ ۾.

ـ ڪِهڙي ليکي (ڪلياڻ ٥/٦)= ڪهڙي حساب سان، ڪهڙي ريت، ڪهڙي سبب جي ڪري.

ـ ڪهڙيءَ ڍارِ (سري راڳ ٣/١٤)= ڪهڙيءَ طرح.

ـ ڪهڙي آندو سانگ (آبري ١٠/وائي-٢)= ڪهڙي سانگي توکي هتي آندو، ڪهڙي لاچار توکي هتي آندو.

● ڪَهَڪَ = ڪهڪاءُ، چيرُ، چاڪَ.

ـ ڏَنَرِ ڪاڪِ ڪَهَڪَ (راڻو ٧/١٢)= مونکي ڪاڪ ڪهڪاءُ ڏنا.

● ڪَهڳِل= گماري سان لِنب چنپ، نئين سر مرمت (اصطلاح) اهتمام، گرز گهمسان.

ـ ڪَهَڳِلَ ڪَريِين ڪن کي (ڏهر ١/٩)= ٿاهہ ٿُوهہ ڪنهن جي لاءِ پيو ڪرين!

● ڪَهند سَهند= چوندڙ سهندڙ.

ـ جو ڪَهَنَدِ سَهَندِ سامُهُون (آسا ٧/١١)= جيڪو چوندڙ ۽ سهندڙ سامهون، جيڪو سَنئون سڌو سامهون چوي ٿو ۽ پڻ پاڻ سهي ٿو.

● ڪُهَڻ= ڪاتيءَ وغيره اوزار سان وڍي مارڻ.

ـ ڪُهَنِ ۽ ڪوٺِين (يمن ١/١٢، بروو ٢/٩)= هڪڙن کي ڪُهن ۽ ٻين کي ڪوٺين.

ـ ڪُهَنِ تان (يمن ١/١٠)= جيڪڏهن ڪُهَنِ تہ پَرِءَ.

ـ ڪُوٺي ڪُهي سُپرين (يمن ١/٨)= محبوب (عاشق

ـ ڪِيئن ڏٺاريان (مارئي ٧/١٦)= ڇاجي ڪري ڏٺاريان!
ـ ڪِيئَن آن لهندِي سي (ڪلياڻ ١/وائي)= ڪيئن آءُ اهي ڳولي لهنديس!
ـ ڪِيئن وِڏوٺين (رائو ٧/١)=ڪهڙي ڳالهه تان تون ڪاوڙئين!
ـ سي ڪاپَڙي ڪِيئَن (رامڪلي ٢/١٥)= اهي ڪاپڙي ڪيئن چئبا! اهي فقير ڇالاءِ آهن!
● ڪَيَئِي = تو ڪَئي (تون ڪرين ها، تون ڪرين، تون ڪندين).
ـ ڪَيَئِي جي ڪِرِي (يمن ٢/٢٣)= جي تو پرهيز ڪئي، جي تون پرهيز ڪندين.

# ڪ

● ڪاٺُونبا (مارئي ٨/٣)= سانوڻ جو ڪٽو ڏٺُ.
● ڪاڇونِ (ڪلموڏ ٢/١٤)= سندن ڪاڇ آهي.
● ڪاڏَنِ = ڪاڏلن، جن کي نانگ ڪاڏو آهي.
ـ خَبَرَ ڪاڏَنِ کي پَوي (ڪلياڻ ٤/١٢، ٤/١٥)= اها خبر انهن کي پوندي جن کي (عشق جي) نانگ ڪاڏو آهي.
ڪـاڏو ڪـوڙِهر (ڪنيـات ٥/١٢)= (اٺ پـوڙهو ۽ هيٺو ٿيو) ڳچي هيٺ ڍاري ۽ پوٺ زمين تي کوڙيو.
ڪارا (جمع)= واحد ڪارو، ٽوڪرا.
ـ چارا ۽ ڪارا (ڪلموڏ ٢/٨)=مڇي مارڻ جا چار ۽ ٽوڪرا.
ـ نه ڪَٽي مِ ڪَارِي (ڪلموڏ ٣/٤)= مَڇيون ڪاريءَ ۾ وجهي مٿي تي نه ڪٽي وڪٽي.
ڪَارَا= گهٽي لوڻ وارا، اڻ وڻندڙ.
ـ ڪيڻَ سي ٿَڙَمِ ڪارا (آبري ٨/وائي)= مونکي اهي طعام ڪارا ٿيا.
ـ ڪارا جِهڙا ڪِيرَ (ڪنيات ١/١١)= (بديع ۽ معاني جي صنعت) ڪاراڻ ۾ به کير جهڙا مٺا.
ـ ڪارا کَبَڙَ (مارئي وائي ٣/١)= اهي کبڙ جن جا پيرون ڪارا.
ڪارايان=ڪارائڻ سان، ڪاڏي ڏيڻ سان، ڏنگ ڏيڻ سان.
ـ ڪارايان ڪِرِّيو وڃي (ڪنيات ٤/١٤)= (ڪارائي ڏنگ ڪرائڻ سان) هليو وڃي، گم ٿيو وڃي.
● ڪارو= سمنڊ.
ـ ڪارو ڪيرِڻ (سري راڳ ٣/١٠)= سمنڊ ۾ ٻيڙين جهازن سان هل چل ڪرڻ، گس واٽون ڪرڻ.
ـ ڪاري ڪِيڙائُو (سامونڊي ١/٣٢)= ڪارو ڪيڙيندڙ سمنڊ ۾ گس ۽ واٽون ڪندڙ (هاري زمين ٿو ڪيڙي، يعني زمين کي هر سال جاڙون ۽ اوڙون ڏئي ۽ لتاڙي، تيئن ڪارو ڪيڙيندڙ سمنڊ ٿو ڪيڙي، سمنڊ ۾ ٿو اچي وڃي، سمنڊ ٿو لتاڙي ۽ ان ۾ گس واٽون ڪري).
ـ ڪاري- ڪيڙائُنِ جي (سامونڊي ١/٣)= جيڪي ڪاري سمنڊ ۾ ٻيڙا هاڪارين ٿا تن جي (سِڪَ)، سمنڊ جي سفر ڪندڙن جي نيهَن.
● ڪاروڙٿان ڪٽي (مارئي ٨/١٢)= (ڪاروڙو ۽ ويڙيجَهپ ٻئي مـاڳ ڏيلي تعلقي ۾) ڪـاروڙي مـان لڏو ڪـٽي (اصطلاح طور) هتان لڏي هُت ويا.
● ڪامڻ= ٻرڻ، جلڻ، سڙڻ.
ـ ڪـامُ ته ڪاهوڙِي ٿـئين (ڪـاهوڙي ٢/١٠)= تون ٻَرُ جلُ، سڙُ ته سچو ڪاهوڙي ٿئين.
ـ ڪـامِ ڪـامَندَنِ ڪَـنـئـو (سمن ٤/٧)= تون ٻَرُ ۽ جَلُ (ڇاڪاڻ جو) جيڪي ٻريا ۽ سڙيا تن ٿي ڪنيو.

● گُسڻ= گُسي وڃڻ، راهه تان ڀٽڪي وڃڻ.
ـ گُسان تان نہ گُسان (معذور ۴/۳)=گُس تان شال نہ ڀُلجان.
● گُشتَنِي= (بلوچڪي) چيائون.
ـ مَنا گُشتَنِي مولِدَي (ديسي ۴/۷)=مون کي ڀانهي ڪري سڏيائون.
● گُگهہُ= ٻَنڌ، بند.
ـ آڏو ڏيج مَ گُگهہَ (سنهٽي ۱۵/۱۱)= آڏو ڪا ٻنڌ، يا ڪو بند نہ ڏجان.
● گُلُ= (استعاري طور) راءِ ڏياچ.
ـ گُلُ چِنو گِرنارَ جو (سورٺ ۱۱/۴)= گرنار يعني جهونا ڳڙهہ جو گل چنو.
● گُل گُل= جدا جدا قسمن جا گُلَ، جدا جدا قسم جا رنگ روپ.
ـ گل گل پسي گودڙيا (پورب ۶/۲)= اي گودڙيءَ وارا فقير (گودڙيا) هن سنسار ۾ جدا جدا قسم جا رنگ روپ گهڻا ڪري نہ پائنج (حقيقت سڀ هڪ آهي).
ـ گُلَ ڪنائين (سارنگ ۱۲/۴)= وڏو مينهن پيو ۽ گاهہ ۽ گل ڪيائين.
● گمان= شڪ، وهم، اجايو خيال.
ـ ماريَس تنهن گمان (راڻو ۱۴/۴)= مونکي ان اجائي خيال ۽ وهم ماريو.
● گمائين= گنوائين، لاهين، ختم ڪين.
ـ گُندَر گمائين (سارنگ ۱۱/۳)= ڏک لاهين.
● گُنَ= اوصاف، چڱايون، خوبيون.
ـ مُون کي گُن گهڻا (رامڪلي وائي ۱/۷)= سندن مون سان ڪيل گُن گهڻا، احسان گهڻا.
ـ گنجي ۾ گُنَ گهڻا (کاهوڙي ۱۱/۲)= گنجي ٽڪر ۾ وڏيون خوبيون.
● گُناهہ= گُناهہ وارو ڪم، ڏوهہ جهڙو عمل.
ـ آهِسُ اِيءُ گُناهہُ (ڪليان ۱/۲)= ان جو اهو ئي گناهہ آهي.
● گنجو ڏونگر= گنجو ٽڪر حيدرآباد شهر جي ڏکڻ طرف کان شروع ٿي گهڻو اڳتي 'سعيد پور' تائين وڃي ٿو. "سعيد پور" سڏجي ٿي 'سعيد پور ٽڪر واري'.
ـ گنجي ڏُنگرَ گامَ جو (کاهوڙي ۱/۲)= گنجي ڏونگر جي گام جو، گنجي ڏونگر ۾ جيڪو ڳوٺ يا جيڪا بستي آهي (تنهن جو).
● گُندَ ۽ ڪالوڙا= ڪُوٽيءَ جسون پاڙون ۽ وڏا پڪا لوڙهہ (پيڻ جي پاڙ وارو ٻهُ ۽ ڪوٽيءَ جي پاڙ وارو لوڙ= گند= پڪو لوڙهہ).
ـ گُنَدَ جِني جي گوڏ ۾ (کاموڏ ۳/۲)= جن جي گوڏ ۾ پڪا لوڙهہ پٽل آهن.
● گندا= ميرا، ڏتڙيل.
ـ گندا ڪري گڏ (پرڀاتي وائي ۲/۱)= ميرا ڏتڙيل گڏ ڪري (انهن کي نوازي).
● گِندا= ٽلها رلڪا (گِندي= رلي)
ـ نہ گِندا نہ گِبري (رامڪلي ۱۵/۶)=نہ ٽلها رلڪا نہ گبري.
● گُندَرَ= غم، فراق، ڏک.
ـ گُندَرَ گبرين ۾ (رامڪلي ۲/۴)= سندن گبرين ۾ گوندر (غم ۽ فراق) پريل آهي.
ـ گُندَرَ ڪنو غَرَقُ (ريپ ۱/۱)= غمَ (منهنجي جند جان کي) ٻوڙي ڇڏيو، تبي ڏيني ڇڏي.
ـ سر مُون گُندرَ گڏيو (حسيني ۵/۱۰)= مون کي اهو (وڏو) غم پلئہ پيو، مون کي اهو وڏو ڏک لڳو.

ءِ شڪار) شروع ڪرڻ ساڻ ئي.
ـ گھوري نہ ڄاڻنِ (گھاتو ١٦/١)= مڇي ڳولڻ ءِ مارڻ (جو ڍنگ ئي) نہ ڄاڻن.
ـ گھوري ماري گھاتوئا (گھاتو وائي ١/١)= اي گھاتوئو! اوهان مڇي ڳولي ماري.
ـ گھڙي گھورَ نہ جَھلي (سنهٽي وائي ١/٨)= دلي جانچ ءِ ڳولا واري سَٽ نہ جهلي (ءِ پيڇي پيو).
ـ ڏوريان گھوريان نہ لَھان (رامڪلي ١٢/٧)= هَلان ڳوليان پر نہ لهي سگھان، پر نہ هٽ ڪري سگھان.
ـ گھوريون ڪارونيار (سنهٽي ٣/١)= وڏي لُڙ واري (لڙيل) درياء کي ڳوليون.

● گھوري (مونث)= ڳولائو، ڳوليندڙ.
ـ آهيان گھوري اُن جي (سامونڊي ١/٤)= آءٌ انهن جي ڳولائو آهيان.
ـ تَنِ اُنِ گھوري آهيَان (ديسي ٨/٣)= آءٌ انهن جي ڳولائو آهيان (جيڪي پنهونءَ کي ڪٺي ريا).
ـ هُوءِ جا گھوري گھوٽَ جي (حسيني ٤/١٢)= هوءَ (سسئي) پنهنجي گھوٽ پنهونءَ جي ڳولائو.

● گھورڻ= ڏيئي ڇڏڻ، قربان ڪرڻ، ڇڏي ڏيڻ، ترڪ ڪرڻ. ڪنهن جي مٿي مٿان ڪا قيمتي شيءِ ڦيرائي ڦيرائي ڪنهن کي بخشي ڇڏڻ.
ـ گُھَرڻَ هَنيين گھورِ (پرياتي ١٥/١)= سوال ڪرڻ (ٻني ڪان ڪجھ گھرڻ) ماڳهن ڇڏ.
ـ گھورئو هيءَ ڀَنڀورُ (حسيني ١٦/٣)= قربان ٿيو هي شهر ڀنڀور!
ـ گھڙو ڀڳو تہ گھورئو (سنهٽي ٢/٣)= دلو ڀڳو تہ صدقي ٿيو!
ـ ڪِتنو تُنهنجو گھورِئو (سري راڳ ١٣/٢)= نفعو تنهنجو قربان ٿيو.
ـ گھورئا سُکَ ڏُکَنِ ري (رپ ١٣/١)= ڏکن ڏسڻ کان سواءِ سک گھورئا (نہ گھرجن).
ـ ڪي گھوريَسِ ڪِنو گھڙنِ (سنهٽي ١٠/١)= ڪي 'قربان ٿيس' چئي گھڙي پون.
ـ هيءَ گھَرُ گھورياءُون (پورب ١٢/١)= هن جهان وارو هيءَ گھر قربان ڪياءُون، ڇڏياءُون.
ـ آءٌ گھٽڙئي گھوريَان (سامونڊي ٤/١)= آءٌ گھٽڙئي قربان ڪريان (ڦٽو ڪري ڇڏيان).
ـ سو ڪِنَن گھڙو گھوريَان (سنهٽي ٢/٢)= اهو گھڙو آءٌ ڪيئن قربان ڪريان!
ـ گھٽينِ ڀِتين گھوريَان (يمن ٥/وائي-١)= هر طرح قربان ڪريان.
ـ پاڻُ مَٿان، ئي گھوريَان (کوهياري ١٢/٢)= آءٌ پنهنجو پاڻ کي تنهنجي ئي مٿان گھوريان، صدقي ڪريان.
ـ گھَرِ ويٺي گھوري (آبري ٥/٤)= گھرَ ۾ ويٺي پاڻ کي پنهونءَ مٿان گھوري، (باقي ڪشالو ڪري نہ وڃي ڳولي).
ـ اَبو ڏاڏو گھورِ (ليلان ١٤/٢)= پنهنجو پيءُ ڏاڏو قربان ڪر، صدقي ڪر.

● گھُورَ= اکين جي پوري پَريل نظر، تيز تکي نظر.
ـ گھَٽَ پريان جي گھُورَ (ديسي ١٤/٣)= منهنجو اندر (گھٽ)، محبوبن جي تيز نظر (زخمي ڪيو).
ـ گھُوَرَنِ گھايا جي (رائو ٩/٢)= جيڪي عاشق (مومل جي) تيز نگاهن زخمي ڪيا.
ـ گھاتُو ڪري گھُورَ (گھاتو ٤/١)= گھاتو گھُور ڪري، نظر ۾ رکي جُوهہ ڪري (ڪلاچيءَ جي ڪُن تي ويا).

جي لبن لالائي ڪئي.

● لامر= وڻ جي ٽاري، شاخ.

ـ لامِين چڙهين (ڪارايل وائي ۱/۳)= وڻن جي لامن تي اڏري ويهين.

ـ مٿي لامُنِ ٻور (ٿهر ۲/۵)= ٽارين لامن جي چوٽين تي هيترو سارو ٻورُ.

● لِکِئي لامُون ڪوڙيُون (ٻروو ۴/۵)= آزل جو لکيو اچي ريو.

● لاَمَڪانُ = سالڪ لاءِ اها منزل جتي 'ماڳ مڪان' جي موجودگي نه هجي، ماڳ مڪان واري حد نه هجي.

ـ لَنگهِيا لامَڪانُ (ڪاهوڙي ۱/۱)= 'لامڪان' واري حد کان اڳتي نڪري ويا.

● لاَنجهِيُون = ايرايون، هيٺايون، ماندگيون.

ـ لانجهيُون لاهُوتِينِ (رامڪلي ۲۲/۶)= لاهوتين منهنجي (هنيين کي، دل کي) هيٺايون لاٿيون.

● لاَنچِنوَ (آبري ۱۹/۷)=جانچيو، لنگهيو، اورانگهيو.

● لاَنچي (آبري ۸/۱۰، ۱۲/۹)= جانچي، اورانگهي.

ـ لاَنچي لَڪَ (آبري ۱/۲)= ٻڏي، جانچي چيلهه ٻڏي، سندرو ٻڏي.

● لانڊَ = ديگهه.

ـ پَڪو اَڏِ مَ لانڊَ (ٿهر ۱/۱۰)= وڏي لانڊ (ديگهه) وارو پڪو نه اڏ، وڏو ڊگهو گهر نه ٺاهه.

● لاَنگوٽِي = ننڍي لانگ واري ڌوتي (جيڪا لانگ ڪڍڻ ۽ ٻڌڻ سان مٿي ٿي بيهي).

ـ لانگوٽِي لاٿي (پورب ۹/۲)= لانگوٽي ٻڌي، لانگوٽي ڪڍي.

ـ لانگوٽِيا لالَ (راڻو ۷/۱)=اي لنگوٽ ٻڌل مٺيادار (لال).

ـ لُوٽِيسَ لانگوٽِينِ (رامڪلي ۲۲/۶)= لانگوٽ ٻڌل فقيرن مونکي (محبت ۾) ماريو.

● لاٿُو = ٿر جو هڪ ڪارو ننڍڙو وڻ، جنهن کي اُٺ چاهه سان کائين.

ـ لاٿا (سنهڻي ۱۸/۴)= لاٿي ۽ لاٺا جيڪي سُڪيءَ ۾ ٿين، ٿر ٻر ۾ ٿين، جتي پاڻي جي وهڪ نه هجي.

ـ چَري نه لاٿُو (ڪنيات ۸/۴)= لاٿو نه کائي.

ـ لِڪنو لاٿِي کاءِ (ڪنيات ۵/۵)=لڪنو ڇپنو لاٿيءَ کي کائي.

● لاهَ= ڦيرا، چڪر.

ـ لُڊاڻي تان لاهَ (راڻو ۱۲/۶)= لُڊاڻي جي شهر تان (=ڪاڪَ تان) ڦيرا، گهُمرا.

● لاهڻ= هيٺ ڪرڻ، ڇڏي ڏيڻ، دل ڪمزور ڪرڻ، ڪنهن تان هٿ لاهڻ، پناهه نه ڏيڻ، لاهي صاف ڪرڻ.

ـ لاهِ مَ هَٿَ (راڻو ۱۴/۵)= پنهنجي پناهه جا هٿ مون تان نه لاهه، نه ڪڻ.

ـ لاهي جو... ڪس (ٿهر ۲۰/۱)= جيڪو (جاڳي) قلب تان ڪس لاهي.

ـ لاهي ڪَسَرَ ڪَٽُ (راڻو ۲/۸)= ڪاوڙ وارو زنگ ۽ ڪٽ دل تان لاهي.

ـ لاَهي چِرِتَا لَگَ (رامڪلي ۱۱/۶)= لڱ لاڳاپا لاهي هليا.

● لاهڻ= سر لاهڻ، سر وڍڻ:

ـ لاَهِيو سِرُ (ڪلياڻ ۴/۴۰)= اُهي سر کي لاهي، سِر کي وڍي.

ـ لاهي سِرُ، لَطِيفُ چئي (ڪلياڻ ۴/۱۶، يمن ۸/۶)

ـ لڏا لَيَنِ (ڪلياڻ ۵/۲۴)= ڪنهن ٻـاگ سان تڏهن اهي ملن.

● لَتـاڙِئو لَڪين چَڙهي (ڏهر ۵/۸)= ماري (شـڪاري) پيرن هيٺان لتاڙيو، لَڪ چڙهير ماريو هليو وڃي.

ـ لَتـوڙِئا (ڪارايـل ۳/۱۳)= لتـاڙيل ٿـيـا (ڪنهن انهن کي لتاڙيو ته). لتاڙجي پيا.

● لِتِڻ= گپ چِڪ.

ـ مَنجهان لِتِئـيَنِ لَڪ (ڪارايل ۱/۱۵)= (ڪانيـرا کي ئي لَڪَ پکي) گپن چِڪن مان لتڙجي نڪتا.

● لَٽو پاندُ مُهاءِ (ڪاموڏ ۳/۱)= منهن تان پوتيءَ جو پاند لهي ويو.

ـ لَٽـو ڏِنُ ڏيهاءِ (ڪامـوڏ ۴/۳)= ڏيهـ تان ڏن لـٽـو، ملڪ تان محصول معاف ٿيو.

ـ لَٽو ڏُرتُ (بلاول ۲/۳)= ڏک، ڏڪار لـٽو.

ـ لَٽسِ ڪوڏ ڪَپُورَ (مارئي ۲/۸)=(ڪپور=ڪافور) ڪافورجي خوشبوءِ وارا لاڏ ڪوڏ لهي ويس، سُرهايون سَرهايون لٽس.

ـ لَٿي لِڪَ (ڪامـوڏ ۴/۳)= لِڪَ لهي وئي، ڳـالهـ پڌري ٿي.

● لَٽَ اوتارِيُون (آبري ۱۲/۵)= لَٽَ جـا اوتار چـڙهي ويا، لَٽَ ڀڪي ڇڏيون، پوري ڇڏيون.

ـ لَٽجي نِتِ (رپ ۱/۳۹)= سدائين پيو لَٽجي.

لَٽِ لائڻ= (اصطلاح) نـابينـا جي لٺ وٺي ڪـيـس رستو ڏيکارڻ.

ـ لَٽِ لائيندو ڪيرُ (آبري ۱۲/۵)= اڪين ڪـانـسـراءِ مون انڌيءَ کي ڪير لٺ مان وٺي هلائيندو.

● لَپاٽَ = زورائتي چماٽ.

ـ لَوِٽي ڦـيـرِ لَپـاٽَ (راڻو ۴/۲)= لوٽـيءَ وٽان لپـاٽ، زورائتي چماٽ.

● لَپيٽَ = پاڻي جي وڏي ڇولي جو زوردار ڌڪ.

ـ لَڳي ڪامَ لَپيٽَ (سامونڊي ۱/۹)= ڪا لپيٽ نه لڳي، ڪا وڏي ڇولي ڌڪ نه هڻي.

● لَپيٽڻ= ويڙهي ورائي سوڙهو سوگهو ڪرڻ.

ـ لَپـيـٽِـج (راڻو ۴/۶)= ڍَڪِج (منهنجي مـدائي، منهنجا عيب).

ـ جيـٽـن لوهارَ لَپـيـٽِـو (بروو ۱/۲)= جيـٽـن لوهار اٽلايو، ورايو ملايو. سوگهو ڪيو.

● لپيٽيُون = ورائجي ويڙهجي ويون.

ـ توسين لالَ لَپيٽيُون (راڻو ۵/۱۳)= اي منهنجا لال! توسان (منهنجيونِ محبت جون ميخون) لپيٽيل آهن.

● لڄ= عزت، شان.

ـ لَڄ بَلوچَانِ نشتغان (ديسي ۷/۶)=(بلوچڪي) بلوچن جي لڄ آهيان، ويٺي ئي هجان (هوند ٻاهر نه ڦران).

ـ لاَلَڻَ ڪارَڻِ لَڄَ (مـعـذور ۷/۱۲)= لالڻ (پنهونءَ) خاطر پنهنجي لڄ (بَرِيَٽن کي باسيائين).

ـ لَڄَ پنهنجي لوءِ ۾ (حسيني ۱۱/۱۶)= (متان پنهون) پنهنجي ملڪ ۾ لڄي ٿئي.

ـ لَڄَ کَنئي (سامونڊي ۱/۲۹، ڏهر ۳/۳)= لڄ جو بار کنيو، عزت آبروجو بار کنيو.

ـ لَڄَ سَنڌياءِ (ڏهر ۳/۱)= آءٌ تنهنجي لڄ آهيـان (جيستائيڪ آءٌ اگلي اوڏڻ آهيان).

ـ لَڄَ مري (پرڀاتي ۲/۹)= لڄ ۾ مري، شرمسار ٿئي.

● لَڄارو ٿيڻ، لڄي ٿيڻ= شرمندو ٿيڻ، پشيمان ٿيڻ.

ـ پـورو ڪوهُ نه لَڄي (ڪلياڻ ۵/وائي)= اوڄهـ ڇونه

سچي ملڪ ۾ ڪو ٻيلو هو، وڃ هتا).

ـ ليڙنِ لَنگهي لَسَ (حسيني ٥/٢)= ائن لس ٻيلي وارو ملڪ لنگهيو (۽ اڳتي ڪيچ ڏي ويا).

● لِسانَ=زبان. لسانا=لسان سان، زبان سان، زبان مان.

ـ قلب ساڻ لسان (ڪلياڻ ١/٧)= دل ۽ زبان ٻنهي سان.

ـ لِسَانَ سين (رامڪلي ١/٢٩، آسا ٥/٧)= زَبانَ سين.

ـ پَڙهہ لالَنَ لِسَانا (سري راڳ وائي ٢/١)= اي پيارا (لالن!)، تون زبان سان پڙهہ.

● لَسِي تَندُ (ڪاپائتي ١/٢٣)= اها تند جنهن ۾ ڳنڍيون ڳوڙها يا پڙا نہ هجن.

● لُطفَ . لُطفُ (سري راڳ ١/١)= ڪرم، مِهر.

ـ لُطفَ ساڻ (سنهڻي ٣/١)= ڏڻيءَ جي ڪرم سان.

لَطِيفُ= ١. الله تعاليٰ ٢. شاهہ عبداللطيف.

ـ لَهين تون لَطِيفَ ڪان (سري راڳ وائي ٢/١)= تون الله تعاليٰ ڪان حاصل ڪرين، الله تعاليٰ تو کي عطا ڪري.

ـ لاهي سِرُ لَطِيفُ چئي (ڪلياڻ ٤/٤، ٤/١٦)= لطيف ٿو چوي تہ سِرِ لاهي.

● لَطِيفَنِ = سهڻن سباجهن.

ـ لَذير لَطِيفَنِ (رائو ١٠/١٢)= سهڻن سباجهن لذير.

● لُعابُ= پاڻيٺ، پِڪَ، مَڪُ. ڪوريئڙي وارو ڄار.

ـ لاهين جي لُعابُ= جي تون مٺيون ڏيکاءِ وارو مَڪُ ۽ سٽ لاهين، جي تون پنهنجي مٿان ڪوريئڙي وارو ڄارُ لاهين.

● لَعلَ (سامونڊي ١/١٢)= لعلون.

● لَغارَ= ٿورو ذرو، سِڪ جي رَتِي.

ـ پَسِي لِيءَ لَغار (ڪاموڏ ١/١)=مچيءَ جي ذري جيتري ڏَپ. (ليءَ = ليئي مچي)

ـ لَڳڙي آءِ لَغارَ (ديسي ٧/وائي-١)= مونکي محبت جي لغار لڳي، سِڪ جي رتي سَمائي آهي.

● لُقَمانِ (مارئي ١٠/١١)= قرآن شريف جي سُوره (٣١) جو نالو (جنهن ۾ لقمان نالي اڳئين جُڳ جي، الله پاڪ جي ڄاڻ واري، هڪ وڏي ڏاهي جو نالو ۽ مثال آندل آهي).

● لَڪُ= چيلهہ وارو وَڏو، چيلهہ.

ـ لوئيءَ اندرِ لَڪُ (مارئي ٧/٩)= چيلهہ لوئي سان ڍڪيل.

ـ لَڪُ لَهرِينِ ڇڏيو (سنهڻي ١٠/٢٠)= چيلهہ وارو وڏو (چيلهہ) لهرين ۾ اڇي ويو، لهريون چيلهہ ڪلهن مٿي ٿي ويون.

ـ لَڪِ سَنهين (سامونڊي ٤/٨)= چيلهہ سنهين.

● لڪُ (جمع) لَڪَ= جبل جا لانگها، ڏکيو لانگهو، آزمايش وارو لنگهہ.

ـ لانچي لَڪَ لَطِيفُ چَئي (آبري ٢/١)= جبلن جا لڪ جانچي، چيلهہ تي سندرو ٻڌي.

ـ لَڪِ تَهين سِين (آبري ٨/١٣)= (اي سسئي! سڄڻ جو سور ۽ درد سنئو رفيق ۽ ٻيلي آهي، تون تنهن جي رفاقت سان) سڀ لڪ لتاڙي لنگهہ!.

ـ مٿان لَڪَ، لَطِيفُ چئي (مارئي ٢/١١)= لطيف ٿو چوي تہ ڏکيي لانگهي وقت، ڏکي آزمايش وقت (پنهنجو سَت وارو خزانو جلاءِ).

ـ لَڪَنِ جي لَوڏُ (حسيني ٣/٦)= جبلن جي لَڪن تي لوڏا کائي لُڏي چڙهڻ واري حالت.

ـ لَڪَ مَٿي لاڳو (ڪوهياري ٤/٨)= لَڪ (درو وات وارو) تي محصول جي ادائگي.

ـ لُڪَنِ ۽ لَڪَنِ (آبري ١/١٩)= گرم جهولن لُڪن، ۽ ڏکين لَڪن لانگهن.

ـ لَنگهيءَ جو پَتارَ (پرياتي ۲/۱)= لنگهو، مگهڻار.

● لَنوڻَ= پکيءَ جو ٻولي ڪرڻ، لات لنوڻ.

ـ ڪانگَ لَوندو ڪَڏهِين (سنهڻي ۱۱/۱۶)= ڪانگ ڪڏهن (واڌائي واري) ٻولي ڪندو.

● لَنُءَ، لنءُ= عشق، سِڪ، محبت.

ـ لايِئين لَنءَ لَطيفَ چئي (سنهڻي ۸/۱)= لطيف ٿو چوي ته: عشق لاتائين.

ـ لَنءُ لايا (ڪلياڻ ۴/۳۴)= لَنءُ لڳا، عشق ۾ پيا.

ـ لَڳين لَنُون لَطيفَ چئي (يمن ۶/۵)= لطيف ٿو چوي ته انهن کي محبت لڳي، عشق لڳو.

لَنئُ، لَنوڻ = مٺي ٻولي ٻولڻ.

ـ آءُ ڪانگا لَنءُ لاتِ (بروو ۲/۷)= اي (محبت جا پيغام ڏيندڙ) ڪانگل، آءُ ۽ اچي ڪا ٻولي ڪر (۽ واڌائي ڏي).

● لَنءُ لَنءُ (ديسي ۷/وائي-۱)= وار وار ۾.

● لوڀَ= طمع، لالچ.

ـ هِڪڙي لَهَرِ لوڀَ جي (سري راڳ ۲/۲۷)= هڪڙي تکڙ تيزي طمع جي.

● لُوتَ= ڏِڳها.

ـ لُوتَ لِيارَ (سنهڻي ۴/۱۸)= ڏِگها وڻ ليار جا.

● لُوٺو=۱. سڙيو ٻريو. ۲. ڏکاريل، مٺي هاب، ڪميڻو.

ـ لَڳيءَ لوٺو نه ٿيان (ڪلهوڙي ۳/۱۲)= (جهنگَ ٿو چوي ته:) باه لڳڻ سان هوند سڙي نه وڃان!

ـ لوٺو لُڏائو (راڻو ۴/۱۷)= لُڏائو لهسيو، ٻريو.

● لوٺي (جمع) لوٺيون=۱. سڙي، ماري، ۲. ڏکاريل، مٺي هاب، ڇڙواڳ، ٻي لڄي، ڪميٺي.

ـ سا لَوٺي ليلان جِيئَن (ليلان ۳/۵)= اها بہ ليلان وانگر ڏکارجي وئي.

ـ لُوٺيءَ تان سپ لاهِيو (آبري ۱/وائي-۱)= هن سڙيءَ تان سپ لاهيو.

ـ لُوٺيءَ کي مَ لَڄايو (آبري ۷/وائي)= هن سڙي ماريءَ کي لوڪ ۾ لڄي نہ ڪريو.

ـ لُوٺي تو لَڄائيو (معذور ۴/۷)= اي سڙي! تو لڄايو.

ـ لُوٺيَسِ لُڏائي (راڻو ۷/۴)= (لهسڻ= ساڙڻ. ماضي لُوٺيو، لهسيو) لُڏائي مون کي ساڙيو ٻاريو.

ـ لوٺيسَ لانگوٽِين (رامڪلي ۶/۲۲)= انهن فقيرن درويشن مونکي جلايو ماريو.

ـ لُوٺيَسِ لاڳاپَنَ (رپ ۱/۳۱)= آءُ واسطن ۽ ننگن ساڙيَسِ، ڪانيَسِ.

ـ لالَنَ لَئي لُوٺيُون (معذور ۱/۱)= ۱. پياري سڄڻ لاءِ سڙي ويون، ۲. پنهنجي پياري سڄڻ خاطر لوڪ ۾ ٻي لڄي ٿيون.

ـ ٿِيُون لُوٺيُون سَهَنِ لوڪَ ۾ (ڪوهياري ۱/۱۷)= اهي ٻي لڄيون لوڪ ۾ ٿيون طعنا مهڻا سهن.

ـ لُوٺيُون سَهَنِ لوڪَ جا (يمن ۶/وائي)= ڏکاريل ڪميڻيون لوڪ جا طعنا مهڻا سَهن.

● لُوپِيا= اوڪا ڪيا، جنجال ۾ وڌا، لُٽجي ويا.

ـ لِلهِ ڪارَڻَ لُوپِيا (رامڪلي ۴/۱۰)= خدا ڪارڻ ڏکيا ٿيا، ڏکوئجي ويا، ڦُرجي ويا.

ـ لُوپِي آئِيا (سامونڊي ۱/۳۳، ۴/۲۳)= لُٽي آيا، واپار ۾ ڪٽي آيا.

ـ لوهُ پَچي لُوپِي (مارئي ۱/۴)= لوهہ وارو بند پچي، لُٽي ڦري.

● لوچَڻَ = محبت ڪرڻ، وڏي ڪوشش ڪرڻ.

سَنگهر کان اتر - اولهه طرف آهي).

ـ مانباڻشان مَٿي ٿئا (حسيني ۵/۲)= هو (پنهون جي قافلي واري) مانباڻ کان به اڳتي وڃي نڪتا.

مانجهاندو= مَنجهند وارو وقت، منجهند جي ماني، منجهند جو ٿوري آرام وارو وقت.

ـ ايءَ مانجهاندي جو ماگُ (ڏهر ۱۷/۱)= هيءَ (جهان) چڻ مانجهاندي وارو ماگ، مانجهاندي جي عرصي جيترو ٽِڪاءُ آهي.

● مانجهي موچارو (راڻو ۳/۱۰)= چڱو ۽ وڏي همت ۽ طاقت وارو.

● مانڊي دِل (سنهڙي ۷/۳)= ضعيف دل، بي حال دل.

مانڊاڻو (مارئي ۷/۸)= گاهه جو هڪ قسم.

مانڊِري = مَنڊرُ ڪندڙ، جادو ڪندڙ، طلسم ڪندڙ.

ـ مانڊِريءَ منڊرُ پَکيڙِئو (ڪلياڻ ۱/۳)= ڇڻ ڪنهن طلسم واري طلسم ڪري ڇڏيو!

● مانگرُ = مانگرُ مَڇُ، ماڻهو کائيندڙ وڏو مَنگرو ('واڪَيڻُ' ۽ ٻيا انهيءَ جنس جا منگرا).

ـ مانگرُ ماريائون (گهاتو ۱۷/۱)=مانگر مڇ کي ماريائون.

مانِيين = مانِيِن سان، اَنَ سان.

ـ ماڻهو ٻَيين مانيين (سارنگ ۱۶/۲)= ماڻهن کي مانيِن مان ڍئو ڪرائين.

● ماڻُ= ٻارُ، ماڻو.

ـ تَنِ مَلاحَنِ جو ماڻُ (ڪاموڏ ۱۰/۲)= انهن ملاحن جو سجو بار ۽ سندن ماڻو (سمي چار پنهنجي نمي ڪيو).

● ماڻِڪُ= وڏو قيمتي موتي، (اصطلاح) نهايت چڱو انسان، وڏي مٺيا وارو ماڻهو.

ـ ماڻِڪُ ٻارِجُ مَڇُ (سري راڳ ۲۴/۱)= ماڻڪ مڇ ٻارڄ، جتي سهڻي شعاع وارو مڇ مچائڄ (هت 'ماڻڪ' صفت آهي 'مڇ' جي).

ـ ماڻِڪَ مَٿائِين (ڪاپائتي ۲۲/۱)= سُٽ جي مَٿا ۾ ماڻڪ وٺن، سٽ مٿائيندي ڪين ماڻڪ ملن.

ـ ماڻِڪَ مُلاحِظو ٿِئي (سري راڳ ۱/۴)= ماڻڪ ملاحظي وارو ٿئي، ماڻڪ کي ملاحظو ٿئي، حجاب ٿئي، ماڻڪ شرميلو ٿئي، شرمائجي.

ـ ماڻِڪَ مَاگُ (آسا ۴/۶)= ماڻڪ جو ماگ، جتي ماڻڪ موتي آهن.

ـ ماڻِڪُ ميءِ پرائِيو (ڪاموڏ ۱۰/۱)= مهاڻي، ماڻڪ (چار تماچي ماڻڪ جهڙو) هٿ ڪيو.

ـ پاڻُونڊَرَ ماڻِڪَ پِرِين (بروو ۵/۳)= ماڻڪ جهڙا سخي سپاجها اُملهه ماڻڪ محبوب.

● ماڻهِنئُون= ماڻهن کان، ماڻهن وٽان.

ـ ماڻهنئُون ميٺ گهٽو (ڏهر ۲/۵)= ماڻهن کان وڌيڪ محبت وارو ميٺاج.

●ماڻڻ= دل سان لائي پنهنجو ڪرڻ، حاصل ڪرڻ.

ـ ماڻِئو تَنِي مورُ (حسيني ۱۳/۲)= تن انهيءَ مورَ (سهڻي سائين) کي پنهنجو ڪيو (جن سائس دل لاتي).

ـ مَيي سيئي ماڻيَا (راڻو ۹/۶)= اُن اهي ئي خوشيءَ مان ڪاڏا.

ـ ماڻيان شالَ مَليرَ (مارئي ۱۸/۵)= آءُ شال ملير ۾ حياتي گذاريان ۽ ان کي پنهنجو ڪريان.

ـ ماڻين جانِبَ جو جمال (معذور ۱/۴)= تون پنهنجي محبوب جي جمال جو جلوو ڏسين پسين.

ـ ڪِيئن ماڻِيندا (ڏهر ۱۸/۲)= ڪيئن حاصل ڪندا (پنهنجي مال چارڻ لاءِ ڪتب آئيندا).

ـ مٿان ٺَڪر توري(آبري ١٠/وائي)= ٺڪرن جي مٿان تورائي، هَڪَلي.

ـ مَٿان وِير وَرِي (سنهڻي ٢/٦)= (عشق مان پني تري، ائين جو) وير جي مٿان پني وري.

ـ مَٿان پَنِي تَنِ (راڻو ٣/٩)= تن جي مٿان پَني، تن مٿان آفت ٿي آئي.

ـ مٿان پَلاڻيو (سورٺ ٣/١١)= تيار ٿيو.

ـ مَٿان ٻَلن (حسيني ٧/١٠)= ٻَلن جي اُتان، ٻَلن تي.

ـ مَٿان ٻَلن ٻَاڙَ (رامڪلي ۴/١٧)= ٻَلن جي مٿان ٻَاڙ ڪن، ٻَرَن.

ـ مَٿان ءِ ڳي گهوريان (ڪوهياري ٢/١٢)= پنهنجو پاڻ توتان قربان ڪريان.

مَٿو (جمع) مَٿا= سِرُ، جند، جان.

ـ مَٿي ري (سورٺ ١/٦)= سر (وڍڻ) کان سواءِ.

ـ مَٿي هَٽَڙَا (معذور ٢/۴)= مٿي تي هٽڙا (مٿو هڻن ۾ جهلي پني سُور سهي).

ـ مَٿي ڪَنِ (مارئي ٧/٧)= مٿي تي ڪن، سر تي ڪن.

ـ مَٿي ڏِنِيَسِ (مارئي ٣/١٢)= مٿي تي ڏنيس.

ـ مَٿي سِين ميري (رامڪلي ۴/٨)= ميري مٿي سان.

ـ مَٿو لاهي رک (يمن ٦/١٠)= سر گهوري رک، قربان ڪري رک.

ـ مَٿو ڪَن نَہ مُلْ، پِڪَ بَرابَرِ پَاڻِهنجو (يمن ٦/١٧) = پنهنجو مٿو (محبت واري شراب جي) پڪ برابر نہ ڪن.

ـ مَٿا مَهاڻِنِ جا (ڪلياڻ ٥/٢٢)= وڏن پهلوانن جا سِرَ.

ـ مَٿي منجهان مِينهُ (حسيني ٢/٣)= سخت گرمي ۾ پگهر مينهن وانگر پيو مٿي مان وهي.

● مَٿو ڏيڻ، مَٿَا ڏِيَڻ (حسيني ٩/١٨)= ڪنهن مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اورچ ٿي وڏا حيلا ڪشالا ڪرڻ، وڏيون تڪليفون ۽ سختيون سهڻ.

ـ مَٿو ڏِيندا (ڪلياڻ ۴/٣١)= ١. پنهنجا سِر ڏيندا، يقيني طور پنهنجا مٿا گهوري ڏيندا. ٢. (اصطلاح) پنهنجي مٿي ڪندا، پنهنجي نمي ڪندا، منهن ڏيندا، مقابلا ڪندا.

ـ مَٿي سِرِ سَتوه ڪيو (سورٺ ٣/١٣)= سر وڍڻ تي وڏو زور رکيو، جبر ڪيو.

ـ مَٿان مَٿي (حسيني ٢/٢)= مٿي کان مٿي.

ـ مَٿان مَٿي بانهَن (بلاول ٣/٧)= پنهنجي بانهن مٿي کان مٿي ايي ڪري.

ـ مٿي وَٽِ= مٿي برابر، مٿي جي بدلي، سر جي عيوض.

ـ مَٿي وَٽِ مِڙِنِ (ڪلياڻ ٥/٢۴)= مٿي جي مَٿا ۾ ملن، مٿي جي بدلي ۾ ملن، سِر ڏيڻ سان ملن.

ـ مَٿو مَٿائين گهوريَان (سورٺ ٣/١۴)= پنهنجو سِرُ تنهنجي مٿان گهوريان، توکي ڏيان.

● مَٿو= چيهہ، چيڙو، چوٽي.

ـ مَٿو مَنايِنِ ناہِ ڪو (راڻو ٨/١۴)= ڪَچاڻِنِ ڪوجهايَنِ جو چيهہ ئي ڪونهي.

● مَٿائي= مَٿُ يا مٿائي محصول.

ـ مُهري ۽ مَٿائي (سري راڳ ١/٨)= بہ جدا محصول ١. تہ مهري يا مٿ توتان معاف ٿئي. ٢. تہ مهري تو مٿان ئي (معاف ٿئي).

● مٿم= مون تي.

ـ مَٿِمِ بارانوَ (ديسي ٢/١٩)=مون تي بار، مون تي ميار.

● مَٿِسِ= هُن تي.

ـ مَٿِس مِينهہ (حسيني ١١/٧)= هر وقت مينهن سندس

- مَري جيءُ (معذور ٤/١)= موت کان اڳ ۾ مري (پاڻ ماري) تون حقيقي معنيٰ ۾ زنده ره ۽ جيءُ.
- مَري تان نہ ڇڏيندي (مارئي ٤/١)= مري ويندي بہ نہ ڇڏيندي.
- مَري رَهنديَس (مارئي ١/٥)= مٿن مثال گذاريندس.
● مَرَڻُ (اسم)= موت.
- مرڻَ سيئَن (سنهڻي ٥/٣)= مرندي گهڙي تائين (جيستائين مون ۾ ساه آهي).
- مَرَڻ ڪِئوءِ مُردار (معذور ٤/٧)= تو موت کي مردار ڪري ڇڏيو، ان کي تمام گهٽ اهميت وارو ڪري ڇڏيو.
- مَرَڻ تَن مُشاهدَو (يمن ١/٧)= تن لاءِ موت محبوب جي ديدار برابر آهي.
- مَرَڻ مُون سين آءُ، تہ پنيءَ تو پنڌ ڪريان (معذور ٤/٩) = اي مرڻ، اي موت! تون مون سين سونهون ٿي هل تہ تنهنجي پريان (پنهونءَ جي ساٿ جو) پيرُ کڻان.
- مَرڻان اڳي (ڪلياڻ ٢/١٤)= موت جي اچڻ کان اڳ، موت ۾ مرڻ کان اڳ.
● مِرو، مِرون = جهنگ جا جانور.
- مِرو پِيا مَامري (ڪوهياري ٢/١٣)= جهنگ جا مِرون بہ انهيءَ معاملي ۾ پيا، انهيءَ ويچار ۾ پيا، ڏڪارا ٿيا.
- مِرُون ڪِينَ وَلِنِ (ڏهر ١/٧)= جهنگ جا جانور پني ڪين کيڙين.
● مَروشِي (بلوچڪي) = اڄ، اجوڪي ڏينهن.
- مَروشِي محبوبَ ڏي (ديسي ٧/٤)= اڄ، اجوڪي ڏينهن، اڄ جو اڄ ئي پنهنجي پياري پنهونءَ ڏي وڃان.
● مريتَڻ= مَروتَڻ، مَريتِي = مروتي.

- جا مَرضنِ مَريتِي (ڪوهياري ٥/٢)= هوءَ جيڪا مرضن وڪوڙي، جيڪا مرضن ماري.
● مِري = مِرچ.
- جِنهِ ۾ مالُ نہ مِريءَ جيترو (سورٺ ٣/٧)=جنهن ۾ مِريءَ جي داڻي جيترو بہ مال ناهي، جنهن ۾ ذرو بہ نفعو ناهي.
● مريض= بيمار.
- مَريضَن کي (يمن ١/١)= اگهن کي، بيمارن کي.
● مِڙڻ= مِلڻ، گڏجڻ، پهچڻ، رَسڻ.
- جي پانئين پرينءَ مِڙان (آبري ١٠/٥)= جيڪڏهن تون چاهين تہ پنهنجن پرينِ سان ملان.
- جي قِيامَ مِڙَنِ (سنهڻي ٢/١١)= جيڪڏهن اهي قيامت ۾ ملن.
- مَٿي وَتِ مڙَن (ڪلياڻ ٥/٢٤)= سِرَ جي عيوض ملن، سر ڏيڻ سان ملن.
- صُباحَ سِياڪو، صَحيءُ مِڙندو مَگڻا (پرياتي ٢/٩) = اي مگڻا! سياڻي عزيزن جو سڄو راڄ (سياڪو) يقيني تہ گڏ ٿيندو (مڙندو).
- مِڙيا مَٿي مَڃَ (ڪلياڻ ٤/٣٨)= (پتنگ اچي) مَچ تي گڏ ٿيا، مُچ ٿيا.
- مـِڙئو ڪَنِ مِنَتَ (ڪامـوڏ ٣/٢)= گـڏجي اچي التجاءِ عاجزي ڪن.
- اَگهَن مِڙي اَڄُ (يمن ٢/٣)= اڄ بيمارن گڏ ٿي، پاڻ ۾ گڏجي.
- مُور نہ مڙي ماءِ (سري راڳ ٣/١٩)= (ٻيڙي) هرگز نہ پهچي ماڳ تي (بندر تي).
- مَرُ تہ مڙين سَنئي (معذور ٤/٢)= شال تہ گڏجين سنئي (پنهنجي پنهونءَ سان).

● مَعذوري = ڪاٺياري، خطا وار.
ـ ماري مَعذوري (ليلان ١/١)= هن ڪاٺياري ۽ خطا وار کي ماري.
ـ مَٿي مَعذورين (حسيني ١٢/٣)= قصور ۽ خطا وارين تي.
معذوريون= عذر واريون (جن تي عذر رهجي ويو، ميار رهجي وئي، جِئن سسئي تي ننڊ جي ميار رهجي وئي). هيڻيون، ضعيف، ڪاٺياريون، خطاوار
ـ مَعذوريون مُيون (ديسي ٣/٢، ڪوهياري ٥/١١) = هيڻيون ضعيف مري ويون.
مَعرفَتَ= شريعت، طريقت، ۽ 'حقيقت' ٽنهي جي عين الاهي رضا مطابق ڄاڻ ۽ پروڙ. الاهي ڄاڻ.
ـ ماڳُ مَعرفَتَ (ڪلياڻ ٢/٢٢)= ان جو ماڳ ۽ تڪيو معرفت وارو، انهن جو درجو معرفت وارو.
ـ مَعرِفَتَ جي ماڻ سِين (ڪلياڻ ١/١٢)= الاهي ڄاڻ (حق جي ڄاڻ) واري سمجهه ۽ صبر سان.
ـ مَعرَفَتَ مَرَڪُ (سنهڻي ٤/١٠)= معرفت جڳائي، معرفت سونهي.
ـ مَعرَفَتَ مَلهاءِ (آسا ٤/٩)= ('معرفت تي پورو بيهي) معرفت کي ملهاءِ، معرفت کي سهڻو ڪري سينگار.
● مَعشُوقَ= جنهن سان عشق ڪجي، جنهن تي ڪو عاشق ٿئي، محبوب.
ـ مَ ڪِين چَڏُ مَعشُوقُ (ڪلياڻ ١/٢٠)= (هن کي) معشوق بالڪل نه ڇڏ (اٿين نه ڇڏ ته هو معشوق آهي).
ـ مَعشُوقَن جَا (يمن ٣/٨)= (عزت ۽ عظمت خاطر جمع جو صيغو) پياري ۽ اعليٰ شان واري معشوقَ جا، پياري محبوب جا.
ـ مَعشَوقَن لَئي (ڪلياڻ ٤/١٣)= محبوبن جي محبت خاطر، محبوبن جي رضا خاطر.
● مَعصُومُ= ١. ننڍڙا ابهم ٻار ٢. مڪتب واري هيٺين سطح تي پڙهندڙ ٻارڙا، جن جو ذهن اڃان ايترو پختو نه هجي جو ڏکيا باب پڙهي سگهن، يا مشڪل لفظ ۽ معنائون سمجهي سگهن.
ـ مارِمَ مَعصُومَنِ کي (يمن ٥/٨)= تون ننڍڙن ابهم ٻارڙن کي نه مار.
● مُعلِمُ= ناکئو، رهنماءُ.
ـ ميھَرَئي مُعلِمُ (سنهڻي ١٢/١)= ميهار ئي (منهنجو) ناکئو آهي، رهنما آهي.
ـ مُعَلِمَ جِت مُحتاجَ (سري راڳ ٣/٨)= جتي ناکئا بہ بي وَس آهن.
ـ مُعَلِمَ آسَري (سامونڊي ١/٢٩)= ٻيڙي جي اڳواڻ ۽ سچي ڄاڻ واري جي آسري تي.
ـ مُلا مُعَلِمَنِ (سامونڊي ١/١٠)= ناکئن ڪان (مُلا= ڪان).
● مَعلُمَ= معلوم.
ـ توکي مَعلُمَ سَڀَڪا (ذهر ١/٢، سورٺ ١/٩)= توکي سڀڪا ڄاڻ آهي.
ـ مَعلُومُ اَٿئي (سري راڳ ١/٥)= اي منهنجا ڌڻي توکي سڀ معلوم آهي، تون ڄاڻين ٿو (۽ تون ڪو ڪرم ڪر).
ـ مَعلومُ حالُ حَبِيبَ (آبري وائي ٤/١)= اي حبيب! توکي منهنجو حال معلوم هجي.
ـ مَعلُومُ ٿيو (يمن ٥/١٢)= اظهار ٿيو، اسان تائين پهتو.
ـ مَعلُومُ ٿئي (ڪلياڻ ١/١٨)= حاصل ٿئي، سمجهه ۾ اچي.

- ڏجي نہ مَنجهہ (ڪلياڻ ۵/۱۵)= منجهہ نہ ڏجي، راز نہ ڏجي.
- مونکي مَنجهہ نہ ڏِين (ديسي ۲/۷)= مونکي پنهنجو راز نہ پيا ٻڌائين.
- ڪِنهِ ڪي ڏيانِ مَنجهہِ (حسيني ۶/۷)= راز ڪنهن کي ٻڌايان.
● مَنجهہ= ۾، اندر.
- مَنجهہِ محَبتَ مَچَ (رامڪلي ۳/۸)= اندر ۾ محبت جو مچ (۽ ان جي ڪري ٻاڙها ۽ رتل).
- وِجهَڻُ مَنجهہِ هئومِ (سامونڊري ۳/۲۹)= پاڻ کي (پيڙيءِ ۾) اندر اُجلئو هئم (اڇليان ها).
- مَنجهہِ پيئو (سورٺ ۳/۲)= اندر محل ۾ آيو.
- مَنجهہِ ڪلي (سنهڻي ۱۰/۹)= قلعي منجهہ، مقابلي منجهہ، ڏکيي وقت ۾.
- مَنجهہِ ٽَران (مارئي ۹/۸)= ٽرن ۾.
- مَنجهہِ گرهہَ (سري راڳ ۲/۲۶)= گِريي ۾، اوسيڙي ۾، اُلڪي ۾، غم ۾.
- منجهہِ پريتِ (آسا ۵/۱۳)= دائمي محبت ۾.
- منجهہِ خُمار (ڪوهياري ۶/۲)= بي هوشي ۾.
- مَنجهہِ وِڙهي (ڪاراِيل ۲/۲۲)= اندران اندر وڙهي.
- مَنجهہِ پَريائين ماڳَ (سنهڻي ۱۱/۱۴)= اندر واريون سڀ جايون پريائين، دل سڄي پريائين.
- مَنجهہِ شَهادتَ (آبري ۶/۶)= شهادت واري منزل ۾.
● مَنجها، منجهان= مان، اندر مان، اندران اندر.
- مَنجها پيِني مَڪُريءَ (سري راڳ ۳/۵)= پيڙيءَ ۾ اندر پيني.
- مَنجها چاهہَ (سري راڳ ۲/۱۵)= حرص مان.

- منجهان تو مَعلومُ ٿئي (يمن ۵/۱۵)= پنهنجي اندران وجود مان تو کي معلوم ٿئي.
- مَنجها مَوجَ (سري راڳ ۲/۲۱)= موج مان، زور واري لهر مان.
- منجها رڱن روح (يمن ۶/۸)= رڱن مان روح.
- مَنجهان مُون (يمن ۲/۳)=مون مان، منهنجي اندر مان.
- مَنجها هيجَ (يمن ۱/۲۶، سارنگ ۴/۲۲)= هيج مان، وڏي چاهہ مان، وڏي سڪَ ۽ خوشي مان.
- مَنجهان مَتَنِ (ڏهر ۴/۱۴)= مَتن مان.
- مَنجهان مَن (آسا ۶/۸)= اندر مَنَ مان.
- منجهان تَنِ (مارئي ۱۰/۸)= تن جي سڪ مان.
- مَنجهان تَنِ جُسَنِ (رامڪلي ۳/۱۱)= تن جي بدن مان، تن جي واتان توڙي بدن جي اشارن مان.
- مَنجهان تڪَ (آبري ۹/۸)= تڪاٽي مان، تيزيءَ مان.
- مَنجهان پَهُ پَروڙ (آبري ۳/۱۱)= پنهنجي اندر مان پار پَتو ڪيو.
- روءِ منجهائين رَت (حسيني ۳/۱۰)= اندر ئي اندر ۾ رَتُ روءِ، رت جا ڳوڙها ڳاڙ.
- منجهان نيہ (راڻو ۴/۱)= نيهن مان، عشق مان.
- منجهان ئي، منجهائين (ڪلياڻ ۱/۱۸)=اندر مان، اندرئي اندر پنهنجي وجود ۾.
- مَنجهان مُون وِئو (يمن ۳/۱۴)= (تير) منهنجي جسم مان پار لنگهي ويو.
- مَنجهان نيہ نرتي (حسيني ۱۰/وائي-۱)= نرتي نيہ مان، سچي صاف محبت مان.
- مَنجهان سِڪَ (رپ ۱/۱۹)= سِڪَ مان، پيار واري حب مان.

● مَنڊي= مدي ڳالھ، مدائي.
ـ ڪَنين مَنڊي نہ سُڻيان (سري راڳ ۱/۹)= ڪنن سان مدائي واري ڳالھ نہ ٻڌان.
ـ مَنڊو مَ سُڻيان (بلاول ۲/۴)= مندائي وارو گفتو گلا نہ ٻڌان.
● مُنڊَ= عورت، زال.
ـ مُنڊَ نہ منجھان تَنِ (آبري ۱۱/۱۱)= هيءَ زال (سسئي) انھن عام عورتن مان ناهي.
ـ مُنڊَ ڪاڇي ڪَنڊيين (ڏھر ۴/۱۳)= مُنڊ ڪاڇي جي وٽن ۾، ڪاڇي جي ڪنار وارن پاڳن ۾ (ڪاڇي جي انھن پاڳن ۾ جتان سنگھار سانگ خاطر هليا ويا، اتي اڪيلي پئي گھاري).
ـ مُنڊَ پوڙئو مِهراڻ (سنھڻي ۱۲/۸)= هن مُنڊ (سنھڻي) مهراڻ درياءَ کي پوڙي ڇڏيو.
ـ مُنڊَ اَسُرنهين ميڙيين (ديسي ۱/۱۰)= يا الله! هيءَ ويچاري اَڻ- واقف (جيڪا رستي جي سونھين ناهي) سا شال ساٿ سان ملائين.
مَنڊُ، مَنڊَ=(سنسڪرت: مَديہ= شراب)، 'مد' جو عام سنڌي اُچار، شراب.
ـ مَهيَسر جي مَنڊَ (يمن ۶/۱۲)= ٻَني چڪائيندڙ جو شراب، وڏي چاڙهو جو تيار ڪيل شراب.
مَنڊُ ٻئو (يمن ۶/۱۹)= ٻئي قسم جو شراب، ٻئين قسم ۽ رنگ وارو شراب.
ـ مُلِ مَهانگو مَنڊُ (ڪلياڻ ۵/۲۵)= عشق وارو شراب ملھ مهانگو آهي.
مَنڊي (جمع) منڊيون=کير ولوڙڻ واريون مانڌاڻيون.
ـ منڊيون مَٿَ گُرَنِ (ڏھر ۴/۸)= مانڌاڻيون ۽ وڏين ماٽين جا وڏا آواز آهن (کير گھڻو آهي ۽ وڏين ماٽين ۾ ولوڙجي پيو، جن جي آوازن جي وڏي گونج).
● مَنڊُرُ= طلسم (جيڪو سمجھ ۾ نہ اچي).
ـ ماندريءَ منڊرُ پَکيڙئو (ڪلياڻ ۳/۱)= طلسم واري طلسم بنائي ڇڏيو.
● مُنڊرا= والا.
ـ جَن کي مَنَ ۾ مُنڊرا (پورب ۲/وائي-۱)= جن کي پنھنجي وجود ۾ والا آهن.
ـ مُنھَن ۾ مُنڊرا پاءِ (رامڪلي ۲/۸)= تون ڪنن ۾ مُنڊرا (ڇلا والا وجھہ).
● مَنڊَلَ ='سَر منڊل' ساز. محفل جي واڄن جو ماڌاڻ.
ـ مُنڊَ ٿي مَنڊَلَ وَڄِنا (سارنگ ۲/۱)= سانوڻ جي مند آئي تہ گوڙين جي گجڪار جا ساز وڄي ويا.
● مَنڊِڻُ = بنائڻ، سولو ڪري نـاهڻ، نـاهي بنـائي بيهارڻ، گڏڻ، ڳوهڻ.
ـ مَٿي پُورَبَ مَنڊِئا (پورب ۱/۱۶)= (خيما) پُورب جي طرف لڳايا (پورب ڏانھن وڃڻ جي تياري ڪئي).
● مُنڊُ = شروع وارو پاڳو، شروع، اصل.
ـ مُنڊَان جي مَرڪٽان (رامڪلي ۲/۱۹)= اصل کان جيڪي مَرڪندڙ آهن، (سندن سُهڻن لڇڻن جي ڪري) جتي ڪٿي مانائتا ۽ مقبول آهن، سرخرو ۽ سَرها آهن.
● مَنزِل دُورِ مَن تَنهَا (ڪوهياري ۶/۱۰، آبري ۲/۴) = (ف) منزل پري آهي ۽ آءٌ اڪيلي آهيان.
● مُنڪَرُ ۽ نَڪِيرُ (آبري ۸/۹)= فوتي کان پڇاڻي وارا ٻہ ملائڪَ.
● منگڻ= (سرائڪي) سوال ڪرڻ، گھرڻ. خيرات گھرڻ.

وارو زهريلو نانگ آهي، 'ناپَت' زمين جو نانگ آهي، بَر جي بلا آهي.

ـ نَانگ مَڻيَارُو (آسا ۳/۱۵)= مَڻ وارو نانگ.

● نَانگا= فقير، ننڌا جوڳي، چيلا.

ـ نانگنِ ڪِينَ نَمائِيو (پورب ۲/۱)= چيلن ناٿ (گروءَ) کي نئڙت ۾ ڪونہ آندو (پر الاهي عشق کيس نئڙايو).

ـ نَانگا وَڃين نگئو (پورب ۲/۱۰)= اي نانگا، تون نکري هليو وڃين ٿو (مڙهي اڏين ٿو تہ اتي ويهين نٿو).

نانہ= ناہ، نَفِي، نابودي، نيستي.

ـ نَفِيءَ سَندِي نانہ سين (آسا ۷/۲۱)= نابوديءَ واري نيستيءَ سين.

ـ نسوروئي نانہ جو (رامڪلي ۱/۳۴)= بالڪل ئي نِيستي وارو.

ـ نانہ ڪَري (سنهٽي ۱/۲۰)= نابود ڪري، هستي وڃائي.

ـ نانہ ۾= نَفِي ۾، نِيستي ۾.

ـ نيئي اَڏيا نانہ ۾ (مارئي ۸/۶)= پنهنجا پکا وڃي نانہ ۾ اڏيا (هن جهان مان هليا ويا).

ـ نَانہ جِي (رامڪلي ۲/۲۳)= نيستِي جي، نابودي جي.

ـ نَانہ جو (رامڪلي ۱/۳۳)= نيستيءَ جو، هستي وڃائڻ جو.

● نانءُ = نالو.

ـ نانءُ تَهين جو ڳِنُ (پرڀاتي ۱/۵)= تنهن جوئي نالو وٺ.

● نانئڻ، نائڻ= نَمائڻ، لاڙڻ، ڍارڻ.

ـ نيڻ تيڏاهِينِ نانءِ (رامڪلي ۲/۳۰)= اکيون اوڏاهين ڍار، نظر اوڏهين ڪر.

نَانِي= نانِي جبل جِتي هِنگلاج وارو تکيو آهي.

ـ نانِيءَ ڏانهــ نهــار (پورب ۲/۱۳)= ناني واري تکيي (هنگلاج) ڏي نظر ڪر.

● ناہ= نيستي، نابودي، عدم.

ـ اَحَدُ صِفَتَ ري ناہ (ڪلياڻ ۱/۲۳)= 'صفت' کان سواءِ 'احد' کي سڃاڻڻ مشڪل آهي.

ـ نَاہ ڪُلهي ڪري (آبري ۹/۵)= پاڻ تي نيستي وارو بار وجهي، پنهنجو پاڻ وڃائي.

ـ ناہ جيڏاهِين نِجُهرو (سنهٽي ۸/۱۳)= جيڏانهن 'ناہ' جو نجهرو آهي، نابوديءَ جو ماڳ آهي.

● ناهِسِ = نہ آهيس، هن جو نہ آهي.

ـ پَڌَرِ ناهِس پيرُ (ڪلياڻ ۲/۵)= ظاهر ۾ ان جو ڪو پير ئي ڪونهي، ڪو نشان ئي ڪونهي.

● ناءُ= سمنڊ جي ڪاڏي يا ڪاري (جنهن مان ٻيڙا وڏي سمنڊ مان ٻاهران اندر ڪناري ڏانهن اچن، يا اندران ڪناري واري بندر کان ٻاهر وڃن).

ـ مَٿي ناءُ نِشِينسِ (سري راڳ ۲/۱۱)= پنهنجي ٻيڙيءَ کي ناءُ تي وٺي وڃ.

● نَاڪَ= تکي تيز چهنب، ڀالي جي چوٽي، نَوڪ، اک جي اَڻِي.

ـ ناڪَ نيہَ جي (يمن ۳/۲۲، ڪنيات ۴/۱۰، ديسي ۷/۱۱)= محبت جي نوڪ، عشق جي چوٽ.

ـ نيڻ پريان جا ناڪُون (آسا ۴/۱۴)= محبوب جون اکيون تيرن جون تکيون چوٽيون آهن.

● نائڻ= نمائڻ، نئڙائڻ، جُهڪائڻ.

ـ نائي ميندِيءَ ڏار (ڪنيات ۳/۹)= ميندِيءَ جي وڻ جا ڏار نوڙائي، هيٺ ڪري.

ـ نائي ناگيلاءَ (رائو ۴/۱)= ناگيل وليون هيٺ نمائي، ناگيل وڻ جون ڦريون (ناگيليون) هيٺ جهڪي.

ڳنڍ ٻڌل (سيتو)، نہ بيٺ ۾ ڇيلھہ سان ٻڌل (رقم).

ـ نَڪين ڳبرِيَنِ ۾ (رامڪلي ۵/۸)= نڪين ڳبرين ۾ طعام (ھو توڪل تي آھن، ڪاڏو پاڻ سان ڪڻن ٿي ڪينِ).

نِکرتي= نِگرڙي، ڇَري، پوري.

ـ منجھا نيہَ نِکرتي (آبري ۹/وائي-۲۰)= نينھن منجھان، اي پوري!

● نِڪرنجُ= اوڙاھہ، وڏو اونھون سمنڊ، لاحَد، تمام پري تائين.

ـ نيئي وِجھہُ نِڪُرنَجَ ۾ (حسيني ۴/۱۲)= جانب ڪي ملڻ خاطر پنھنجو جوين ڪٺي اوڙاہ ۾ وجھہ، وڃائي ڦٽو ڪر.

ـ نَعَرُو منجھہِ نِڪُرنجَ (معذور ۷/۲۰)= وڏي ويراني ۽ بيابان ۾ سڏ ۽ دانھن.

● نِڪَلِي = اڪيلي، بَس، رڳو.

ـ روزِ نھاريان نِڪَلِي (راڻو ۴/۱۰)= روزانو رڳو پٺي وارو نھاريان.

ـ نا تہَ ھُيَسِ نماڻي نِڪَلِي (ديسي ۱/۱۷)= نہ تہ بس اٿين اڪيلي ھيس.

ـ نِھَاريندِيسَ نِڪَلِي (ديسي ۳/۱۰)= اڪيلي پٺي ڏسنديس.

● نِکَارڻ= اڇو اجرو ڪرڻ، نَئون ڪرڻ، چمڪائڻ.

ـ پاڻان نيہُ نِکارِئو (آسا ۵/۱۲)= ويتر محبت کي وڌايو.

● نڪتا (ڪاپائتي ۲/۵) (عام رائج اُچار)=نِڪتا.

● نَکَتَ، نَکتَرَ= تارن جا صورتن وارا ميڙ (جھڙوڪ ڪتيون، وِڇون وغيره) تارن جا نقش، ڪنھن سِتاء موجب بيٺل تارا.

ـ نَکو سُکُ نَکَتَرين (سري راڳ ۲/۸)= تارا سندن مقرر سِتائن موجب پيا اڀرن ھلن ۽ لھن، انھن کي بہ ڪو تکاءُ ڪرنھي، سک ڪرنھي.

ـ نَکَتَ سَبَ نَتِي وَتا (راڻو ۵/۳)= تارن جا نقش اولھہ طرف گھڻو ھيٺ ٿي ويا.

● نِکيڙڻ، نکڙائڻ= جدا ڪرڻ.

ـ نِکيڙي = ڪنوار کي مائٽن جي گھر کان جدا ڪري گھوٽ جي گھر وٺي وڃڻ.

ـ نِکيڙيءَ نِکڙايو (آبري ۷/وائي-۱۰)= نکيڙي ڪري (سسئي کي پاڻ سان گڏ) وٺي ھلو.

● نگاہَ = نظر.

ـ نگاہ ڪرڻ= نظر ڪرڻ، حفاظت ڪرڻ.

ـ ناڪُتا ڪجُ نِگاہَ (سري راڳ ۲/۱۹)= اي ناڪتا! تون سجاڳ ٿج ۽ سنڀالج.

● نِگڻُ= نڪرڻ، ٻاھر نڪرڻ، جدا ٿيڻ.

ـ تَنگان آھيون نِگنا (مارئي ۱/۶)= تنگ واري ماڻَ شان کان اسين ٻاھر آھيون، الڳ آھيون.

ـ پَکِي پيھِي نِگنا (ڪارايل ۱/۱۵)= پکي ڳپ ڇڪ ۾ پئي ٻاھر نڪتا.

ـ جو ناقِصِيَان نِگَنُو (ڪلياڻ ۱/۲۰)= جيڪو ناقصيءَ واري منزل مان نڪري اڳتي (معرفت جي ڪمال واري درجي) ڏي ويو.

ـ جنائين نَبِيُ نِگنو (بلاول وائي ۱/۱)= جتان کان نبي (ﷺ) ھليو، جتان کان نبي (ﷺ) آيو.

ـ وڃن نگنو (بروو ۱/۱)= نڪريو وڃن.

ـ نيہُ جنائين نِگنو (ڪلياڻ ۵/۸)= جتان عشق نڪتو، پيدا ٿيو.

● نِلو= اڪيلو، فقط ھڪ، ڪنھن ٻئي کان سواءِ، رڳوئي.

ـ پاري نِنْمِ پاهُ (معذور ۳/۳)=سخت سيءُ منهنجي رنگ رونق کي وڃائي ڇڏيو.

ـ نمائو نِنو (پرياتي ۲۱/۲)= پين اهو ويچارو (محتاج مگڻو سخي سبڙ تائين) وٺي پهچايو.

نَنْڍُ= ننڍڙ، نَمَڻُ.

ـ نِنِي نهارِيَمِ نارَ (ڏهر ۴/۱۵)= مون نِنڍڙي جانچي اها پاڻيءَ واري وَهندِي (نار) ڏٺي (جيڪا سانگي لنگهي ويا هئا).

ـ نَنِي نِهَارِ (سنهڻي وائي ۱/٦)= هيٺ نِنڙي نظر ڪر.

ـ نَنين= نَنِي، نِمِي.

ـ نِيَرَ سانُ نَنِين (ڪنيات ٦/۵)= نِيَرَ هوندي بہ نمي نِنڙي.

● نَنِڍُ، نَنِي وڃڻ= ۱. تارن نڪترن جو اولهہ طرف هيٺ تي ٿي وڃڻ، هيٺ لڙي وڃڻ ۲. رات جو گهڻو گذري وڃڻ، پوئين رات ٿي وڃڻ.

ـ نَنِي وِئا (راڻو ۲/۵)= اولهہ طرف گهڻو هيٺ لڙي وِئا.

ـ نَنِي وهائي (رپ ۱/۴۰)= آڌيءَ ڪان پوءِ، جڏهن رات صبوح واري طرف نَمِي وِهامي ٿي.

ـ نَنِي وِهائِيءِ نورَ سِين (مارئي ۹/۹)= وهائي رات جي اُجالي سان نمي پيرين پوان.

● نَنون= تازو جوڙيل، پُراڻي جو ضد (مونث. نَئين).

ـ نَئين سِين (ڪاپائتي ۲/۱)= نئين چرخي سين.

ـ سَندِي نِيہَ نَئِين (يمن ۴/۴)= سوز درد واري تازي ميخ، عشق جي نئين سر تار.

ـ نَئُون ڪرڻ (مارئي ۹/۱۴)= (اصطلاح) نئون لٿل ڏٿ (ان، ميوو وغيره) چکڻ نئين لٿل ڏٿ جي وَرَ ڪرڻ.

ني= ڪٺي وڃي (فعل. نِيڻُ).

ـ نايُون پايو نِي (ڪلموڏ ۳/۸، مارئي ۱/۲)= نُهنجون وڃهي ڪٺي ٿي وڃي.

● نِيءَ (آبري ٦/وائي)= ۱. بانهيءَ ۲. ڪنياٽي، ڏوهياٽي.

ـ نِيءَ نِڪَڻِي آهيان (حسيني ۱۰/وائي-۲)= بالڪل ئي بانهي آهيان.

● نياپا آئِيا (مارئي ۱/۹)= سندن پيغام آئيا.

ـ نِيَاپَا ني (مارئي ۹/۱۷)= پيغام ڪٺي وڃ، نياپا ڪٺي وڃ.

ـ نِياپا چائِيَا (مارئي ۳/۹)= نياپا چوائيا، نياپا چوائي موڪليا.

● نِيازُ نِڪَڻِي (سري راڳ وائي ۴/۱)= بس رڳو نيازئي.

● نِيامُ، نِيَمُ= (لغت واري معنيٰ) پڙو عورت جو، هيٺين اوگهڙ جو ڍَڪُ (چوڻي: رَن پني ڍُڏي، هي پيو نِيَمُ نپوڙي). (اصطلاحي معنيٰ) ڍڪ، پردو.

ـ نِيَسِ نِيہَ نِيَامُ (معذور ۴/۱۹)= نيہ هن جو ڍڪ پردو لاهي ڇڏيو.

● نِياءُ (راڻو ۴/۹)= انصاف، حق ڪرڻ.

● نِيبَہُ ٽِينڊَمُ (اليلان ۱/۱۱)= منهنجو ٽيندو ءِ مون سان ئي هوندو.

● نيٺُ= چمڙي جو وٽيل مضبوط رسو جنهن سان اٺ کي ڏانوڻ ڏجي، چمڙي جو وٽيل مضبوط ڏانوڻ.

ـ نيٺَ چِنايءِ نڪري (ڪنيات ۴/۱۳)= ارڏو ڏنگو اُٺ، مضبوط رسو چِنايو نڪريو وڃي.

● نيڄ= نئيڄ، پاڻ سان وٺي وڃڄ.

ـ نا اُميدِي نيڄُ (آبري ۱/۱۰)= نا اميدي پاڻ سان ڪٺي هلڄ.

● نِيَڄُ= اوزار (حجام جو پاڪي وغيره) سَندُ (دلو، ساندارو وغيره).

ـ واهڙ تکَ (سنڌي ١/١)=واهڙ جي وهڪري واري ٽڪائي.

● واهند=درياه جي ڦاٽ جو نالو (بهاولپور- ملتان طرف).

● واهُوندو (جمع) واهوندا= اولهه- ڏکڻ جو واءُ (جيڪو سياري پوري ٿيڻ تي مارچ مهيني کان وٺي لڳي).

ـ واهندئان (سارنگ ٤/٦)= واهندي واري پاسي کان.

ـ واهُوندي وَرَنِ (سامونڊي ١/٤)= (واپار لاءِ پرديس ويل وڻجارا شال) سياري پوري ٿيڻ تي موٽن.

ـ وَري واهُوندن، ڪِينجهر ڪٽورِي ڪير (ڪاموڏ ٤/١١) = بهار آئيندڙ واهوندي واريون هوائون وريون، جن سڀي ڪينجهر کي خوشبوءِ سان واسي ڇڏيو.

ـ وَريا واهُوندا (مارئي ٦/٤)= واهوندن وارا واء وري لڳا.

● واهيرو، وانهيرو = پڪيءَ جو آکيرو، رات جو پکين جي ويهڻ واري جاءِ.

ـ وَرِي وانهيري نه وَرِئا (ڪارايل ٢/١)=وري گهر واري ماڳ تي موٽي نه آيا.

ـ وانهيري وير (رپ ٢/٢٦)= سج لهڻ بعد آکيري ۾ ويهڻ وارو وقت.

● واهِيَتَ = واهِي تي ويهڻ، چوڪي دار.

ـ واهِيتَ ڪَنِ وَزِيرَ (مارئي ٥/١٧)= وزير مٿان نظرداري ڪن.

واءُ= لڳندڙ هَوا.

ـ وَاءِ وِڃايَمِ ڪَالَ (آبري ٩/٤)= ڪالهه، واءُ پنهونءَ جي قافلي جو پير مونکي وڃائي ڇڏيو.

ـ واءُ! وِڃاءِ مَ سو (آبري ٩/٣)= اي واءُ! اهو (قافلي جو پيرو) لٽي وڃاءِ نه.

ـ واءُ سُواءُ (سامونڊي ٢/٤)= اُبتو سبتو واءُ، اٿائو سٿائو واءُ.

ـ واءُ سَٿائو (سامونڊي ٢/٢٦)= سٿائو واءُ، سَولو واءُ (جيڪو ٻيڙي کي سنئين رخ تي سڌو سولو هلائي).

ـ وِلهُون ويلا واءُ (پورب ٢/١٨)= الله وارن فقيرن سيءَ، بکون ۽ ڪوسا واءُ پنهنجي جان تي سٺا.

● واءُ= واءُ جو مرض.

ـ وَڏِيَنَ ۾ واءُ (ڪنيات ٥/١٢)= هڪ پوڙهپڻ ۾ ٻيو واءُ جو مرض.

● واٽُيُون = جهنڊيون.

ـ وَڙڪَنِ اُپِيُون واٽُيُون (سامونڊي ١/٥)= ڪُوهن جي چوٽين ۽ ٻين جاين تي ٻڌل جهنڊيون پيون ڦڙڪن.

● واٿِ، وانٿِ (حسيني ٨/٧)= نظر، ڏسڻ، (چوندا: "واٿَ ڪر، يا وانٿُ ڪر ته هر شيءِ اڇي ني." يعني نظر ڪر، نهار ڪر).

● وائِي= ٻولي، ڳالهه، مقال، ٻچار، يادگيري.

ـ ٻِي وائِي وِساري ڇَڏِ (ڪلياڻ ١/١٥)= ٻي ڳالهه مقال وساري ڇڏ.

ـ وائي ٻي وسار (ڪلياڻ ١/١٤)= ٻي ڳالهه وساري ڇڏ.

ـ وَايُون ڪَري (معذور ٢/١٤)= ٻوليون ڪري، لاتيون ڪري.

ـ وائِي وارِ (ليلان ٤/٢)= ڳالهه ڪر، هائو ڪر (پرچڻ ۽ راضي ٿيڻ جي، دلاسي جي).

ـ وَائِي ڪَن نَه وَاتِ (آسا ٦/٦)= ان ڳالهه کي جيڪا هو سمجهي آيا تنهن کي واتان نه وائين، زبان سان ظاهر نه ڪَن.

ـ وَکَرَ ۾ وائي (ذهر ٥/١١)= پکين جي وَلر ۾ اها وائي.

ـ واڀوڙَنِ وائِي (يمن ١/٢٠)= وَيل گهايل عاشقن جي زبان تي اها ڳالهه.

● وچوتڻ= وِچ واري آڏ (سبب ۽ وسيلي واري)

ـ ويٺي وِچوتَڻ وِسرِي (آسا ۳/۷)= وچ واري آڏ خودبخود وچان نڪري وئي.

وِچان= وچ وارا.

ـ وِچان وِلَها ڏِينھَڙا (پرڀاتي ۱/۱٦)= وچ وارا ڏکيا ڏينھن.

● وِچين = اڳينءَ کان پوءِ ۽ سج لٿي کان اڳ وارو وقت، وچين نماز وارو وقت، وچينءَ جو. (اصطلاح) پڇاڙيءَ جو، پڇاڙي ٽائين، ويندي آخر دم ٽائين.

ـ وِچين ٿي ويلا ڪَري (سنھڻي ۲/۱)= 'وِچين' ويتر وڌيڪ ٿيندي ٿي وڃي.

ـ وِچينءَ وينڌُونِ (رامڪلي ۵/۲۰)= (اهي فقير سڄو ڏينھن هلن ۽) وچينءَ وقت ويھڻ وارا ٿين.

ـ وِچينءَ ڪِينَ وِرچَنِ (رپ ۱/۳۰)= وچينءَ جي وقت ٽائين ڪين ٿڪجن، ويندي پڇاڙي ٽائين ڪين ٿڪجن.

● وَچَنْ ڪيو (مارئي ۱/۱۰)= هائو چئي، وعدو ڪيو.

● وَچَارْ (سنھڻي وائي ۳/۱)= وچن وارو، ميھار.

● وَچَارَنِ = وچارن وٽ، ميھارن وٽ.

ـ وچَارَنِ وِڃي (سنھڻي ۱۰/۷)= وچارن وٽ وڃي، ميھارن وٽ وڃي.

ـ وَهَڻْ وَچارَنِ مَٿَئو (سنھڻي ۷/-)= ميھارن اهو واھڙ ڇڏيو (۽ مَٿي ٻئي پاسي وڃي ويٺا).

● وِڇاڻا= هَنڌَ پلنگ.

ـ سيٺي وِڇاڻا (راڻو ٦/۲)= اهي ساڳيا هنڌَ پلنگ (جن تي اڳ تون خوش ٿي سمھندو هئين).

● وَڇَڙا= مينھين جا ڦر.

ـ واڙي پايو وَڇَڙا (ڏھر ۳/۲۱)= مينھين جا ڦر واڙيءَ ۾ وڌيو.

ـ چورُ نه ڇُھي وَڇَڙا (ڏھر ۴/۲)= چور مينھين جي ڦرن کي هٿ نه وجھي، نه جھلي، نه ڪاهي.

● وِڇوڙِئا= وڇڙيل.

ـ وڇوڙِئا ميڙِ پرِين (سنھڻي ۱۱/۱٦)= پيارا محبوب جيڪي مون کان جدا ڪيا (وڇوڙيا) ويا آهن سي ملاءِ.

● وَڇُون= مينھين جون پاڏيون.

ـ وَڇُون ڪَريو واٽَ (سارنگ ۴/٦)= پاڏيون واڙن مان ڪڍي مٿي گس تي آڻيو.

● وَحدَتَ = الله جي هيڪڙائي، هيڪڙائي حق، طالب ۽ مطلوب جي ملي هڪ ٿيڻ واري وحدت.

ـ وحدتَ ساڻُ وِڃاءِ (آسا ٦/۳)= هيڪڙائي حق سان غير کي وڃاءِ ختم ڪر.

ـ وحدتِ جي وِهانه (ڪلياڻ ۱/۳)= 'وحدت' جي شادي.

ـ وَحدتَ سِپ وِڃائيا (سنھڻي ۲/۸)= هيڪڙائي واري وصال ۾، حق سان هڪَ ٿيڻ سان ظاهري وجود وڃائي ڇڏيا (سَنھڻيءَ جو جدا وجود ختم ٿي ويو، هوءَ حق سان ملي هڪ ٿي وئي).

ـ وِئا وَحدَتَ گَڏِجِي (ڪلياڻ ۱/۱۰)= وحدت سان گڏجي هڪ ٿي ويا، توحيد ۾ رلجي هڪ ٿي ويا.

ـ وَحدَتَ جي وَڌاءَ (يمن ۴/٦)= وحدت جي وڌاءَ خاطر، وصال ۾ ملي هڪ ٿيڻ خاطر.

ـ وَحدَتَ سِرِ وَجَنِ (آسا ۷/۳)= "وحدت" واري چوٽ تي وڄن.

ـ وَحد تان (ڪلياڻ ۱/۱۷)= وحدت مان.

● وَحدهٗ (ڪلياڻ ۱/۱۰)= هو (الله) هڪ آهي.

ـ "وَحَدَه" جي وَڍِيَا (ڪلياڻ ۱/وائي)= جيڪي هڪ الله جي، هيڪڙائي حق جي عشق ۽ عقيدي فنا ڪيا.

حاصل ڪيو.

ـ وَسُ ڪرڻ= پنهنجي پڄنديءَ آهر پورو زور لائڻ.

ـ ڪج وَڃڻ سين وَسُ (آبري ١/١٤)= هلڻ ۾ پنڌ ڪرڻ ۾ وڏو زور لائج.

ـ وَرُنهَ ڪجاءُ وَسُ (ڏهر ١/٢٠)= همت وارا جوان! تون (صبوح جو اٿي عبادت ڪرڻ جو) ڪو وڏو حيلو ڪجانءِ.

ـ ڪارُونَ وَسَ ڪِنامَ (حسيني ١٢/وائي-١)= مون منٿون ڪيون ۽ وڏا زور لاتا.

● وَسَ= وَسندي، ماڻهن جي پَهَر ۽ آبادي.

ـ وَڏي وَسَ هُنا (حسيني ٥/١)= منهنجي لاءِ وڏي پَهَرَ هُئا، پَرڃهلا هُئا.

● وِسارڻُ= يادگيري مان لاهي ويهڻ، يادگيري نه ڪرڻ.

ـ وساريج مَ وَرَ کي (آبري ٨/١)= پنهنجي پياري مڙس کي نه وسارجانءِ.

● وَسان= وس کان.

ـ وسان ويو (ڪنيات ٥/٤)= پنهنجي وس کان ويو.

ـ وَسان تي وِيِيَاسِ (حسيني ١١/١٧، سنهڻي ١١/وائي-٢) = تنهن ڪري، تڏهن ته، پنهنجي وس کان وِيس، بي وس ٿيس.

ـ وِيئي مُون وَسَان (آسا ٥/٨)= پر منهنجي وسان وئي (ماڻهو منهنجي بي حالي ڏسي سمجهي ويا).

وِسامڻ= وسامي وڃڻ (باهه جو). ختم ٿي وڃڻ (ڪنهن شيءِ جو).

ـ وَسي وِسَائِيُون (حسيني ٩/١٠)= (اکيون مينهن وانگر) وسي، ڳوڙها ڳاڙي وسامي وَيُون، بس ٿي ويون.

ـ روءِ وِسائي رانڊِ (حسيني ٩/٥)= راند کي ختم ڪري تون روئڻ جي ڪر، ڪل خوشي ڇڏي غم جا ڳوڙها ڳاڙ.

● وِسائڻ، وِسائڻ = باهه کي اُجهائڻ، ختم ڪرڻ.

ـ واقُفُ ٿي وِساءِ (ڪليات ٤/٢٩)=سوچي سمجهي ساڙيندڙ باهه کي وِساءِ.

ـ وِسائو سو واءُ (سامونڊي، ١/٣٦)= (ڏکيو خطري وارو) واءُ بند ٿي ويو.

ـ ويٺين وِسَامِي (رامڪلي ٢/١٤)= وسامي ويهڻ، ڪم يا پنڌ ڪندي ٿڪجي ٽٽي ويهي رهڻ.

ـ ويٺيس وسائي (مارئي ٥/٩)= بي حال ٿي ويٺس.

ـ ويهه مَ وِسَامِي (رامڪلي ٢/٢٩)= اُجهامي نه ويهه، ٿڪجي ساڻو ٿي نه ويهه.

● وسائڻ= مٿان پاڻي ڇنڪارڻ، مينهن وسائڻ.

ـ وَسائيندي وڄڙي (سارنگ ١/١٦)= وڄڙي مينهن وسائيندي، عشق جي ڪنوڻ عاشق جي اکين مان مينهن وسائيندي.

ـ وَسائجاءُ (مارئي ٥/١٠)= اوهين وَسائجو.

● وِسرڻُ= يادگيري تان لهي وڃڻ، وسري وڃڻ.

ـ سي تان وِسرِيَن (ڏهر ١/٨)= اُهي تان وِسري وين.

ـ تو ڪِئَن وِسرِئا (سامونڊي ٤/١٠)= تو کي ڪيئن وسري ويا.

ـ ويهه مَ وساري (آبري ٩/١)= يادگيري کان لاهي نه ويهه، لاهي نه ڇڏ.

ـ وِسرئوم سَبَقُ (ايمن ٥/٢)= مون کي سبق وسري ويو.

ـ آن جِڪسِ وِسريَانِ (مارئي ١١/١٣)= آءٌ شايد انهن کي وسري ويس.

● وَسڪارُ= ساوڻ جو مينهن، ان مينهن جي مند.

ـ وَرُ وِهڻ وَسڪاري (مارئي ١/٥)= وڏيک پلو نه

هني تان نہ لاهي، سندس هٿ هني ۾ آهن ۽ هروقت سوار ٿيڻ لاءِ تيار آهي.

● هِنهَان= هن کان.

ــ هاڻي هِنهَان پوءِ (ڪلهوڙي ٢/١٢)= هاڻي هن کان پوءِ.

● هُنهَين= اجايو، خوامخواه. مفت.

ــ هُنهَين هَٿَ هَٿَنِ (حسيني ٦/١٥)= ائين ئي خوامخواه ٻه (ڏيکاءَ لاءِ) منهن تي هٿن جا ڏک هٿن (جو جڻ تہ ڪين سخت ڏک آهي).

● هُنَان = 'هُن' کان.

ــ هِيءَ 'نہ هُنَان' ڏارَ (ڪليات ١/٢۴)= هيءَ (وجود) هُن (وجود حقيقيءَ) کان جدا ڪونهي.

● هِنيَڙا، هينڙا= اي منهنجا هانءَ، اي من، اي دل.

ــ هِنيَڙا اُڻِهُ مَ مُنجهُ (آسا ١/٢١)= اي منهنجا هنيڙا تون وسوسا نہ ڪر، نہ گهبراءِ

ــ هِنيَڙي اڇن (سنهٽي ۴/١۴)= هنيڙي کي اڇن.

ــ هِنيَڙا تَني پاسِ (ٻمن ١/٢٧)= اي دل، تن وٽ.

● هِنيَڙو، هنڙو= ويچارو هانءُ، هنيون، ويچاري دل.

ــ هِنيَڙو پريان ڪَڏهِين، ڏک نہ ڏکويو (رپ ١/٢٥)= محبوبن ڪڏهن بہ دل کي نہ ڏکويو.

ــ هنڙي ۾ حل ٿِيا (ديسي ١/١٦)= منهنجي دلڙيءَ ۾ ملي هڪ ٿيا.

ــ هِنڙي نت هُرَنِ (مارئي ٨/٥)= دل ۾ سدائين پيا رکي رکي ياد اچن.

ــ هِنيَڙي آوَنِ پُورَ (پورب ١/٢)= (سرائيڪي) دل تي (سڄڻ جا) خيال پيا چڙهن.

ــ هِنيَڙي پيہَمَ هوتَ سِين (حسيني ٧/٥)= منهنجي هنيين کي هوت سان آڙيڪن واري آڙي پئي، وَرَوت واري ڳَنڍِ پئي.

● هِنيان= دل، هانءُ، اي هنيان، اي دل.

ــ هُرَنِ مَنجهه هِنيان (مارئي ٨/٩)= هر هر پيا هنئين سان لڳن، ياد پون.

ــ تان ڪِين تَرُ هنيان (سنهٽي وائي ١٠/١)= اي منهنجي دل ڪجهہ ڪين تہ تَرُ، اڳتي تَري هل.

● هِنيُون= هانءُ، دل، من.

ــ هِنيُون حَقِيقت ڳَڏِئو (ڪليات ١/١٢)= دل کي 'حقيقت' سان ملائي، 'حقيقت' واري درجي تي آڻي.

ــ مُون هنيين (رپ ١/٢٢)= منهنجي هنيين کي.

ــ مَنجهارا هِنيين (سامونڊي ٢/٣١)= دل جان منجهان، هانءَ منجهان.

ــ هِنيين جهجَندي (ڏهر ٥/١٩)= هانءَ جهجڻ واري حالت ۾، ڏک ۾ هيٺيءَ دل سان.

ــ هنيين وِجهي هارُ (ليلان ١/١٣)= هار سيني مٿان پائي.

ــ هِنيين ٽُوٽِيُون (حسيني ۴/١٨)= هِنيين جُون ٽوٽيون، دل جون ٽيڪرون، من جون آڏرون.

ــ هِنيين سِين لاءِ (ڪاپائتي وائي ١/١)= دل سان لاءِ، دل سان هنڊاءِ.

ــ هِنيينِ اُڍَڪو نہ لَهي (سامونڊي ١/٢)= دل کي ڍرپ نہ لهي،ا ندرجي ڳِٽِتي نہ لهي (اهو ڍرپ ۽ اها ڳِٽِتي تہ سڄڻ ۽ ساٿي پرڏيهہ ويندا).

ــ هِنيين گهُرنِ اوڏڙا (بروو ٣/٩)= دل سان ويجهو وهارڻ ٿا چاهين.

ــ هنيين لائِي هامَ (معذور ٥/٢٣) (الف) ١. هنيين جي هام هٽي، پنهنجي دل کي مضبوط ڪري هوڏ هٽي، ٢. هنيين لائي حام= هنيين کي تپش ڏيئي، اندر کي

پاڻ ڦريون سي موتائي ڏئي.

● هُتان= نہ هجان، نہ هونديس، نہ رهنديس.

ـ هِتي تان نہ هُتان (مارئي ٢/١٠)= هتي تان نہ هجان، هتي تان نہ هونديس، هرگز نہ رهنديس.

● هُو= هو وجود، حقيقي وجود، ذات حق، ذاتِ الاهي.

ـ هُو پُڻ كونهي هِنَ ري (كلياڻ ٣/١٠)= حقيقي وجود بہ هن انساني وجود كان ڌار كونهي.

ـ 'هُو' پُڻ آهي 'هِنَ' سين (كلياڻ ٢۴/١)= هو حقيقي وجود بہ هن انساني وجود سان لاڳاپيل آهي.

ـ "هُو" ۾ گڏجي 'هو' ٿيا (كاموڏ ١/١)= اهي 'الله وارا' 'هو الله' ۾ سمائجي هڪ ٿيا.

● هُوءِ = پنڌ ۾ اٺن كي هكلڻ واري هُو هُو جو آواز.

ـ هوتَنِ هُوءِ (ديسي ٣/١)= هوتن جي اٺن كي هكلڻ واري 'هُو هُو'.

● هُو= ضمير اشارو، ذرا پري واري شيءِ ڏانهن اشاري جو لفظ.

ـ هِيءُ پيتو هُو آڻ كين (يمن ٦/١۴)= هيءَ شراب تہ پيتو ۽ ختم ٿيو پر (هُو جيكو پريان مَنِ ۾ آهي سو آڻ).

ـ هُو جي (يمن ١/٢٦)= اُهي جيكي (سچا عاشق).

ـ هُوءِ جي كيرَ پيَاكَ (سنهڻي ١/٢٠)=اهي كير پياك ميهار (سنهڻي انهن كير پياكن ميهارن (=ساهڙ) وٽ ويندي وهندي پاك ٿئي).

● هو (بنا پيش جي)= 'سڏ' جو لفظ، اي.

ـ هو مائي (رامكلي ٣/وائي)= اي امان.

● هَوائُون = پنهنجيون ذاتي خواهشون، ذاتي ترجيحون، حرص واريون تمنائون.

ـ هَوائُون هنگلاجَ ڏي (پورب ٢/١١)= (اي نانگا فقير!) هنگلاج ڏي ويندي پنهنجيون ذاتي خواهشون وسارِ.

● هوت= بلوچن جي هوت قبيلي جو فرد، هوت پنهون (اصطلاح) پيارو پرين.

ـ هاڙهي هوتُ نہ هوءِ (آبري ٣/١)= هوت (پنهون) هاڙهي جبل ۾ (پنهون) هوتُ كونهي (جتي تون ڳولين ٿي).

ـ جي هُني هوتَنِ لَكَ (معذور ٥/۴)= (پنهون ۽ كان سواءِ ٻين) هوتن بلوچن جا كٽي لک هجن.

ـ هوتنِ كاڻ هُني (ديسي ۴/٨)= هوتن كي مون سان سگَ كرڻ جي سک كاڻ هُني ٢. هوتن كي مون ڏانهن مَڏي كاڻ هُني.

ـ هوتَ نہ پُهچان هوڏَ (ديسي ٦/٢٠)= اي منهنجا هوت پرين! آءُ هوڏ هٺي كاڻ پهچنديس.

ـ هوتَ حُضورِ (آبري ٧/١٩، معذور ۴/٨، ليلان ٢/١٦)= هوت جي حضور ۾، حضور ڏانهن.

ـ هُنئُ منهنجو هوتَ ري (سنهڻي وائي ١٢/١)= پياري پرين كان سواءِ منهنجو جيڻ.

● هَوتَن (ادب ۽ احترام خاطر جمع جو صيغو)= وڏي شان وارو محبوب ۽ پيارو پرين.

ـ حَياتي هوتَنِ ري (يمن ٢/٨)= پيارن پرينِ كان سواءِ جيڻ.

● هوتا= 'هوت' قبيلي وارا، هوت پنهون ۽ جا پائر.

ـ مونكي تان سي نہ ڇڏيندا هوتا (كوهياري ٢/وائي) = مون كي تہ اهي هوتا پائر اكيلو نہ ڇڏيندا.

● هوتائي = هوت قبيلي جو (پنهون)، هوت جو اولاد.

ـ هوتائي هَمراهَ، اچي رس عليل كي (كوهياري ٦/١٠) = اي پيارا پنهون هوتائي! مددگار ٿي ۽ هن بيمار كي

# ROSHANI

**LEXICON OF LATIF'S WORDS AND EXPRESSIONS**

**BY**

N.A. BALOCH
M.A.L.L.B (M.U. Aligarh)
M.A.Ed.D. (Columbia. New York)

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY
HYDERABAD-SINDH
PAKISTAN
2017 A.D



ISBN 978-9-6962513-9-2